
هاڙهي ڏٽي هوت...........
مولانا
عبدالرحمان جمالي
شخصيت ۽ ڪردار
مرتب: جلال ڪوري
ڇپائيندڙ:
سامي فائونڊيشن

# هاڙهي ڏٽي هوت

مولانا **عبدالرحمان جمالي** صاحب
شخصيت ۽ ڪردار

مرتب
**جلال ڪوري**

ڇپائيندڙ
سامي فائونديشن

**ڊجيٽل ايڊيشن :**

2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ماريو آهي موت، مون معذوري مسڪين کي
هـــاڙهـــي ڏٽي هوت، اچي لوڙهه لتيج تون

# ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: هاڙهي ڌڻي هوت
مرتب : جلال ڪوري
موضوع : شخصيت
سال : آگسٽ 2016
ڇاپو : هڪ هزار
قيمت : 150 روپيا
ڇپائيندڙ: سامي فائونڊيشن
ڊيزائن : بهادر خان کوسو

Book Name:- Harhe Dhani Hoat
Compiled by :- Jalal Kori
Subject:- Personility
Year:- August 2016
Quantity: - 1000
Price:- Rs. 150
Published By:- Sami Foundation
Design: Bahadur Khan Khoso

**Sami Foundation**
Near Eye Hospital Akber-e-Azam
Road Umerkot

**سامي فائونڊيشن**
نزد اکين جي اسپتال اڪبر اعظم
روڊ عمرڪوٽ

Email:- sami.foundation@gmail.com
Website:- samifoundation.org.pk
Phone:- 0238-571593

# ارپــنــا

سنڌ جي حلالي فرزند،
سنڌ دشمنن تي وڄ بڻجي ڪڙڪندڙ
ملڪ جي ايوان بالا ۾ سنڌ جي حقن لاءِ گجگوڙ ڪندڙ
۽ سنڌ جي عظيم هيري دودي سومري جي پيڙهيا تي پڳ جو پرم رکندي جام شهادت نوش ڪندڙ

## شهيد خالد محمود سومري جي نانءُ

هو جهڙ ڦڙ جهڙ ڦڙ مينهن هئا،
هو مڙس هئا يا شينهن هئا،
اي ڪيت ڪڙو او! شال ٽڙو،
هو پنهنجا مينهن وسائي ويا
شيخ اياز

# فهرست


- جمالي صاحب کي منظوم پيتا .................... **سيف الله خالد يوسفاڻي**
- مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب کان پينل انٽرويو.............
- علامہ عبدالرحمان جمالي.................... **پروفيسر قلندر شاهہ لکياري**
- حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب ..... **ڊاڪٽر اسد جمال پلي**
- مولانا عبدالرحمان جمالي.. اهلِ دل انسان ............. **نوراحمد جنجهي**
- مون سي ڏناماء ........................................................ **زيب صوفي**
- جيئن سي سنگهار ........................................................ **سردار پيو**
- ولهيٽي ۽ ولهاري سلسلن جو سالڪ مولانا عبدالرحمان جمالي .. **آزاد سميجو**
- حضرت مولانا علامہ عبدالرحمان جمالي صاحب ...... **حافظ نورمحمد نهڙي**
- علم ۽ عرفان جي مجسم شڪل عبدالرحمان جمالي ... **عبدالحليم سومرو**
- مولانا عبدالرحمان جمالي سماجي رواداري جو ڪردار ..........**پريتم پياسي**
- محبت ۽ ڀائيچاري جي علامت ـ مولانا عبدالرحمان جمالي.....**بنسي مالهي**
- هو امن ۽ ڀائيچاري جو امين آهي ........................................ **ممتاز آريسر**
- سنڌ جو عالم مولانا عبدالرحمان جمالي ..................................**الياس ٽري**
- ڪرڪٽا لاهي وينا نہ وريام ....................................................**خطائي ٽيپو**
- سنڌ جو هڪ عالم، اديب ۽ مفڪر .............................. **حافظ اياز آريسر**
- مولانا عبدالرحمان جمالي علم جو انسائيڪلوپيڊيا ......**عبدالرئوف سومرو**

# اداري پاران

عمرڪوٽ جي پڙهيل لکيل انسان دوست ۽ روشن خيال ساٿين اناويهه سال اڳ جڏهن سامي فائونڊيشن جو بنياد وڌو هو تڏهن کان هن اداري جو اهو نصب العين رهيو آهي تہ اسانيت جي خدمت برابري جي بنياد تي ڪجي.

امراڻي جي سرزمين صدين کان وٺي زماني جا ڪيئي لاها چاڙها ڏٺا جن ۾ نفرت، اڻ برابري ۽ تفرقي بازي هميشہ شڪست کاڌي جڏهن تہ امن، ڀائيچارو ۽ انساني برابري سدائين فتحيات ٿيندي رهي آهي، هن علائقي جي اهڙي تاريخي ۽ ثقافتي حسن کي سهيڙي سميٽي منظر تي آڻڻ سامي فائونڊيشن جي مجموعي نصب العين جو انڪري بہ حصو رهيو آهي جو هن اداري جو رشتو لاڳاپو جي ڇيڪي مٽي ۾ ڪتل گهاٽي ٻڙجي پاڙن جيان امراڻي جي تاريخ ۽ ثقافت جي سرزمين اندر جٽادار طريقي سان ڦهليل آهي.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو سامي فائونڊيشن پنهنجي مجموعي ڪم ڪار ۽ انجي ڍنگ ۾ اين جي اوسٽ ڪلچرجي روايتي " لوڻ ڪاڻ " ۾ ڪري " لوڻ " ناهي ٿي بلڪ هن اداري غير روايتي انداز ۾ پنهنجون علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون ڪڏهن بہ مانيون ٽيڻ نہ ڏنيون آهن.

تيجسنگهہ سولنگي جي تاريخي ڪتاب " امرڪوٽ جو اتهاس " کان مزاحمتي سنڌي شاعري جي مجموعي " ٿي تند وڙهي تلوارن سان " سميت مختلف موضوعن تي ڪتاب ڇپائڻ، ادبي ليڪچر ڪرائڻ، علائقي جي معتبر شخصيتن کي مان ڏيڻ لاءِ ساڻس رهاڻيون رچائڻ ڪتابن جون مهورتون ڪرائڻ ۽ هي جهان ڇڏي ويندڙ مثالي ماڻهن جي ياد ۾ ڏهاڙا ملهائڻ واري عمل کي سامي فائونڊيشن انڪري جاري رکڻ ضروري سمجهيو آهي جو اسانجي خيال ۾ ڪنهن بہ زندهہ سماج کي صحتمند

رکڻ لاءِ ماني سان گڏ مانائتي اتساهه جي آڪسيجن به بيحد ضروري هوندي آهي. ان ڳالهه جي تسلسل طور اسين پوري ايمانداريءَ سان سمجهو نٿا ته هن ڪتاب ذريعي سجاڻ پڙهيندڙن جي اکين اڳيان ايندڙ عظيم ڪردار مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب اڄوڪي سنڌي سماج لاءِ اتساهه جو هڪ اهڙو سدا وهندڙ سرچشمو آهي جنهن جي ذڪر ۽ فڪر سان نفرتن جي پڙڪندڙ باهه کي آساني سان وسائي سگهجي ٿو.
مولانا جمالي صاحب جي شخصيت ۽ ڪردار تي چاڪاڻ ته هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مانوارن عالمن، اديبن ۽ شاعرن نهايت ئي تفصيل سان روشني وڌي آهي تنهنڪري ورجاءُ ڪان بچڻ لاءِ هتي رڳو ايترو چوڻ ئي ڪافي ٿيندو ته مولانا جمالي صاحب جي ڪم ۽ ڪردار جي مڪمل اپٽار ۽ انکي شايان شان پيٽاپيش ڪرڻ ته اسانجي وس جي ڳالهه ناهي پر اسان سندس حياتي ۾ هي ڪتاب ڇپائي رڳو پنهنجو پاڻ لاءِ مطمئن جو سامان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪري سگهيا آهيون .مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب تي سنڌي ٻولي جي نامياري اديب، شاعر ۽ استاد محترم جلال ڪوري صاحب پاران سهيڙيل هي ڪتاب " هاڙهي ڏٺي هوت " اميد ته اسانجي لائق پڙهندڙن کي پسند ايندو.
هن ڪتاب کي شايع ڪرائڻ سامي فائونڊيشن لاءِ وڏو اعزاز آهي ۽ اسانجي خواهش آهي ته شال اسين هن سلسلي کي قائم رکي سگهون.

محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن
تن جو صرافن، اٽتو ريوئي اگهايو.

نياز مند
غلام مصطفيٰ ڪوسو
ايگزيڪٽر ائريڪٽر
سامي فائونڊيشن
12 آگسٽ 2016ع

# مهاڳ

مولانا عبدالرحمان جمالي تي هي ڪتاب مرتب ڪرڻ جو سبب اهو آهي تہ مولانا صاحب ۾ مونکي زندهہ جاويد سنڌ نظر اچي ٿي . سندس سنڌي پٽڪي ، اجرڪ، شلوار، قميص ۽ سفيد سونهاري مبارڪ کي ڏسندي ئي علم، عقل، تهذيب، ثقافت ۽ روحانيت جون پالوٽون هٽندڙ سنڌ پنهنجي پوري تاريخ سان جلوه افروز ٿيندي نظر ايندي آهي. سنڌ اها بابرڪت ۽ پلاري پونء آهي جتي دراوڙن ۽ آرين جا تضاد ۽ عقيدن جا جهيڙا رهيا آهن، بحث مباحثا رهيا آهن.

جتي ٻڌڌرم، جين ڌرم ۽ هندو ڌرم جا هزارين سالن تائين ڪير صحيح آهي، ڪير غلط آهي جا بحث، جهيڙا ۽ جنگيون رهيو آهن.

ان ڪان بہ اڳ ۾ هتي ويد سنڌوء جي ڪنارن تي لکجن پيا .وحدت الوجود جهڙا بحث ويدن جي زماني ڪان سنڌ ۾ جاري آهن. نہ رڳو روحانيت تي بحث آهن پر روحانيت جا وڏا مقام ماڻڻ لاءِ مجاهدا، مراقبا، روحاني سفر جا تجربا ۽ مشاهدا ان زماني ڪان شروع آهن.

" سڀ ۾ صاحب هيڪڙو "

واري نتيجي تي سنڌي هزارين سال اڳ پهچي چڪا هئا. هيءَ ئي اها سرزمين آهي جنهن تي دنيا جون طاقتور قومون صدين ڪان حملہ آور ٿينديون رهيون آهن ۽ پنهنجا مذهبي، نيم مذهبي عقيدا، اصول، ريتون، رسمون ساڻ ڪري ايندا رهيا آهن ۽ " سڀ ۾ صاحب هيڪڙو " واري سنڌ جي فلسفہ حيات ڪان شڪست کائيندا ان جو حصو ٿيندا رهيا آهن. تنهنڪري سنڌ جي تهذيب ۾ دنيا جي مذهبن، عقيدن ۽ تهذيبن جا قدر ۽ نظريا جهلڪا ڏيندي نظر ايندا.

" مولانا گرامي جون تحريرون " ڪتاب ۾ صفحہ 271 تي مولانا صاحب فرمائي ٿو تہ **" هن سرزمين تي مذهب، عقيدي، نيم تاريخي ۽ نيم مذهبي**

**رسومات جي با همي اشتراڪ سان پيدا ٿيل آدرش جي اخلاقي تاريخ حيرت انگيز آهي. ان ڪري ئي عرض ڪيو اٿم تہ ساري دنيا جي مذهبن ۽ اصولن، انسانذات جي عقيدن ۽ رسمن، سڀني قومن جي معاشي ۽ معاشرتي قدرن جي جامع سرزمين اگر ڪا آهي تہ پوءِ اها فقط " سنڌ " آهي .سڀني مذهبن، عقيدن، نظرين، اصولن ۽ انهن جي جامع نصب العين جي مشترڪ تخليق اگر ڪٿي ٿي آهي تہ پوءِ اها فقط " سنڌ " ئي آهي.**
**دنيا جو ڪو بہ خطو سنڌ جي ان عظمت سان مقابلو ڪري نٿو سگهي.**
**اسان لئہ سنڌ ئي سڀ ڪجهہ آهي.**

**" ديس سچل دا درس درازا مڪونا ملتان "**
**بہ ان حيثيت سان چيو ويو آهي "**

سنڌ علم جي جهان ۾ سرواڻي ڪندي رهي آهي ان باري ۾ عرب تاريخدانن ۽ سياحن وڏا تفصيل بيان ڪيا آهن. هتي اختصار طور صرف بہ حوالا ڏجن ٿا.
مولانا گرامي صاحب ساڳئي ڪتاب جي صفحہ 725 تي لکي ٿو تہ ابن حجر عسقلاني هڪ قول بيان ڪيو آهي، فرمائي ٿو تہ حضرت علي رضہ چيو آهي تہ" **سنڌ اها سرزمين آهي جتان علم جو سج اڀريو آهي**.".
اخبار الحڪماء ۾ آيل آهي تہ" **دنيا جي سڀني قومن ۾ سنڌ علم ۽ حڪمت جو سرچشمو رهي آهي .دنيا جي سڀني قومن ۾ سنڌ عدل ۽ سياست جو پهريون مرڪز رهي آهي .اسانجي ملڪ ڪان پري هئڻ ڪري سنڌ جا ڪتاب اسانجي عالمن تائين گهٽ پهتا آهن**"
جيجل سنڌ جنهن ۾ صدين تائين مذهبي، نيم مذهبي، عقيدن، اصولن تي بحث رهيا، جتي صدين تائين روحاني سفر جون وارداتون ، تجربا ۽ مشاهدا بحث هيٺ رهيا آهن.تنهنڪري سنڌ وڏي دل گردي وارو سماج تخليق ڪندي رهي آهي.

انسانيت جا اعليٰ قدر رواداري ۽ برداشت سنڌ جو ورثو رهيا آهن . تنهنڪري سنڌ ۾ اسلام جي تشريح ۾ انهن اعليٰ قدرن آڌار ٿيندي رهي آهي. سنڌي عالمن سنڌ کي رواداري، برداشت ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن ۽ روحانيت جو مرڪز ٺاهڻ ۾ اهم ۽ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ جي مدرسن ۾ دستاربند عالم ٿيڻ لاءِ 22 سال پڙهڻو پوندو هو . جنهن ۾ علم الڪلام، حديث، فقہ، منطق، طب ۽ تصوف اهم سبجيڪٽ رهندا آيا آهن. تنهنڪري سنڌي سند وارا عالم پنهنجي مزاج ۾ صوفي ۽ وڏي دل گردي وارا فقير منش ۽ علم جا سج رهندا آيا آهن.

مولانا عبدالرحمان جمالي جي ذات جي پرورش ۾ انهن گوهر ناياب شخصيتن جون ڪاوشون ڪارفرما رهيون آهن. هاڙهي جا جابلو پٽ ڇڏي نارو پٽ وسائيندڙ اسانجي ممدوح مولانا عبدالرحمان جمالي جي ذات شخصيت ۽ ڪردار سازي ۾ ناري پٽ جي شاهاڻي مزاج جو بہ بنيادي ڪردار رهيو آهي.

اسين تفصيلن ۾ ويندا سين تہ ڪيئي ڪتاب تيار ٿي ويندا پر اسين مختصرطور جمالي صاحب جي استادن واري سند جي هڪ وڏي نالي ۽ برگزيده شخصيت مخدوم محمد معين ٺٽوي عرف مخدوم ٺارو لاءِ لکيل هڪ خط ۾ ننڍي کنڊ جي وڏي عالم حضرت شاهہ ولي دهلوي لکيو آهي تہ **"تون علم جي ميدان ۾ شينهن تي سوار آهين، ان تي توسان پيلهہ سوار ڪير ٿيندو؟"** هيءُ روايت محترم محمد ادريس السندي ڪتاب " رسائل مخدوم معين " جي مهاڳ ۾ صفحہ 03 تي آندي آهي. ائين ئي مولانا عبدالرحمان جمالي جي شخصيت ۽ ڪردار ۾ سنڌ سمائي پئي آهي. سنڌ جيئڻ اسلام جي تشريح ڪري ٿي، سنڌ جيئڻ اسلام کي سمجهي ۽ سمجهائي ٿي، سنڌ جيئڻ اسلام تي صدين کان عمل ڪري ڏيکاريو آهي ۽ ثابت ڪيو آهي تہ اسلام مساوات، برابري، تهذيب، برداشت، رواداري ۽

انسانيت جي اعليٰ قدرن ۾ ڳٽن جو مذهب آهي. سنڌي سند وارن عالمن ۾ مولانا جمالي آخري نشانين مان آهي.

رهـــــيا اتــئي رات، صـبـح ويـنـد ۾ صــابـري،
لُنءِ لُنءِ منجهه لطيف چئي، ڪرتنين جي تات،
ويــا جـــي پـــريـــات، ڪـــرم ملند ۾ ڪاپڙي.
(شاهه)

**جلال ڪوري**
**ڏيپو /عمرڪوٽ**
**12 آگسٽ 2016**

ع

## نذرانہ عقيدت

# بحضور حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب

سيف الله خالد يوسفائي



عـــالم آهـــي فاضـــل آهـــي فـــائق ۽ فهـــيم آ،
ٿـر نـاري جـي لئہ علـم جـي چـڻ بـاد نسـيم آ،
تفســـير كنـــدڙ شـــارح قـــرآن كـــريم آ،
گفتـــار گـــوهر بـــار مثـــل شـــام شـــميم آ،
راضـــي ٿيـــو مـــٿس خـــالق، رحمـــن و رحـــيم آ،
قـــادر ۽ كـــريم آهـــي ســـو قـــائم ۽ قـــديم آ،
تقـــدير ســـندس آهـــي ٿـــي تقـــدير بلالـــي
نـــالو آ ســـندس عبـــدالرحمان جمـــالي

مئہ خانـۂ توحيـد جـو هـڪ رنـد بلانـوش.
۽ ساقـي ء كـوثر جـي محبـت ۾ سـو مـدهوش،
طبيعـت ۾ فقيـري ۽ صـفا سـاده بـدن پـوش،
تـوكر ۾ سـندس تـاج، شهنشـاهي ۽ طربـوش،
مهتـاب مثـل ماهہ جبـين منهن ۾ آ مهـروش
مالـڪ آ مقـدر ۾ ڏنـس ديـن جـي آغـوش
بـي شـڪ سـو پلـو شـخص آ انسـان مثـالي،
نـــالو آ ســـندس عبـــدالرحمان جمـــالي.

تقريـــر ۽ تحريـــر ۾ درياهـــ جـــا ڌڌكـــا،
چـولي ٿـي سـموندبن جـي لڳـي وير كـان وڏكـا
گهونيءِ كـي لڳـو گهـارو ٿـتي ريـٽي جـي ٻنـڌ كـا،
مهـــراڻ آهســـتي پئـــي پـــور ۾ پنـــڌ كـــا.
نيـٽن ۾ رهـي كانہ انـڌو كـار ۽ انـڌ كـا ،
سـاقي جـو پيـاري كـٽي عرفـان جـي مـڌ كـا،
معمـــور كـــري محـــب بنـــان گهـــرڻ ســـوالي،
نـــالو آ ســـندس عبـــدالرحمان جمـــالي.

ســـيرت ۾ فرشـــتن جـــي مثـــل، صـــورت،
الله جـــي اســـلام جـــو وارث ۽ نگهبـــان،
ٿـر لاڙاتـر كـاڇي تـي مالـڪ ٿيـو مهربـان،
ٿيـو خـاص عمر كـوٽ تـي الله جـو احسـان
سـاكن ٿيـو اچـي سنڌ جـي هـن كنـڊ ۾ سلطان
سـاوا ٿيـا سـكل پٽ جـي ورهـين كـان هئـا ويـران.
آبـــاد كيـــا علـــم جـــا ويـڙهـــا وري والـــي.
نـــالو آ ســـندس عبـــدالرحمان جمـــالي.

طلبـا كـي مدرسـن ۾ ٻچـن جيئـن سـنڀالي،
مسـكين ويتيمن كـي سـو پڙهـائي ۽ پـالي،
هـڪ اک سـان ڏسـي هـر كـنهن حـالي ۽ بـي حـالي،
سـيني كـي علـم فهـم جـي سـانچي ۾ سـو ڍالـي،
شـاباس ! آهـي شـخص انهـيءَ جـيءُ جيـالي،
ٻـارن سـان ركـي آس ٿـو الله جـي نـالي،
پـارس ٿيـا پڙهـي جنهن كـان كئـين عـالي معـالي،
نـــالو آ ســـندس عبـــدالرحمان جمـــالي .

انسان سان الفت جو سدا درس ڏئي ٿو،
انسان جي خدمت کي سو اسلام سڏي ٿو،
فتنن کي ٿو ٽاري ۽ فسادين کي نندي ٿو،
هر دين جي ماڻهن جي هو تعظيم ڪري ٿو،
ڪنهن کي بہ عمل پنهنجي سان تڪليف نہ ڏي ٿو،
ايرن ۽ اٻوجهن کي گلي لائي ملي ٿو،
مسڪين ۽ مظلوم سان محبت آ سنوالي،
نالو آ سندس عبدالرحمان جمالي

هن شخص کي جن جن ڏکويو سي ڏکيا ٿيا،
سورن ۾ سڙيا درد جي دونهيءَ ۾ دکيا ٿيا،
بدنام ٿيا بي زر ٿيا، بي گهر ۽ بکيا ٿيا،
ڪيني ۽ حسد ساڙ جي نانگن کان ڪکيا ٿيا،
پهتا نہ پرينءَ پارسي راهن ۾ زکيا ٿيا،
هن شخص صفا قلب سان سرتا، نہ سکيا ٿيا،
سينن ۾ سندن بخل بدي خام خيالي،
نالو آ سندس عبدالرحمان جمالي.

محلات نڪو محل نڪو ناٿ نڪاٽو،
پينگهو نہ پلنگ کٽ نہ ئي طول وهاڻو،
سادو ۽ سٻاجهو آ سلڇڻو ۽ سياڻو،
وينجهار جو واري جي مٿان آهي وڇاڻو،
نازڪ ۽ نفيس آهي سو نرمل ۽ نماڻو،
سڏجي ٿو سڄي سنڌ ۾ سو راڄ جو راڻو،
رب پاڪ ڪيو ڪيس عطا رزق حلالي،
نالو آ سندس عبدالرحمان جمالي.

خالق آ ڏنو ڪيس وڏو ڪٽنب قبيلو
اولاد سندس آهي سلڇڻو ۽ سجيلو
توڪل تي تري وير جو وچ سير بتيلو
ڪمزو جو قيوم ۽ قادر آ ڪفيلو
انسان جي وس آهي فقط هاج ۽ حيلو
هر حال ۾ مخلوق جو واحد آ وسيلو
سجدن ۾ ڪري شڪر ٿو اپرو ۽ عيالي،
نالو آ سندس عبدالرحمان جمالي

هڪ رهبر اسلام جا هن فرض ادا ڪيا،
فتنن ۽ فسادن کي فهم ساڻ فنا ڪيا،
دستور اخوت جا نئين طور روا ڪيا،
محمود ۽ اياز کي هڪ هنڌ کڙا ڪيا،
آڪڙ ۽ تڪبر ٻئي اڇلائي ڦٽا ڪيا،
مغرور ۽ حاسد کان ڇني ڏار ڇنا ڪيا،
سينو آ سندس ساڙ حسد ڪيني کان خالي،
نالو آ سندس عبدالرحمان جمالي

الله رکج شاد ۽ آباد سڄڻ کي،
محبوب مٺيادار مٺي محب مکڻ کي،
آگا تون اگها ئيج سندم عرض ڪرڻ کي،
ڳٽ پائي وجهي پاند پليءِ جي تون پنڻ کي،
سڻ سيف جي سڪ سوز مان سڏڪڻ ۽ سڏڻ کي،
قادر تون قبوليج سند ۾ شعر لکڻ کي،
ويڙها پيو وسائيج تون وينجهار جا والي،
نالو آ سندس عبدالرحمان جمالي.

**تاريخ سان ڪچهري**

# مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب کان پئنل انٽرويو



اڄ اسان سنڌ جي هاڪاري عالم ۽ اڪابر سائين مولانا مفتي عبدالرحمان جمالي صاحب جن جي علمي درسگاهه تي ساڻس پئنل انٽرويو ڪرڻ لاءِ ڳڌ ٿيا آهيون، جن ۾ منهنجو پيارو دوست عبدالحليم سومرو صاحب، حافظ نور محمد نهڙي صاحب ۽ ٻيا ساٿي موجود آهن ۽ ايف ايم جي اسٽيشنشن ڊائريڪٽر سائين امر بلوچ صاحب جن جي خاص مهرباني جنهن رڪارڊنگ جي سڄي سهولتڪاري فراهم ڪئي. اڄوڪي هن انٽرويو جو بنيادي مقصد هڪڙي مثالي ڪردار جي من جو ڳالهيون معلوم ڪرڻ آهي. سنڌ جو اڄوڪو دور جنهن ۾ تنگ نظري ۽ تنگ دستي جي حالت ۾ ماڻهو جيئن ٿا، سماج ۾ اسهپ جو جيڪو رحجان محسوس ٿئي ٿو اهو تشويشناڪ آهي ، ان سموري المناڪ صورتحال جو اڪيلي سر مقابلو ڪندڙ سائين مولانا عبدالحمان جمالي صاحب جنهن نہ رڳو عمرڪوٽ بلڪ سڄي سنڌ ۽ هڪڙي معنيٰ ۾ پوري پاڪستان ۽ سڄي دنيا اندر سنڌي عالمن جي علمي سند کي عام ڪيو ۽ پنهنجي علمي ڏاهپ جي ذريعي خدمتون سرانجام ڏيندڙ آهي

جمالي صاحب جنهن سطح جا عالم سڳورا آهن، اسان کين لطيف سائين جو هي بيت ٽي پيٽا ڪري سگهون ٿا تہ،

پاڙي وبج هيام، تانسين مون نہ پڇيا،
تيلاهين پيام، موريسر اکين ۾

اجان تائين سائين جمالي صاحب صحتمند آهن ۽ اسان جي درميان آهن شال کيس وڏي ڄمار عطا ٿئي ۽ اسان مستفيض ٿيندا رهون، اسان چاهيون ٿا تہ هڪڙو غير روايتي ۽ جامع قسم جو دستاويزي انٽرويو ڪريون جيڪو اڳيان هلي تاريخ جو هڪ ماخذ ثابت ٿئي جيڪو اڄ کان سئو يا پنج سئو سالن کان پوءِ بہ نئون ۽ نرالو هجي جنهنجي آڌار تي اها سهپ واري سنڌ ۽ سهڻي سنڌ تعمير ڪرڻ لاءِ ڪا ڪوشش وٺي سگهون، ۽ اسان جو سماج ڪو ساهہ پٽي سگهي، تہ اسين شڪر گذار آهيون سائين مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب جن جا جن ضيف ال مري ۾ بہ اسان کي ٽائيم ڏنو ۽ اسان سان گڏ ويٺا آهن، ۽ اسان جي اها خواهش آهي تہ سائين سڄي ڄمار اسان جي محفلن ۾ جلوه افروز رهن.

سوال : سائين توهان جا وڏا اصل ڪٿي جا رهاڪو هئا ؟ انهن جي ڪرت ڪهڙي هئي؟ توهان جنهن علائقي ۾ پيدا ٿيا ان جو علائقائي ۽ سماجي پسمنظر ڇاهيو؟

جواب : مهرباني سائين ميرحسن آريسر ۽ ٻيا دوست امر بلوچ ۽ حليم سومرو صاحب ۽ ٻيا مهربان دوست توهان جي وڏي مهرباني جو توهين جيڪي آيا، اوهان کي خدا تعاليٰ جيڪا ماڻهن کي سڃاڻڻ جي توفيق ڏني آهہ ۽ خدا تعاليٰ جيڪا لياقت سنڌ جي همدردي ۽ انسان ذات جي حق لئہ ڏني آهي، انهي ٽي توهان کي هن دنيا جي اندر اسان جهڙن پوڙهن، ۽ ضعيف ماڻهن ڏي موڪليو جن کي دنيا پڇندي ڪانهي، پر توهان جاوڙ توهانجون مهربانيون، توهان جا احسان توهان اسانجا فتاع بي بها آهيو، توهان اسانجو سرمايو ۽ دولت آهيو، توهان اسان جي لئہ جيڪي چئو ٿا

اهو پنهنجي لياقت جو اظهار ڪيو ٿا، يعنيٰ آئون اهو آهيان جيڪو پنهنجين گهٽتاين ڪي پاڻ سمجهان ٿو سو توهان نٿا سمجهي سگهون. سائين منهنجا آئون عبدالرحمان جمالي مرحوم بابي عبدالله جو فرزند بلوچستان جي علائقي هاڙهي جو رهاڪو جنهن کي شاهه صاحب "هاڙهي ڏٽي هوت" ڪري فرمايو آهه هاڙهي ميدان جي آندر هي قبيلو رهي ٿو ۽ منهنجا وڏڙا اتي رهيا، اسان جنهن قبيلي سان وابسته آهيون، ان جي وڏي شاخ سرنڌڙ جي نالي سان معروف ۽ مشهور آهي جيڪو لفظ پشتو ٻوليءَ جو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، پراڻو ياقديم ۽ ان قدامت کي اليگذنڊر يا سڪندر آيو هو، اتي گدور نالي هڪڙي قوم آهي ان علائقي کي انهن پنهنجي علائقي کي گادرشاهه نالي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي. جيڪي يونانين جا تاريخدان هئا، جاگرافي دان هئا انهي علائقي ۾ اسين ڪيئن آباد ٿياسين، تنهنجي لئه اسانجا قبرستان ٻه آهن هڪڙو قبرستان جيڪو پراڻو آهي جنهن کي لٽي يا لٽين جو قبرستان چئجي ٿو، لٽي هڪڙي قوم آهي، جيڪا ٻروچن ۾ ڪلمتي ٻروچن جي هڪڙي شاخ آهي، انهن کان اهو علائقو جيڪي مالوند ماڻهو هوندا هئا پنهنجي علائقي کي هٿ ڪرڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي مال کي سولو ڪرڻ لئه اڳيئن قوم کان اهو علائقو جيڪڏهن هو انهن کي خوشي سان نه ڏيندا هئا ته هو وڙهي ٻه حاصل ڪندا هئا اهو دور هڪڙو جهيڙن جو دور هو، وڏي ڪا قوم يا وڏو ڪو حڪمران ڪو نه هو جو سيني کي پاڻ ۾ گڏي، تنهنڪري هاڙهي کي اسان لٽين کان حاصل ڪيو هو جن جي قبرستان جي اندر ۾ انهن جي قبرستان جي سرن جي مٿان پٿرن جي مٿان گهوڙا ۽ ان سان گڏ نکوار چٽيي پئي آهي، اڻ پڙهيل هجڻ جي صورت ۾ هو شڪل جي لحاظ کان هي اهي نشانيون رکندا هئا ته جنگ جي لحاظ کان اسان هنن کان هارايو يا کٽيو آهه

اتي اندازن پنهنجي استادن جي اندازي مطابق 1 اپريل 1934ع ۾ منهنجي جنم جي تاريخ آهي. جيڪا قطعي يقيني ڪانهي ڇو ته ٻي سال وڏي به ٿي سگهي ٿي ۽ ٻي سال ننڍي به ٿي سگهي ٿي اتي منهنجي پيدائش آهي، ان ڪان پوءِ منهنجي قوم جا جيڪي باشنده يا رهاڪو آهن. انهن جي اندر ۾ منهنجو خاندان پنهنجي قوم جو سربراهه هو ۽ انهن کي مدد خان حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو لڪ جيڪو قلات ۽ لس ٻيلي کي پاڻ ۾ ملائي ٿو جنهن کي شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ "موزوريون مَٿي ويا " موزور اهو لڪ آهي، جنهن جي منهن تي اسين ويٺا آهيون شايد ان دور جا جيڪي حڪمران هيا تن اسان کي انهي علائقي کي انعام ڪري ڏنو معنيٰ جاگير ڪري ڏني هاڻي اسان پنهنجي علائقي جي وڻن ٽڻن کي انهن جي پنن کي چرڻ لاءِ ڪو ٽيڪس ڪونه ادا ڪندا هئاسين فقط اها ڳالهه هوندي هئي ته اسين انهي لڪ کان جيڪي هن رياست تي حملو ڪن انهن جو دفاع ڪريون اها دفاع جي شرط اسان تي لڳل هئي اسانجو پيشو مال چارڻ هوندو هو جنهن ۾ رڍون، ٻڪريون اچن ٿيون مينهن ۽ اٺيون به اچن ٿيون مينهيون اسان وٽ ملڪ ۾ پاڻي نه هئڻ جي ڪري ڪونه هونديون هيون اهو اسان جو هڪڙو پيشو آهي پيشور جي حيثيت ۾ اتي رهياسين. اڄ ته هتي منهنجي  قبيلو آهي اتي رهي ٿي ۽ آئون وري پنهنجي قسمت سان هتي اچي ويو آهيان.

سوال : سائين توهان جا والد بزرگوار پڙهيل هئا.؟

جواب منهنجي قوم ۾ پهريون شخص آئون ئي آهيان جيڪو پڙهيو آهيان مون کان اڳ ۾ ڪوبه پڙهيل ڪو نه هو ۽ آئون واحد شخص آهيان جيڪو پڙهيل آهيان ۽ ان کان پوءِ پنهنجي ڀائرن ۽ پنهنجي ٻچن کي تعليم ڏياري هاڻي نياڻيون به ۽ ڇوڪرا به گهڻي ڀاڱي تعليم وارا ٿي چڪا آهن اڳ ۾ پڙهيل ڪوبه ڪونه هو.

سوال : سائين ان سان لاڳاپيل هڪڙو ٻيو سوال آهه تہ توهان جا ڀائر ڪيترا آهن.؟

جواب : اسان ڪل ٽي ڀائر آهيون. انهن سڀني مان آئون وڏو آهيان ۽ ٻہ مون کان ننڍا آهن ۽ اهي ٻئي ننڍا پرائمري ماستر هئا هڪڙو تہ بيٽ آفيسر بہ ٿي ويو ۽ هڪڙو رٽائرڊ ٿي ويو اسين 3 ڀائر هياسين اسان جي والد صاحب کي پڙهائڻ جو شوق هو پوءِ اسان هاڙهو ڇڏي لس ٻيلو ڇڏي ڪراچي جي پرسان حب ڪالوني ۾ اچي رهياسين ڇو تہ منهنجو والد ماجد پنهنجي پيءُ جو اڪيلو پٽ هو ۽ ننڍي هوندي هن جو پيءُ وفات ڪري ويو ۽ هن اسان جو جيڪو ڏاڏو هو ۽ ان جي جيڪا پوک هئي سا ڏاڍائي واري هئي ۽ ماڻهو جڏهن ڪمزور ٿيندو آهي تہ ان جو نتيجو وري پوئين تي ايندو آهي تنهنڪري منهنجي والد ننڍي هئڻ جي حيثيت ۾ اندازن هو ڇهن ستن سالن جو هو جو هن جو پيءُ وفات ڪري ويو ڇهن ستن سالن جو ٻار ان کي ان جي زمينن کي رهاڪن کي اسان جي ئي قوم جي فردن جن تي اسان جي ئي پڙ ڏاڏي ڏاڍ ڪئي هئي، اهي سڀ مخالف ٿي پيا، ان کان پوءِ منهنجو والد حب ندي جي علائقي ڪنڌ تي اچي رهيو. شادي بہ اتي اسان جي قوم جا ماڻهو رهن ٿا انهن مان ڪيائين. ۽ تنهن کان پوءِ اسان اتي ئي رهياسين. تقسيم هند کان 3 سال اڳ اسان سنڌ ۾ آياسون.

سوال : سائين توهان پنهنجي تعليم ڪٿان پرائي؟ توهان جا جيڪي استاد هئا، ۽ توهان جا جيڪي هم عمر شاگرد هئا انهن جي باري ۾ ڪجهه اسان کي ٻڌايو؟

جواب : الحمدالله اسين جڏهن ٺنڊي الهيار ۾ آياسين ڇو تہ منهنجو مامون وفات ڪري ويو هو ۽ منهنجي مامي جي وفات جي ڪري، جيڪي اسانجا مخالف هتي جا هئا سي وري واپس اتي ئي آيا، پوءِ بابي کي چيائون تہ تون اسان کان عيوض وٺندين ، اسان جي سئوٽ جي ٻنين تي

تون قبضو ڪندين. بابي چيو تہ آئون ٻنين تي قبضي ڪرڻ وارن مان ناهيان، مون کي منهنجن ڏاڏن جي ٻني بہ نصيب ڪونہ ٿي. سو هنن جي ڇا ٿيندي؟ تنهن کان پوءِ هو پنهنجون رڍون ٻڪريون وڪڻي سنڌ ۾ آيو. ٽنڊي الهيار ۾ غلام حيدر سريوال جي پرسان رهياسين اهو غلام حيدر سريوال جو ڳوٺ ڪاماري وارا جيڪي پير آهن انهن جي پرسان آهہ 1947ع جي اندر اتي مون تعليم شروع ڪئي، ۽ شروع ڪرڻ جو سبب اهو بنيو جو اسان جي زميندار جو جيڪو ڪمدار هو ان کي پنهنجو پٽ نور محمد بروهي پڙهائڻو هو ۽ مون کي ان جو معاون ڪري چيائين تہ تون وچ تنهنجو خرچ بہ آئون ڀريان ٿو ۽ منهنجي پٽ جو آئون ڀريان ٿو تون پڙهہ. آئون اتي ويٺس هڪڙو سال پڙهيس ۽ پڙهائڻ وارو اسانجو استاد ميگهواڙ هو جيڪو پوءِ مسلمان ٿيو ان وٽ مون تعليم پرائي، انهي تعليم پرائڻ جي دوران هن مون کي ايترو تہ پڙهائيو جو پهريون درجو پاس ڪرڻ کان پوءِ درخواستون لکڻ ۽ منشي تي زميندار جون ڦيٽون وغيره لکڻ، ۽ 30 روپيہ پگهار جو ملڻ اهو 1948ع ۾ ڪيو پر منهنجو پيءُ جنهن مون کي چيو تہ مون کي توکي پڙهائڻو آهي. اسان جا جيڪي رشتيدار هئا سي ساندن جو ڳوٺ آهہ ولهيٽ حبيب الله ساند تعلقي عمرڪوٽ ۾ مشهور علمي خاندان آهي، ميان ولهيٽ وارا مشهور آهن. جن جو واسطو علمي حلقن مان ڪاروڙي وارن سيدن سان بہ هو، چيلهہ جي سيدن سان بہ هو ۽ سمان جيڪي ميان سڏبا آهن. ڪنيري وارا انهن سان بہ هو ۽ شاگردي وارو ان جو سلسلو بہ طرفو هو. هڪڙو ميان مسيڻ سان مليا ٿي، ٻي طرف ميان محمد عثمان قراني جي معرفت مولانا محمد هاشم ٺٽي سان انهن جو سلسلو گڏيو ٿي اتي آئون آيس 1950ع ۾ ۽ 1950ع کان پوءِ مون تعليم شروع ڪئي اتي آئون 5 ست سال پڙهيس، 7 سالن ۾ مون 1957ع جي اندر دوره حديث جو پڙهيو ۽ انهي وچ ۾ مون فائنل جو امتحان پهرئين پاس ڪرڻ واري علمي لياقت جي مون پنهنجي منهن پاڻ ڏنو. جنهن ۾

آئون پاس ٿي ويس 12 فيبروري 1953ع ۾ آئون پرائمري ماستر ٿيس، ان کان پوءِ پرائمري ماستر جي حيثيت ۾ ٻارن کي تعليم ڏيندو هئس، ۽ هوڏانهن آئون پاڻ بہ عربي پڙهندو هئس.

1957ع کان پوءِ 1958ع ۾ آئون حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ۾ هليو ويس اتي آئون بہ سال پڙهيس، ٻنهي سالن ۾ آئون سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيس، ۽ يونيورسٽي ۾ مولوي فاضل جو امتحان ڏنو ان ۾ بہ آئون پهريون نمبر آيس، هڪڙي امتحان ۾ مسٽر غلام حسين سچاروي پهريون نمبر کٽي ويو. باقي ٻن امتحانن ۾ مون پهريان نمبر کنيا. اها منهنجي علمي محنت چئو يا ان کان پوءِ آئون 1960ع کان پوءِ عربي جي تعليم ڏيڻ لڳس ۽ اڄان تائين اها تعليم ڏيندو اچان پيو.

سوال : سائين توهان اسان کي ديني تعليم بابت ٻڌايو توهان جا استاد ڪهڙا هوندا هئا؟

جواب : الحمد شريف کان وٺي دوره تائين مولانا عبدالسميع ساند ولهيٽ وارو منهنجو استاد آهہ ٻيو ڪوبہ استاد ڪونهي.

سوال : سائين سڄي ان ديني تعليم دوران توهان جا هم عمر شاگرد ڪهڙا هئا؟

جواب : سائين لسٻيلي جا شاگرد بہ هيا اسان ٽي ڄڻا گڏ پڙهياسين هڪڙو مولانا علي خان سميجو پحيلي وارو پيٽلو هندوستان ۾ هڪڙو ڳوٺ آهي، ٻيو مولانا محمد هاشم الڳاريو. جيڪو قلمتين جي شاخ آهي لسٻيلي وارو، ٽيون آئون،تن اسان 1957ع جي اپريل ۾ دورو پورو ڪيو.

سوال : بحيثيت معلم جي توهان پنهنجون ڪجهہ يادگيريون بہ ٻڌايو؟

جواب : معلم جي حيثيت ۾ مون کي هڪڙي ڳالهہ ياد پئي اچي تہ تعليم پڙهڻ کان پڙهائڻ ۾ انسان جي ذهانت وڌي ٿي ۽ معلم جي اصليت ان کي پڙهائڻ ۾ اچي ٿي پڙهائڻ واري دور ۾ جن علماء سان مليس، انهن علمائن ۾ مولوي محمد علي جوڻيجو عالم جي ڳوٺ وارو. مولانا محمد سعيد پنيرو

مولانا عثمان قرآني جو پٽ، مولانا عبدالخئي جو پٽ مولانا نور محمد قرآني جو ڀاءُ مولانا محمد صالح سمون ميرپورخاص جي جامع مسجد جو خطيب، مولانا عبدالحق رباني نصرپور جو بهترين عالم ۽ هڪڙو آزاد منش انسان بي باڪ انسان ۽ مولانا محمد اسماعيل مسڻ وارو ۽ ٻيو مولانا عبدالڪريم مسڻ وارو مولانا غلام محمد صاحب ڪلوري وارو ۽ ٻيو مولانا عبدالڪريم ڍگهڙي وارو مولانا عبدالقيوم ڍگهڙي وارو ۽ ٽر جا مولانا عبدالمجيد ساند، ميراحمد ولهيٽ جو، مولانا محمد علي ولهيٽ جو ان سان گڏوگڏ ٽر جا مولوي مريد علي صاحب اهي سڀ سٺا ۽ اوچا عالم هئا

سوال : جن عالم سڳورن جو توهان ذڪر ڪيو ۽ جيڪي توهان سان گڏ پڙهيا يقينن انهن جا نالا توهان وٽو ٿا تہ اسانجي ذهن جي ڦرهي تي پورو هڪڙو علمي پسمنظر اچي ٿو وچي جيئن عبدالڪريم مسڻ وارو جا جيڪي لکيل ڪتاب جيئن "مرد قلندر" ، "ٽڏا وڻ ولهار" جا يا "سڪ جو سفر" اهڙي طريقي سان عبدالحق رباني صاحب، عبدالحق رباني صاحب جي باري ۾ اسين توهان کان معلوم ڪرڻ چاهينداسين ڇو تہ سائين جن لئہ اهو مشهور آهي تہ هن جي ساٿ ۾ ان دور ۾ جيڪي هاري تحريڪ جا اڳواڻ هئا جيڪي بظاهر سوشاسٽ اڳواڻ هئا، حيدربخش جتوئي جي جماعت جا ماڻهو هئا اهي سڀ رباني صاحب سان گڏ هوندا هئا رباني صاحب انهن جي رهنمائي ڪندو هو ۽ ٻيو ان سان لاڳاپيل اهو سوال بہ پڇڻ چاهينداسين تہ اسان ٻڌو آهي تہ توهان مولوي عبدالله لغاري صاحب جي جنازي نماز پڻ پڙهائي هئي؟ مولانا عبدالله لغاري اها شخصيت آهي جنهن "سرگشت قابل" لکيو ۽ جيڪا مولانا عبيدالله سنڌي سان گڏ هن سموري آزادي جي تحريڪ ۾ صعوبتون سٺيون، عذاب سٺا مشڪلاتون سٺيون انهن کي هن شخص ڪيئن پنهنجي سر تي کنيو ۽ ڪيئن سٺيون اهو سڄو پسمنظر اسان کي سمجهائيندا تہ عبدالحق رباني کان وٺي عبدالڪريم مسڻ واري تائين جن ماڻهن جون جيڪي خدمتون هيون يا

مولانا عبدالله لغاري صاحب سان توهان مليا هئا يا توهان رڳو جنازي نماز پڙهائي هئي يا پڙهائڻ جو توهان کي موقعو مليو.؟
جواب : سائين توهان بهترين پهلو ڪڍي هڪڙو سوال ڪيو آهه جنهن ۾ علمي ستارا آهن جيڪي مولانا عبدالحق رباني جيڪو شاگرد آهي مولانا تاج محمد جو جيڪو نصرپور جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي، ۽ ان جي جيڪا سند آهي، ۽ ان جي جيڪا نسبت آهي سا ساڳئي اسان واري سند واري آهي جيڪا مخدوم محمد هاشم سان ملي ٿي پر مولوي صاحب وري واپس دوره پڙهڻ لئہ ديوبند ويو هو. ديو بند جي پڙهڻ جي دوران هن شخص جي ذهني هاڪ سڄي مدرسي ۾ ڇانئجي وئي هئي ساليانو امتحان ٿيو تہ ساليانی امتحان ۾ رباني صاحب کي ٻيو نمبر ڏنو ويو پهريون نمبر ٻئي ڪنهن عالم جي حصي ۾ آيو مولانا چيو ٻي انصافي ٿي آهي اها بي انصافي مون کان برداشت ڪانہ ٿيندي انهي ڪان پوءِ سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ مولانا شيخ الهند رح جي جيڪا تحريڪ آزادي هئي تنهن ۾ ميمبر ٿيو تنهنجو بحيثيت ميمبر ٿي ڪم ڪيائين نهايت بهادر انسان هو ميربنده علي خان جيڪو سڄي پاڪستان ۾ موڪي جيڪا زمين آهي ان جهڙو ڪو زميندار ڪو نہ هو. 93 هزار ايڪڙ زمين هوندي هئي ان ماڻهو جي سامهون اليڪشن ۾ بيٺو مير بنده علي هن کي پئسا آڇيا. ان وقت جا ٻہ لک يا ٽي لک وٺ يا جيڪو منهن مان ڪڍ اهو ڏيان ٿو جيئن آئون بنا مقابلي جي ڪامياب ٿي وڃان. مولانا صاحب جو اهو تاريخي جواب هو تہ توهان جا اهي سمورا پئسا ان ڪان وڏيڪ ناهن جو تون هر ان غريب جي دروازي تي ويندين ۽ سوال ڪندين ان هڪ سوال جو بہ بدلو ڪونهي تنهن ڪري آئون چوان ٿو تو جهڙا وڏا ماڻهو غريبن جي درن تي پٽڪن جيئن اوهان جي درن تي غريب پٽڪندا آهن. مولانا جو جيڪي ورڪ ڪندڙ ماڻهو هئا سي سڀ يعنيٰ اهي سڀ آزاد منش ۽ دلير هئا جهڙوڪ فتح خان ٽنڊي باگي وارو ۽ ان سان گڏوگڏ جيڪي ٻيا. جن کي ماڻهون

سوشلسٽ چون ٿا سوشلسٽ جي ماڻهو غلط معنيٰ ڪڍن ٿا تہ اهي منڪر آهن، سوشلسٽ جي معنيٰ آهي تہ هو ڪنهن انسان جي برابري جو قائل آهي وڏ ننڍائي جو قائل ڪونهي فقط فرق اهو آهي پوءِ مولوي صاحب يعنيٰ پنهنجي انهي ڪم کي جاري رکڻ لاءِ نصرپور مان هڪڙو رسالو ڪڍيو ان جو نالو "مبلغ" رکيائين. نصرپور جا جيڪي پانڌياڻي هئا، وڏا زميندار هوا انهن جا مولوي تي بار آيا. مير صاحبن جا ۽ ٻين وڏن ماڻهن جا تن انهن کي تڪليف ڏني پوءِ مولوي صاحب پنهنجي جيڪا ٻني هئي سا وڪڻي جيڪا پريس ڪڍي هئائين سا وڪڻي حيدرآباد الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۾ وڃي مولوي صاحب پنهنجو مدرسو کوليو ۽ پريس هلائي فتح محمد نالي هڪڙو شخص هو. اهو ذات جو چنڊ هو، ان جي مدد سان ان جي مسجد ۾ رهيو اتي مولوي صاحب انهي ڪم کي هلايو پر انهي بہ ڪنهن ساٿ نہ ڏنو. ۽ اهي سرمائيدار ماڻهو جي قبضي ۾ اچي ويا پوءِ اتان کان مولوي صاحب ميرپورخاص هليو آيو ۽ اتي بہ رسالا ڪڍيائين موحد ۽ المبلغ ۽ ميرپورخاص ۾ ئي گذاري ويو. پيٿي صاحب جي پارٽي ۾ ويو اسان جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي. مون چيو مانس تہ توهين پيٿي صاحب جي پارٽي ۾ ويا آهيو توهان تہ ديني عالم آهيو چيائين تہ آئون عالم آهيان پر پيٿي صاحب ۾ ڪجهہ داڻا نظر اچن پيا تڏهن مون چيو توهان کي ڪهڙا داڻا نظر اچن پيا هن چيو هي اهڙو ليڊر آهي جنهن مان ڪم وٺي سگهجي ٿو هي اهڙو نڊر ليڊر آهي ۽ هي ڪو ڪم ڏيئي بہ سگهي ٿو پوءِ انهي لحاظ کان مون ۽ مولوي صاحب اختلاف پنهنجو ظاهر ڪيو پر مولوي صاحب چيو تہ توهان کي سياست جو ذرو واءُ بہ نہ لڳو آهي ٿورو تجربو ڪندو تہ توهان کي پتو پئجي ويندو پوءِ آئون نٿو چوان تہ صحيح آهيان يا غلط آهيان. ۽ پيٿي صاحب جڏهن رباني صاحب کي جيل ۾ وڌو انهي کان پوءِ ملاقات ڪيائين ۽ چيائين تہ وڏيرا نيٺ وڏيرا ٿي پيا اهڙي طرح هي بهادر نڊر انسان پڇاڙي زندگي ۾ فخر ڪندو هو تہ منهنجا پٽ مون آفيسر ڪو نہ

ڪيا سب ماستر ڪيا هن جا جيڪي پٽ هئا سي ڪي ليڪچرار ٿيا ان تي چيائين مون کي فخر آهي عبدالشڪور ڪميسٽري جو ليڪچرار هو. جيستائين اهو هو تيستائين هو قائم هئا مولوي وفات ڪري ويو تہ هو ٻئي پاسي هليا ويا باقي مولوي محمد اسماعيل مسڻ وارو ۽ عبدالڪريم مسڻ وارو اهي بہ ندبر ۽ سٺي ۾ سٺا انسان هئا. انهن جي ٻني بہ 8 ايڪڙ هئي ان مان ٻن ايڪڙن ۾ ڪڍيائين هاءِ اسڪول جيڪو اڄان هلي پيو جنهن مان پيدا ٿيندڙ ڊاڪٽر جنهن مان وڏي ۾ وڏا انجنير محمد هاشم جهڙا يا ڊاڪٽر حسن لغاري اتي جا پڙهيل آهن هو پنهنجي پر ۾ ڪم ڪري ويو هليو مير صاحب احمد خان ٽالپر اهو هنن جو دوست هو هي هنن وٽ ايندو هو. اهي سڀ ماڻهو حقيقت ۾ پڪا مسلمان هئا.

سوال : هڪڙو ننڍڙو ضمني سوال آهي تہ، مولانا رباني صاحب بابت توهان کان پڇون ٿا تہ مولانا عبدالحق رباني توهان کي چيو تہ پيٽو صحيح آهي توهين نٿا سمجهو. اسان پڙهيو آهي تہ پيٽي صاحب اهي سيئي با ضمير ماڻهو جيل ۾ وڌا انهن جي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن تي بندش وڌي اخبارون بند ٿيون ۽ هڪڙي تمام غير جمهوري ڊڪٽيٽر واري روش اختيار ڪئي وئي ۽ ان کان پوءِ عبدالحق رباني صاحب جيل مان آزاد ٿيڻ کانپوءِ پيٽي جي دور ۾ سخت پيٽي جو مخالف تي ويو هو چون ٿا تہ هو پنهنجي دوستن کي چوندو هو تہ آئون پنهنجي تجربي ۾ غلط ثابت ٿيس، ان تي روشني وجهو؟

جواب : ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ پيٽي کي پوءِ هو صحيح نہ سمجهندو هو پر پوءِ بہ ٻين جي مقابلي ۾ هن لاءِ سٺي راءِ رکندو هو ۽ پيٽي واقعي اهي ماڻهو جيڪي با اصول هئا، معراج محمد خان ۽ ٻين با اصول ماڻهن کي تڪليف پهچايائين پر پيٽو پنهنجي ڪم جي اندر بہ تڪڙو هو. جنهن ڪم ڪرڻ تي آيو سو غلط يا صحيح ڪري ڇڏيندو هو. تنهن ڪري

مولانا عبدالحق رباني ٻين سياست دانن جي ڀيٽ ۾ پيٽي صاحب کي وري به پسند ڪندو هو.

سوال : سائين مولوي عبدالله لغاري صاحب جي باري ۾؟

جواب : مولانا عبدالله صاحب متعلق عرض ته جڏهن آئون ڪاليج ۾ ويس 1958ع ۾ تڏهن هو ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو جي جڳهه تي رهندو هو. ۽ اتي مولانا عبيدالله سنڌي جو فلسفو پڙهائيندو هو ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جو جيڪو ڪتاب تفسير الهام الرحمن هو. اهو الهام الرحمن اتي ٻڌائيندو هو. انهن جي پڙهڻ وارن ۾ خاص خاص ماڻهو هئا بيگم شمس عباسي جيڪا قاضي اڪبر وارن جي ڀيڻ هئي. سيد پناهه علي شاهه جيڪو ڊائريڪٽر ٿي گذريو آهي اهو هو. اهڙي نموني سان آفيسر به هئا، ته واپاري به هئا. پر اهي ماڻهو جيڪي مولانا عبيدالله سنڌي کان متاثر هئا، هاڻي انهي معاملي ۾ مولانا اتي پڙهايو ٿي اتي به خاص به سورتون پڙهائيندو هو هڪڙي سورته ماجدا ۽ ٻي سورته النساء چوندو هو ته انهن ٻنهي سورتن جي اندر ۾ احڪا مات اسلامي گهڻا آهن احڪا مات اسلامين کي اهڙي انداز ۾ پڙهائيندو هو جنهن ۾ مقامي حل موجود هوندا هئا پوءِ هاليپوٽو صاحب ڊاڪ ويو هليو مقالو لکي ڏنائين "خدا جو وجود" ۽ اهيو مقالو سڄي دنيا جي عالمن کي ڏنائين ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو صاحب اهو اوڏانهن ويو هليو ان جي گهرواري امينا هاليپوٽو مولوي صاحب جي خدمت ڪندي هئي پنهنجي پيءُ وانگر ڀائيندي هئي ان جي ڪوٺي هوندي هئي ان ۾ تڏو وڇايل هوندو هو. نه ڪا کٽ هئي هڪڙي پيتي هئي جنهن ۾ بنديون هيون تفسير جون انهن سان پيتي پري پئي هوندي هئي، اسين وڃي اتي فيض وٺندا هئاسين. انهي ڪوٺي ۾ مولانا عبدالله صاحب وفات ڪري ويو ڊاڪٽر هاليپوٽو صاحب جاپان ۾ هو ۽ مولانا صاحب وفات ڪري ويو پوءِ مولانا کي تڙ ڏيڻ وارو آئون هئس، ۽ مولانا جي جنازي نماز پڙهائڻ وارو به آئون هئس، مولانا جيڪا هيئنر

لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي آهي، اها سول اسپتال طور سڃاتي ويندي هئي، اتي ڪنهن وارڊ ۾ هو اتي نماز پڙهائي. هن جو اولاد هڪ نياڻي هئي، جيڪا سانگهڙ جي ويٺل هئي. ان جي نياڻي ۽ مڙس پيئي آيا، مولانا جي جنازي نماز اسان پڙهائي پوءِ مولانا کي ڪٽي روانا ٿياسين، پوءِ سڀ ماڻهو بيٺا هئا مون کي اهي الفاظ ۽ ڪيفيت ياد آهي تہ شمس عباسي جا لڙڪ وهيا پئي.

سوال : اوهان سنڌ جي ماضي ۽ حال ۾ ڪهڙو فرق محسوس ٿا ڪريو ۽ ان تناظر ۾ اوهان وٽ موجود جيڪا ديني سند آهي ان جي اهميت کي ڪيئن بيان ڪندا ؟

جواب : اسان هينئر جيڪا ديني سند تقسيم ڪيون پيا. ۽ پوري دنيا جا مجيل عالم ان کي قبول ڪري حاصل ڪن پيا، اها سند مرحوم محمد هاشم ٺٽوي رح جي طرف کان لکيل آهي ۽ ان جي هيٺيان جيڪي بہ عالم آهن سي سڀ سنڌي آهن. مثال طور آئون عبدالرحمان سنڌي آهيان، مون جيڪا سند ورتي آهي مولوي عبدالسميع کان اهو سنڌي آهي، ان وري غلام رسول چانڊئي کان ورتي اهو سنڌي آهي، ان ورتي آهي، مولانا محمد عثمان قرآني کان اهو بہ سنڌي آهي، مولانا صاحب اجازت ورتي آهي مولوي غلام رسول چانڊئي کان ان ورتي محمود احمداڻي کان جيڪو ٽنڊي الهيار جي پرسان رهندو هو مولانا محمود احمد ۽ مولانا محمد عثمان ٻنهي اجازت ورتي آهي مولانا لال محمد کان جيڪو مٽيارين جو هو. مولانا لال محمد اجازت ورتي آهي مولانا عبدالولي کان اهو بہ سنڌي آهي، مولانا عبدالولي اجازت ورتي آهي مولانا عبدالغني کان اهو بہ سنڌي آهي. ان ورتي آهي مولانا عبدالڪريم کان اهو بہ سنڌي آهي ان ورتي آهي پنهنجي پيءُ محمد عثمان کان اهو بہ سنڌي آهي ان ورتي آهي نورمحمد نصرپوري کان اهو بہ سنڌي آهي ان ورتي آهي مولانا محمد هاشم ٺٽوي کان جيڪو پڻ سنڌي آهي.

گوياڪ اسان جي هي 11 هين صدي تائين سند سنڌي علمائن جي آهي، ۽ اها سند سنڌ جا جيڪي ٻيا مدرسا آهن تن وٽ ڪانهي ڇو تہ سي سڀ ديوبندين يا بريلوين جا شاگرد آهن ، بريلوي ۽ ديوبندي ٻئي انڊيا جا مدرسا آهن، اسان جي سند خاص سنڌ سان آهي هاڻي هن سند جي ٻي خصوصيت اها آهي تہ مون غبدالرحمن کان 22 ماڻهو ٿين ٿا، دنيا جي ڪابہ سند 22 ماڻهن تي ڪانهي جڏهن مون کان سند محمد تقي ورتي پئي تہ مولانا محمد تقي ۽ ان جي ياءُ رفيع مولانا عبدالحليم چشتيءَ ان سان گڏوگڏ سڄي دنيا جا عالم تن بہ اها مخدوم صاحب کان دنيا جي ويجهي ۾ ويجهي سند چيو آهي.

سوال : ڪجهہ ڏينهن اڳ اسان هتي ويٺا هئاسين تہ توهان وٽ ڪي غير ملڪي شاگرد آيا، جن مان ڪي مصر جا شاگرد هئا، پهريون پيرو ڪي مصر جا ماڻهو ڏسڻ جو اسانکي موقعو مليو پنهنجي لباس ۾ پنهنجي جسامت ۾ پنهنجي قدبت ۾ ڪافي منفرد هئا ۽ واقعي لڳا پئي تہ هو مصري آهن، اهي ويٺا هئا توهان انهن کي سند ڏني مون توهان کان پڇيو تہ هي ٻاهران ماڻهو اچن ٿا تہ، توهان ٻڌايو تہ، سموري دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو مون کان سند وٺن ٿا، جڏهن تہ اها سند سنڌ وطن جي شهرت جو وڏو سبب آهي جيڪا 22 سلسلن سان حضور جن صہ سان ملي ٿي، تہ اها سند توهان لاءِ اطمينان ۽ خوشي جو باعث بڻبي آهي ۽ اوهين سوچيندا آهيو تہ آئون خوشنصيب ماڻهو آهيان جنهن وٽ هي سند آهي جيڪا آئون سڄي دنيا ۾ ان کي ڦهلائيان ٿو يا پهچائيان ٿو.

جواب : توهان علمي سوال ڪيو آهي الله توهان کي خوش رکي دنيا جو اهڙو ڪو ملڪ ناهي جتي اها سند نہ پهتي هجي، هاڻي اها سند سنڌين جي متاع بي بها آهي، جو سنڌي ماڻهو ان کي پهچائين پيا ان جو ظاهر ظهور مثال اهو آهي تہ، آئون نيڪ ڪونہ هئس ڇوڪرو مون کي وڏي ويو عمري تي اتي جا جيڪي عرب عالم سڳورا هئا، مسجد نبوي جا تن کي

جڏهن خبر پئي تہ اسان کي هٿو هٿ کڻڻ آيا، اسانجون مهمانيون اسان کي کپڙا ڏيڻ، پئسا ڏيڻ بہ ڏينهن اسان کي مکو شريف گهمايو وري واپس مديني شريف پڳاسين مدينو گهمايو اها سند حاصل ڪرڻ لاءِ عرب جا ماڻهو اڳئي آيا هئا، پوءِ رياض مان ماڻهو آيا هئا جدي مان ماڻهو آيا، ۽ سعودي جي ٻين علائقن جا ماڻهو آئيا جن اسان کان اها اجازت حاصل ڪئي توهان پاڻ خود سمجهو ٿا تہ پنهنجي پيءُ پنهنجي ڏاڏي، پنهنجي خاندان کي جيڪڏهن شهرت ملي ٿي تہ طبيعت انسان خوش ٿئي ٿي اسان جي خاندان کي خاندان علمي ۾ جيڪا محمد هاشم رحہ جي سند مقبول ٿي آهي، آئون جيڪو ان جو ذريعو بنيو آهيان، خدا تعاليٰ جا ٿورا جنهن مون کي ذريعو بنايو ۽ مون سند کي عام ڪيو.

سوال : انهي سند جي حوالي سان توهين جنهن ناماچاري جو سبب بنيا آهيو جنهن سان سنڌ کي شهرت ڏيا ري آهي. اها ساڳي سنڌ مختلف حوالن سان صدين کان نيزي تي ٽنگيل رهي آهي، ۽ جيڪي استحصالي قوتون آهن جيڪي ڪڏهن سنڌ کان پاڻي ٿيون ڦرين ڪڏهن ڌرتي ٿا ورهائين، ڪڏهن وسيلا ٿا ڦرين تہ ڪڏهن پاڻي، جڏهن سنڌ جي پاڻي جو اشو ٿيو هو سنڌودرياء تي ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جو مسئلو ٿيو هو تہ ان ۾ ٻطرفي جدوجهد هلي هئي، هڪڙي پاسي سياسي جدوجهد هئي، جلسا هئا، جلوس هئا ۽ ڌرڻا هئا تہ ٻئي پاسي سنڌي عالمن جيڪي وطن دوست مزاج جا آهن ۽ وطن انهن کي وڏيڪ عزيز آهي انهن ماڻهن جيڪا جدوجهد ڪئي، جدوجهد جو هڪڙو پاسو اهو بہ هو تہ هو ميدان تي بہ هئا ٻي طرف وري هڪڙي فتويٰ آئي هئي جنهن ۾ ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت کي شرعي طور تي ناجائز قرار ڏنو ويو هو، ان فتويٰ جو پسمنظر ڇا هو؟ ڇاڪاڻ تہ اها فتويٰ ڏيندڙ جيڪي بہ مفتي صاحبان هئا تن ۾ توهين سر فهرست هئا، ۽ اها ايڏي تاريخي فتويٰ آهي جيڪا ايندڙ وقت ۾ اسان جي نسلن کي درياء بچائي ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندي . تہ ان فتويٰ جو پسمنظر ڇا

هو؟ ۽ شهيد خالد محمود سومرو صاحب بہ هو جنهن سموري سنڌ ۾ جيڪا سياسي جدوجهد هلي ان جي اڳواڻي ڪندا هئا جيڪا ڪميٽي ٺاهي ويئي ان سان توهان جي ڪيئن ملاقات ٿي ۽ توهان جو تبادلہ خيال ٿيو ۽ آخري نتيجي ۾ اها فتويٰ آئي ڪيئن هئي ان جا اثر ڪهڙا نڪتا؟

جواب : مهرباني، توهان هڪڙي تاريخي ۽ حقيقي ڳالهہ ڪئي آهي، سنڌ جي مسائل جي لاءِ ڪارو ڪاري جو مسئلو آهي اهو بہ سنڌ ۾ آهي راڄن جو پاڻ ۾ وڙهڻ ويڙهائڻ يعني قبائلي تڪرار اهو بہ گهڻو سنڌ ۾ آهي سنڌ جون جيڪو خارجي ضرورتون آهن انهن ضرورتن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ان جي بہ ضرورت آهي اها ڳالهہ محسوس ڪندي سکر ۾ هڪڙي ميٽنگ ٿي اها ميٽنگ هئي جميعت علماء اسلام جي طرفان آئون بہ هڪڙو ضلع جو نمائندو هئس. امير هئس پوءِ اتي سنڌ جي مسائل جي حل جي لاءِ هڪڙي ڪاميٽي ٺاهي ويئي، ان ۾ چار ماڻهو کنيا ويا، هڪڙو محمد مراد صاحب سکر وارو، هڪڙو پروفيسر محمد احمد سکر وارو، منظور احمد چنو دادو وارو، ۽ هڪڙو آئون عبدالرحمان ٽر وارو، هاڻي اهي چار ماڻهو سنڌ جي مسائل تي لکڻ وارا هئا، پهريون پهريون مسئلو آيو ڪارو ڪاري جو ان تي مون پنهنجي راءِ لکي موڪلي، ڪهڙي دور ۾ ٿيو هو ڪڏهن ٿيو هو؟ ان جو پسمنظر مون لکيو، مولانا جعفر بو بڪائي رح مخدوم نوح رحہ جو همعصر هو ان جيڪا حد هئي انجو تذڪرو ڪيو آهي.

تہ سنڌ جي جيڪا فتويٰ ڪاميٽي هئي، انهي مسئلي جي ضرورت کي محسوس ڪندي سڄي سنڌ جي علمائن هڪڙي فتويٰ مرتب ڪئي جيڪا ڪراچي جي عالمن جي مخالفت ۾ آئي جن جو مطالبو هو تہ ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي، اسان ان لئہ اهو لکيوسين تہ پاڻي جيڪو آهي سوٽن قسمن جو آهي هڪڙو پاڻي آهي بارش جو هڪڙو پاڻي آهي کوهہ جو هڪڙو پاڻي آهي موڪي اهي تي پاڻي آهن اسان کي يا پنجاب کي جيڪو پاڻي ملي ٿو اهو دريائي يا موڪي پاڻي آهي موڪي

پاڻي ۾ پهرئين پهرئين حق آهي پڇڙي جو تنهن کان پوءِ مٿي وارو تقسيم ٿيندو تنهن ڪري سنڌ جي ضرورت کي ذهن ۾ رکي پاڻي جي تقسيم اها شرعي آهي پر سنڌ چاڪاڻ تہ هيٺاهين تي آهي تہ انهي جي جيڪا ضرورت آهي انجو خيال نہ رکڻ شرعي طرح سان بغاوت آهي ۽ شريعت کان بغاوت ناجائز آهي ۽ پوءِ اها عام ٿي جيڪا توهان وٽ ان جي ڪاپي شايد پهتي هوندي

سوال : جنهن عمل جو بنياد توهان جي فتويٰ بڻي تنهن کان پوءَ سنڌ جي وطن دوست سموريون پارٽيون ان ۾ شامل ٿي جدوجهد ڪئي انکي اوهان ڪيئن ڏٺو؟

جواب : اها فتويٰ پهرئين جڏهن لکي هئي ان کان پوءِ يعني اسان جي جميعت جون ميٽنگون ٿيون ۽ جلسا ٿيا، انهن ۾ اسان هر هڪ پنهنجي علائقي جا يعني اسان ٿر جا هئاسين عمرڪوٽ جا هئاسين، پنهنجي علائقي ۾ اسان نمائندگي ڪئي بين پنهنجي نمائندگي ڪئي هرهڪ پنهنجي حدمان تارون ڪيون انهي فتويٰ کي بنياد بڻائيندي گڏيل جلسا ٿيا شهيد خالد محمود سومري جي اڳواڻي ۾ اسان تحريڪ هلائي.

سوال : شهيد خالد محمود سومرو صاحب مسجد جي ممبر تي ويهي سنڌ جي ڳالهہ ڪندو هو ڪالاباغ ڊيم جي حوالي سان توهان جو رول هيو ۽ شهيد جي ليڊرشپ هئي، اهڙو ڪم ڪرڻ جي سنڌ جو ڪو ٻيو عالم جسارت نہ ڪندو آهي، اهو ڪم ڪندي توهين ڪٿي هبڪيا آهيو يا ڪٿي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو هجي ڇا اهڙي ڪا صورتحال پيش آئي.؟

جواب : ها سائين اسان پنهنجي طرف کان عام طرح سان، هڪڙي سياسي راءِ کي قائم ڪرڻ جي حق ۾ هئاسون، حق جي اظهار ۽ حقيقت کي بيان ڪرڻ ۾ اسان ڪابہ هبڪ ڪانہ ڪئي آهي.

پڇاڻي: اسان جو سڄو هي پئنل توهان جو شڪر گذار آهي، جو توهان اسان کي تمام گهڻو وقت ڏنو. اسان جو آخري سوال يا خواهش سمجهو سا اها هوندي تہ توهين اسان جي ايندڙ نسل کي سنڌ جا ماڻهو جنهن حالت مان گذرن ٿا جنهن ۾ جهالت تمام گهڻي ڦهلجي پئي ٻيا الاهي معاملا آهن، ان سموري صورتحال ۾ توهان هڪڙي رهنما جي حيثيت ۾ ڪهڙو پيغام ڏيڻ چاهيندا ايندڙ نسلن کي تہ جيئن سنڌ جي نجات جو ڪو رستو نڪري سگهي..

جواب : سائين منهنجا آئون پنهنجي آئيندي نسل کي پنهنجي اولاد کي ۽ ان جي اولاد کي ۽ سنڌ جي سڄڻن جي اولاد کي اهو عرض ڪندس تہ،

سائيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

سنڌ هڪڙو دنيا جو حصو آهي، ۽ ان دنيا جي حصي هجڻ ۾ سنڌ پنهنجو ڪردار نمايان تڏهن ڪندي جڏهن ان جو ٻچو سچ ڳالهائيندو سچ قبول ڪندو، سچ جي اشاعت ڪندو.

# علامہ عبدالرحمان جمالي

## پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري

علامہ هن زماني ۾ سنڌ جي وڏن گذريل عالمن جي نشاني آهي. سنڌ جيڪي جيد عالم پيدا ڪيا انهن جي علم و فضل جي هاڪ ڏيهان ڏيهہ پکڙيل آهي اڄ بہ سندن تصنيفون عرب جي ڪيترين ئي لئبريرين جي زينت بنيل آهن جن کي انهن ڪتبخانن جا مهتمم فخر جي نگاهہ سان ڏسن ٿا.اهو مون لاءِ اعزاز آهي جو مونکي هن ڪتاب ۾ جاءِ ملي رهي آهي.
ڪنهن زماني ۾ فيس بڪ تي هڪ ڪلپ ڏٺوهئم ڪنهن محفل ۾ علامہ کي تقرير لاءِ سڏ ڪيو هئائون علامہ پاڻيءَ جو گلاس گهريو ۽ ڪنهن شودر کي سڏ ڪيوپوءِ ان جو اوبارو پاڻي پي ڏيکاريو اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ اسلام ۾ ذات پات جو ڪو بہ تصور ڪونهي. علامہ جمالي عمرڪوٽ ۾مذهبي رواداريءَ جو هڪ آدرش آهي.
هڪ دفعي خانءِ فرهنگ ايران وارن حيدر آباد ۾ روميءَ جو ڏينهن ٿي ملهايو سومونکي بہ ڪجهہ ڪورا دعوتناما ڏنائون. مون هڪ دعوتنا مو علامہ کي بہ ڏياري موڪليو. مجاڻ علا مہ پاڻ اتي اچي سهڙيو ڪيس جو سڏيائون تہ پاڻ نهايت شائستہ ۽ فصيح فارسيءَ ۾ اهڙي تقرير ڪيائون جو سڀ دنگ رهجي ويا. اتي ڪو سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بہ موجود هئو سو ان بہ کٽي ڪيس تصوف جي موضوع تي تقرير ڪرڻ لاءِ سڏيو اتي بہ فصاحت جا واهڙ وهائي ڇڏيا ئين.
علامہ هڪ دفعي ٻڌايو هو تہ ڪيئن نہ فقر پنهنجي استاد ۽ شاگرد گڏجي پيٽ پوجا ڪندا هئا. ۽ ٻيءِ وڏي مدرسي جي فرش ۽ ڇت کي راڳو ڏيندا هئا.

تڏهن تہ چوندا هئا تہ "پڙهڻ رڪ جا چٽا چپٽا آهن." هاڻي تہ موجون لڳيون پيون آهن. علامہ کي ان ڳالهہ جو ڏک آهي تہ مدرسن مان فارسي ٻولي جي تعليم ڪڍي ڇڏي اٿن. هڪ دفعي هڪ عالم سڳوري سان ملاقات ڪرايائين تہ ان کي پنهنجن فرزندن کي فارسي سيکارڻ لاءِ گهرايو هئائون. علامہ صاحب زيب النساءَ جو ديوان مخفي ۽ صادق فقير جو دردنامو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. خبر ناهي تہ سائين وٽ انهن ۽ ٻين لکڻين جا نقل بہ محفوظ آهن يا نہ

علامہ جمالي مدرسن جي تعليم يافتہ ماڻهن جي باقيات الصالحات مان آهن. مولوي نيڪ محمد نهڙيو بہ مدرسن جي پيداوار آهي. گهر جو پيدي آهي سو چوي ٿو تہ مدرسن وارا بہ ٽا ڦاڙين. ڦاڙيندا هوندا. خبر ناهي تہ نيڪ محمد نهڙئي گهڻا بہ ڦاڙيا آهن، پر مونکي پڪ آهي تہ علامہ عبدالرحمان جمالي ڪو بہ بہ ڪونہ ڦاڙيو هوندو، نڪا ڪنهنکي ترغيب ڏني هوندائين.

انگريز صاحبلوڪن سنڌ تي وڏا وڙ ڪيا.هن ملڪ کي، پنهنجي نفعي خاطر ئي سهي، ڪوڙ سارا ڀلا نظام ڏنا پر گهڻين ڀلين شين ۾ ڪي ڀڏ يون شيون بہ اچيو وڃن. سندن بقاءَ لاءِ اهو ضروري بہ هو. هن ملڪ ۾ انگريزي طرز زندگي جي مخالفت ڪئي تہ مولوين ئي ڪئي.انهيءَ عمل جي ڪين اهڙي سزا ملي جو نسلن تائين ياد ڪندا. ملڪ ۾ مولوي ۽ مسٽر جو فرق ٺهيو جيڪو اڄ تائين هليو اچي. عوام جيڪي اقتدار جي پوبان هوندا آهن انهن فوري نفعي خاطر پنهنجو وزن مسٽر جي خاني ۾ وڌو.اهو تعليمي نظام هو. جنهنکي اڄ بہ قبوليت جي سند مليل آهي. مولوين رکيو زور مسجدن ۽ مرٽي پرٽي تي سو انهنکان کسجي ڪونہ سگهيو.اسانجي علامہ بہ پنهنجي بقاءَ لاءِ وچي مسجد جو پاسو ڪنيو سو اڄ بہ قابو ڪيو اچي . جمعي جمعي تي وعظ بہ ڪري پر انجو اثر اهڙو جهڙو سان تي ٻڳئي سو

دنيا جو گاڏو پيو گڙڪي. پر ملڪ ۾ جيڪو مانڌاڻ متل آهي ان جا ذميوار مولوي هر گز ڪونهن.

علامہ جهڙو تقرير جو شهسوار آهي تهڙو تحرير جو بہ هوندو پر تحرير کي پڙهي ڪير؟ تقرير تہ ٻڌي، انگوشو در تي چنبڙي چڏبو سو اهو آهي حال. پڙهڻ کان قوم جواب ڏيئي ڇڏيو آهي باقي هنن مولوين جيڪي پڙهيو سو پڙهيو.باقي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو ڪم پورو آهي. ڪن ماڻهن کي عرض ڪيو هوم تہ پيلا علامہ جون جمعي واريون تقريرون ٽي ڪٽي ٽيپ ڪري وجهوتہ اهو ئي ڊيگ تي پوندو الله جواڻ مڙسن کي سگه ڏي. "تانسين ساٽن اور جان آهن اوطاقن ۾" جواڻ مڙسن کي اها بہ جس جو هي ڪتاب پيا آڻين. باقي پاڻ پڳاسين تہ بہ شڪر، نہ تہ بہ گهوري جان جتن تان.

# حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب

## ڊاڪٽر اسد جمال پلي

گهڻو وقت اڳي مون خانصاحب عبدالڪريم پلي جو " ديوان طالب المولىٰ " تي هڪ صفحي جو لکيل نوٽ پڙهيو هئو ۽ پوءِ برادر عطا محمد پلي صاحب ڪان ان صفحي جي فوٽو ڪاپي پڻ عنايت ٿي. عبدالڪريم صاحب جيڪي لکيو آهي ان جو تت هيءَ آهي تہ هي فلاڻا اديب هاڻ دنيا ۾ ناهن رهيا تنهن ڪري " ديوان طالب المولىٰ " تي لکڻ وارو ڪير بہ نہ رهيو آهي، اهو ڪم هاڻ صرف هڪ ئي ماڻهو ڪري سگهي ٿو ۽ اهو آهي راج محمد پلي اگر شروعات ڪري تہ بهتر ٿيندو. آهستي آهستي مون کي انهيءَ ڳالهہ جو احساس ٿيو تہ پلي صاحب ڪيڏو سچ ۽ ڪيڏي فضيلت سان چئي ويو آهي. اڄ جڏهن ناري پٽ جا اهم قلمڪار اسانجي اکين کان اوجهل آهن تہ ڪيترن ئي اهم موضوعن ۽ شخصيتن تي لکڻ لاءِ اسانوٽ ڪيڏو قحط الرجال ٿي پيو آهي يقينا اسانجا نوجوان انهيءَ سلسلي ۾ گهڻو اهم آهن پر ڪنهن شخصيت تي لکي ۽ ان سان انصاف صرف اهو ماڻهو ٿي ڪري سگهي ٿو جنهن کي ان جي صحبت سري هجي . ان کانسواءِ ٻيو ماڻهو يا صرف واڪاڻ ڪري سگهي ٿو يا عقيدت جو اظهار ئي ڪري سگهي ٿو . ساڳي ڪيفيت منهنجي بہ آهي جڏهن مون کي مولانا حضرت عبدالرحمان جمالي صاحب تي لکڻ لاءِ حڪم ٿيو آهي تہ حجت ۽ تڪلف جي اها ڪيفيت آهي جو منهنجي اها سڄي لکت جمالي جي نظر مان گذرٽي آهي . انهي سڄي ڏکيائي مان پار پوڻ لاءِ انهن چند صحبتن جو ذڪر ڪريون ٿا جيڪي جمالي صاحب سان سريون اٿم.

هڪ دفعي مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب ۽ مولانا طلحہ پلي صاحب بابا وٽ آيا. ڪچهري ٿي رهي هئي ۽ ڪئين موضوع زير بحث هئا. هن ڪچهري وقت حضرت مولانا عبدالسميع ساند حيات نہ هئا ۽ جمالي صاحب جي ذمي مدرسہ دارا الفيوض ولهيٽ جي سنڀال جو جهجهو ڪم هئو. مدرسي جي مالي مشڪلاتن جي حل جي تلاش هئي. ان وقت مولانا جمالي صاحب هڪ بهترين طريقو ٻڌايو تہ " اسين جيڪي مدرسي جا همدرد آهيون اهي پنهنجي گهر جي سرڪاري ملازمن جي پگهار مان هر مهيني هڪ سئو رپيا مدرسي جي لاءِ ڏيون تہ ڪجهہ رقم جمع ٿي پوندي ظاهر ۾ اها رقم ٿوري هئي پر مجموعي طرح مدرسي جي مالي مشڪلاتن جو حل نڪري آيو. اها مولانا صاحب جي ذهانت مون کي دير سان سمجهہ ۾ آئي جڏهن پاڪستان جي مشهور ڪرڪيٽر جاويد مياداد پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو تہ " جڏهن مئچ کٽڻ لاءِ اوهان کي چونڪا ۽ ڇڪا هڻڻ جو موقعو نہ ملي تہ سنگل رنس ناهڻ کي ترجيح ڏيو تہ جيئن اسڪور وڌندو رهي" مولانا صاحب جي هيءَ سائنسي ٽيڪنڪ هئي جنهن مدرسي جي ڪم ۾ آساني ڪئي.

هڪ دفعي 1997ع جي اليڪشن بعد اها صورت حال سامهون آئي تہ ولهيٽ جي ڳوٺ جا ڪجهہ ووٽر مرحوم خانصاحب اعجاز علي کي ووٽ نہ ڏيئي سگهيا ۽ افواهہ اٿيا تہ شايد مدرسي لاءِ ملندڙ امداد جيڪا خانصاحب عطا محمد طرفان ساليانہ ملندي هئي نہ ملي سگهندي . اليڪشن ۾ ووٽن ۾ اهڙيون بي تڪيون ۽ بي ڪار ڳالهيون اڪثر عام ٿي پونديون آهن بهرحال مولوي عبدالحئي سان مولانا جمالي صاحب کي ڳڻتي ضرور ٿي تہ ڪنهن بہ طرح انهي نقصان کان مدرسي کي بچائجي .ان وقت جمالي صاحب مولانا طلحہ صاحب کي بہ ساڻ ڪنيو ۽ مولوي عبدالحئي صاحب جي ڪار ۾ مون وٽ آيا ۽ مشورو ٿيو تہ خانصاحب عطا محمد صاحب وٽ هلجي ۽ حال احوال ڪجن.

اسين چارئي ٻوڪلي پهتاسين. مون عطا محمد کي سچو اچڻ جو مقصد ۽ مدرسي جي امداد بابت خدشا ٻڌايا عطا محمد ٻڌندو رهيو ۽ مسڪرائيندو رهيو ۽ آخر ۾ خبر پئي ته هتي ته خدشا اجايا هئا. عطا محمد صاحب صاف صاف چيو ته مولوي صاحب ووٽ دنيا جو معاملو ۽ مدرسي جو ڪم دين جو معاملو. اسين اوهان جا احسان مند آهيون جو اسانکي گهر ويٺي اچي هن دين جي نيڪ ڪم ۾ شامل ٿا ڪريو . هن موقعي تي سائين جمالي صاحب جيڪا گفتگو عطا محمد سان سندس وڏن جي مدرسي لاءِ مالي معاونت جي ڪئي اها اهڙي ته پر اثر هئي جو مون کي لڳو ته جمالي صاحب مونکي شايد هي سڀ ڳالهيون سمجهائڻ لاءِ هتي وٺي آيو آهي. هن ئي موقعي تي مرحوم خانصاحب عبدالڪريم پلي جي مدرسي لاءِ ٺهرايل پراڻي ڪمري کي ٻيهر کولي ڇت مٿي ڪري ٺهرائڻ جو ڪم عطا محمد منهنجي حوالي ڪيو جيڪو بعد ۾ مون سائين عبدالحي صاحب جي صلاح مشوري سان مڪمل ڪرايو.هڪ دفعي زڪوات ڏيڻ جي ڳالهه نڪتي ته اسان جي علائقي جا ڪيترائي سرياند ماڻهو زڪوات ڏيڻ ۾ سستي پڻ ڪن ٿا هن مسئلي تي ڳالهائيندي مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب هڪ خوبصورت طريقو ٻڌايو ته سال جا سڀ مهينا ان خيرات ڏيندو ۽ نيت زڪوات جي ڪندو ته زڪوات ادا ٿيندي ويندي ۽ جڏهن اضافي خير ٿيندو ته اهو زڪوات بعد خيرات في سبيل الله جي پاڳي ۾ ويندو اهڙي طرح نه صرف زڪوات ادا ٿيندي ويندي مگر انسان ۾ آهستي آهستي زڪوات جي ادا ئگي جو عمل پختو ٿيندو ويندو.

منهنجو هڪ دفعي عيدگاهه جي رخ جو تعين ڪرڻ لاءِ سائين جمالي صاحب وٽ وڃڻ ٿيو پاڻ ڇهين ڏينهن بعد رات جو اچڻ جو چيائون آئون ان وقت رات جو اچڻ سمجهي نه سگهيس. بعد ۾ جڏهن رات جو آيا ته ٻه همراهه قطب تاري جي رخ سان اتر طرف بيهاري اولهه طرف ڪعبي جو رخ متعين ڪري ڏنائون. مون کي نه صرف هيءَ ڳالهه سمجهه ۾ آئي بلڪ مون

اهو هينئر ڪانئن سڪي ورتو ۽ جڏهن اوطاق لڳ مون مسجد شريف ٺهرائي تہ اهو رخ جمالي صاحب جي ڏسيل طريقي تي متعين ڪيو. حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب جي شخصيت ۾ هڪ عجيب ڪشش محسوس ٿئي ٿي. سندن سچ چوڻ جو طريقو ايترو تہ مدلل ۽ سگهارو آهي جو اڳئين ماڻهو کي قبول ڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واهہ ئي نٿي بچي.

1997ع واري اليڪشن ۾ آئون حاجي اصغر علي، جمالي صاحب وٽ اعجاز صاحب جي اليڪشن سپورٽ لاءِ وياسين. چاءِ پي ڪچهري ڪچهري ۾ حاجي اصغر علي کي چيائون تہ اوهان پاڻ اسانکي ڪٽي ٻين جي جهولي ۾ ڇڏيو آهي، هاڻي عهدشڪني ڪيئن ڪريون اها وڏن جي محبت هئي جو هيءَ تعلق قائم آهي. اسين اوهانجي ڪاميابي لاءِ دعاڳو آهيون. الله پاڪ بهتر ڪندو جمالي صاحب جي هن ڳالهہ اسانکي نہ صرف لاجواب ڪري وڌو بلڪہ 1977ع ڪانپوءِ جون اليڪشنون ۽ انهيءَ سياسي منظرنامي جا ڪيترائي نظارا منهنجي اکين اڳيان اچي ويا جڏهن انهن واقعن جي تسلسل کي ڏٺم تہ مولوي جمالي صاحب جو جواب ڪيڏو نہ مدلل اثرائتو ۽ وقائتو هئو.

جڏهن مرحوم حاجي فتح محمد راڄڙ جي وفات ( 14 آڪٽوبر 1995ع ) ۾ ٿي ۽ ڪجهہ ڏينهن بعد سندس خيرات في سبيل الله جي مانيءَ جو پروگرام ٿيو تہ حاجي عبدالسميع راڄڙ جي صلاح سان آئون ۽ حاجي انور علي راڄڙ حيدرآباد مان پروگرام جا ڪارڊ ڇپائي آياسين . مگر بعد ۾ ڪجهہ برادري اختلافن سبب خيرات في سبيل الله جي مانيءَ جو پروگرام ملتوي ٿيو ۽ نہ ٿي سگهيو. هن موقعي تي سائين جمالي صاحب مون کي چيو تہ حاجي عبدالسميع کي مشورو ڏيو تہ خيرات واري خرچ مان مدرسي لاءِ هڪ ڪمرو ٺهرائي ڏيو تہ صدقئہ جاريہ ۾ شامل ٿي وڃي. مون سڄي گذارش حاجي عبدالسميع ۽ حاجي علي مراد راڄڙ صاحب جي اڳيان رکي. هنن صاحبن نہ صرف قبول ڪئي ۽ مدرسي لاءِ صوفي رفيق احمد ۽

خانصاحب عطا محمد پلي صاحب وانگيان هڪ عاليشان هال مدرسي جي طالبن لاءِ ٺهرائي ڏنو پر حاجي عبدالسميع مدرسي جي هڪ مهيني جو مڪمل خرچ بہ ڏنو هي آهي جمالي صاحب جي دانائي تہ ڪيئن علائقي جي صاحب حيثيت ماڻهن کي مدرسي جي نيڪ ڪم ۾ شامل ڪجي.

حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب جنهن پنهنجو ننڍپڻ مدرسي ۾ هڪ عام ڪتابيءَ وانگيان مدرسي جا فڪر جا ٿال مٿي تي کڻي پاڙيوارن ڳوٺن مان طالبن لاءِ وقت جي مانيءَ جي بندوبست ڪرڻ ۾ گذاريو تنهن وري وڏو ٿي انهن پاڙيوارن ڳوٺن لاءِ پلائي ۽ خير خواهي واري علم جا ٿال ڪين واپس موٽايا. نہ صرف سندن مدرسي لاءِ خدمتن جو داستان طويل آهي پر سندن معاملا فهمي ۽ موقعي مناسبت سان ڪيل فيصلا ۽ ڳالهيون بہ اهم آهن.

مون خانصاحب راڄ محمد صاحب جو هڪ اڻڇپيل مضمون پڙهيو هن مضمون ۾ مرحوم ايوب فقير آريسر ۽ سندس هڪ وڏي ساٿيءَ جو ذڪر آهي. ايوب فقير جو هيءَ ساٿي اتر سنڌ جو ڪو شخص هئو ۽ مٿس فقيري رنگ ڍنگ جا ڪيئي خول چڙهيل هئا. هنن فقيرن مرحوم ميان محمد اسمعيل قاسم پلي وٽ اچي ديرو ڄمايو. ميان صاحب پنهنجي خانداني روايتن ۽ نرم مزاج سبب هنن فقيرن کي رنجائي نہ پئي سگهيو ۽ ڪين ڪاڏي پيتي جي هر سهولت ميسر ڪري ڏنائين پر پاڻ سندن صحبت کان پاسو ڪيائين. هنن فقيرن جون ڪجهہ غيرشرعي ڳالهيون ۽ گفتگو مرحوم راڄ محمد صاحب کي خراب لڳيون ۽ مسئلي جي حل لاءِ پاڻ ولهيٽ جي مولوي صاحبان کي دعوت ڏنائون هڪ اڻ اعلانيل مناظرو شروع ٿي ويو. مولانا عبدالسميع ساند ۽ مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب جي گفتگو هو بهو راڄ محمد صاحب پنهنجي مضمون ۾ نقل ڪئي آهي. هنن ڊائلاگن مان جمالي صاحب جي ذهانت ۽ مناظري جي علم جو خوب

اندازو ٿئي ٿو. تن ڏينهن جي مڪمل محنت بحث ۽ علمي دليلن بعد جمالي صاحب وارا هنن فقيرن تي غالب پيا ۽ اهو اتر سنڌ جو فقير جنهن تصوف کي بدعتن جي بدبودار چادر ۾ ويڙهي رکيو هو اها چادر بس اسٽينڊ تي ڇڏي، جُتي هٿ ۾ کڻي وڃي ميرپور متيو. جمالي صاحب جي هن ديني جدوجهد واري علمي قدم کي راڄ محمد صاحب جهڙي ذهين ۽ مدبر شخص خوب ساراهيو آهي.

حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب جو معامله فهمي ۽ وقت سر مسئلي جي حل ۽ ڪم عقل ماڻهن کي سندن ذهني سطح مطابق جواب ڏيڻ جو هڪ پيو واقعو به منهنجي اڳيان ٿيو. اسانجا اڪثر ماڻهو دين تي عمل گهٽ ۽ بحث گهڻو ڪندا آهن.ڪڏهن ته ان بحث ۾ تمام گهڻي شدت به اچي ويندي آهي پاڻ نماز پلي هڪ عيد کان بي عيد تائين مئوخر رکن پر اگر جنازي نماز بعد دعا نه گهري ته جڻ اسلام خطري ۾ اچي ويو. مرحوم خانصاحب اعجاز علي جي جنازي نماز کان پهرين شرڪاء ۾ اهو بحث عام ٿي پيو ته اڄ جمالي صاحب کي جنازي نماز بعد ضرور دعا گهرڻي پوندي ڪين اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه ٿي اچي ته جنازي نماز جي نيت ۾ ئي اسين دعا گهرڻ جي نيت ڪري چڪاسين ۽ جنازي نماز آهي ئي دعا درود ۽ ثنا پر واه جمالي صاحب اوهانجو تجربو ۽ دانائي جنازي نماز ختم ٿي پاڻ امام جي حيثيت سان نماز پڙهائي خانصاحب عطا محمد کي چيائين مون دعا گهري هاڻ اوهين ۽ فيض محمد دعا گهرو وري حاجي اصغر علي ۽ اختر علي کي چيائون ته دعا گهرو. آئون ته جمالي صاحب جي هن حڪمت ۽ دانائي تي حيران رهيس ۽ پوءِ آخر ۾ چيائون اجان به ڪو دوست دعا گهري ته گهرون، بيشڪ علم انهي حڪمت جو نالو آهي جنهن سان اجايا بحث ختم ٿين ٿا ۽ بي بنياد ڳالهيون بيهي رهن ٿيون.

مون کي مولوي صاحب سان قربت ۽ ويجهڙائي ته نديپڻ کان رهي آهي پر مون سندس پيرن ۾ تڏهن جاءِ ڳولي جڏهن پاڻ صوفي صديق محمد صادق

فقير جو درد نامو ترجمو ڪيائون ۽ پوءِ جڏهن صوفي صادق ڪانفرنس ۾ تصوف تي تقرير ڪيائون ته وڻ وجائي ڇڏيائون. خبر پئي ته تصوف آهي ڇا. آئون ۽ مون جهڙا ٻيا ٿوڻي جيڪي نماز کان بچڻ لاءِ تصوف ۽ صوفي ازم جا حوالا پيا ڏيندا هئا، اهي کهڙي کڏ ۾ پيا ڪرون باقاعده احساس ٿيو. ۽ پوءِ جڏهن ٽنڊي باگي ۾ ڪليات احمد جي پڌرائي وقت پروفيسر ضرار رستماڻي جي نينڊ تي پاڻ مولوي احمد ملاح جي ڪلام تي ڳالهايائون ۽ مون اها ڪيسٽ حاصل ڪئي ۽ ٻڌو ته سندن فڪر ۽ فهم جا درياء پلٽندي محسوس ٿيا. احساس ٿيو ته ڪيڏو وڏو ماڻهو آهي جمالي صاحب ۽ اسين ڪيترا ڪم عقل جو هن علم جي درياء جي ڪپ تي ويٺا اڃ اڃ ڪريون.

پاڻــي مــٿي جهــوپڙا، مــورک اڃ مـرن.
دانهون ڪن مٺن جيئن، دم نه سڃاڻن.

( شاهه ڪريم رح )

هڪ دفعي ايئن به ٿيو جو سائين جمالي صاحب سان منهنجو هڪ مسئلي تي اختلاف ٿي پيو. منهنجو ننڍڙو ڀاڻيجو مولوي عبدالقيوم، جيڪو منصوره هالا جي مدرسي ۾ مون برادرم مولوي عبدالحميد سان گڏ داخل ڪرايو هو مدرسي مان هليو ويو. مهيني بعد همراه ته هٿ اچي ويو پر مون کي سخت تڪليف آئي ڳالهه جو پير ڪنيوسين ته خبر پئي ته جمالي صاحب نه صرف هن سڄي معاملي کان آگاه آهي پر سندس مشاورت به هن معاملي ۾ شامل آهي، منهنجو جمالي صاحب تي جيڪو تعلقات جو اعتماد هئو انهيء کي سخت ٺيس پهتي. ڪجهه دوستن سان شڪايت ڪيم ته جمالي صاحب اسان سان هيءَ رڻ ڪيو آهي. مولوي صاحب طلحه چيو ته جمالي صاحب وٽ هلجي پر مون چيو ته هاڻي ڇا هلي ڪبو. هن معاملي ۾ هيون ته سڀ پرپٽ جون ڳالهيون، پر جمالي صاحب سان ڪجهه سال بلڪل ڪو تعلق ڪو نه رهيو. پوءِ آهستي آهستي اهي

ڳالهيون واضح ٿيون ته جمالي صاحب کي اصل ڳالهين کان پري رکيو ويو ۽ محض غلط فهمين جي بنياد تي هي مسئلو اٿيو آهي. پر في الحال ويچا ته وڌي ئي ويا. وري به الله پاڪ هن خبر جي ڪم جو اجر ڏي اسانجي دوست مولوي مراد علي راهمون کي جيڪو پنهنجي ذاتي محبت طرفين استعمال ڪندي سائين جمالي صاحب کي بابا سائين جي ورسي جي ساليانه پروگرام ۾ وٺي آيو. جمالي صاحب به وڏي ظرف جو مظاهرو ڪيو. سڀ غلط فهميون دور ٿي ويون ۽ مون وٽ سواءِ هٿ ٻڌي معافي وٺڻ ۽ پنهنجي بي علمي ۽ ناداني جو اعتراف هنن لفظن ۾ ڪرڻ جي ٻيو ڪو رستو نه هئو ته:

منهنجي مداين جي، ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا ڪونه ٿيا، ڏوراپو ڏيئي،
ساجن سڀيئي، منهنجون ڍڪيون ڍول ڍلائيون.

( شاهه لطيف رح )

بابا سائين ۽ جمالي صاحب جا پاڻ ۾ تعلقات ته بلڪل سڳن ڀائرن جهڙا هئا. ٻئي ٽريننگ جي دور کان گڏ پڙهيا . جمالي صاحب ٽريننگ ڪاليج ۾ هڪ سال اڳ ۾ هئو. ٻنهي پنهنجي استادانه ۽ پيشورانه زندگي گڏ گذاري . ٻئي هڪٻئي جا حال محرم ۽ حال ڀائي رهيا. جمالي صاحب اعلانيه طور چوندو رهيو آهي ته جيڪا معاشري ۾ دين جي سچي خدمت هيءَ بي ريش شخص ڪري ويو اها اسان باريش عالمن کان نه ٿي سگهي آهي .جمالي صاحب هڪ دفعي مونکي ٻڌايو ته خانصاحب وارن سان منهنجي ملاقات ۽ تعارف به معمور صاحب ڪرايو هو.

بابا جي وفات ( 1993.12.24ع ) بعد جمالي صاحب اسان وٽ ٽڏي تي چار ڏينهن مسلسل محترم وفا پلي صاحب سان گڏ سڄو ڏينهن ويٺو رهندو هئو ۽ ايندڙ مهمانن کي گهر جي وڏي جي حيثيت سان دعائن ۾ شريڪ ڪندو رهيو. پاڻ هڪ ڊائري گهرائي ان تي خاصو طويل تاثر

معمور يوسفاڻي صاحب تي لکيائون ۽ بعد ۾ اها ڊائري هر ليکڪ جي اڳيان موجود هوندي هئي ۽ تاثر لکبا رهيا. اهي سڀ تاثر پوءِ محترم الله بچايو مشتاق آريسر صاحب جي ڪتاب ” باڪ شخصيت “ ۾ شايع ٿيا آهن ۽ جمالي صاحب جو تاثر وري مضمون جي شڪل ۾ ڪتاب ” جيڏو سچ سهاءَ “ ۾ شايع ٿيو آهي.

هڪ دفعي الحيدر هوٽل عمرڪوٽ تي چاءِ پي پيتي سون. سائين محترم مجرم لغاري صاحب ۽ آئون جمالي صاحب کان هڪ بيو مضمون بابا سائين، مولوي حضرت عزيز الله ساند ولهيٽي رح تي وڏي تاڪيد ۽ محبت سان لکرايو. رسالي ٽماهي مهراڻ ( سنڌي ادبي بورڊ ) جي اختياري وارن مهراڻ جو مشاهير نمبر تي ڪڍيو ۽ هيءَ مضمون ان لاءِ لکايو ويو هيءَ عاليشان مضمون سنڌي ادب ۾ سائين جمالي صاحب ڪي سوانح نگارن جي صف ۾ اهم جاءِ تي بيماري ٿو تازو هيءَ مضمون ڪمپوز ڪرائي مون محترم فضل الله فدا چانڊيو صاحب جي حوالي ڪيو آهي ته هو بلوچ رنگ رسالي ۾ شايع ڪرائي.

جمالي صاحب کان هڪ مضمون مون محترم راج محمد پلي صاحب تي به لکايو ۽ اهو ڪتاب ” وڙهيا واڳيا واپريا “ ۾ مون شايع ڪيو. سوانح نگاري جي تسلسل ۾ سندن چوٿون مضمون مولانا حضرت غلام رسول چانڊيو تي تازو بلوچ رنگ ۾ شايع ٿيو آهي، هن سلسلي کي اگر جمالي صاحب قائم رکي ته. سماج دين اسلام جي هيءَ خدمت نئين نسل لاءِ وڏي اعليٰ درجي جو ڪم ڏيندي.

جمالي صاحب جي تحرير جي سادگي، سچائي ۽ بلڪل ٺوس ۽ مدلل ڳالهيون سندن مضمون نگاري جي جان آهن. سائين محمد هوت مجرم لغاري صاحب پنهنجي حياتي جي آخري ايامن ۾ جڏهن اجان فالج جي اثر مان ڪجهه صحتياب ٿيو ته هڪ ڏينهن اسانجي ڳوٺ سندس فرزند سان گڏ موٽرسائيڪل تي آيو. ادا حزب الله، سيف الله ۽ آئون ڳوٺ

هئاسون ۽ سائين سان ملياسون. سائين مجرم صاحب ملندي شرط پنهنجي مخصوص لهجي ۾ خوش خيرعافيت کان اڳ ۾ ئي رڙ ڪري چيو تہ منهنجي ۽ معمور صاحب جي وچ ۾ اختلاف ۽ بدگمانيون، ٿرپارڪر هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل سوسائٽي دوران هڪڙي ماڻهو وڏا ۽ اسانکي پاڻ ۾ وڙهائي ڇڏيائين . اڄ اگر معمور صاحب حياتي هجي ها تہ آئون ڪانئس معافي وٺان ها مگر دنيا ڇڏڻ کان اڳ ۾ آئون پنهنجي دل تان هيءَ بار لاهڻ لاءِ توهانکي ٻڌائڻ آيو آهيان. مون موٽرسائيڪل واري ڇوڪر کي واپس روانو ڪيو سائين کي ترسائي ڇڏيو ۽ پوءِ ڪچهري ۾ چيم تہ سائين هيءَ ڳالهہ اوهين هلي ان محترم کي روبرو چئو جو هو عمرڪوٽ جي شهر ۾ اڄڪلهہ رهي ٿو. سائين يڪدم انگوڇو ڪلهي تي رکيو ۽ اسين ان صاحب جي گهر پهتاسين سندس فرزند مليو ۽ چيائين تہ بابا شهر ۾ آهي هو ڳولڻ ويو پر ملاقات نہ ٿي سگهي. آئون ۽ مجرم صاحب اچي الحيدر هوٽل ( لڳ جامع مسجد ) تي چاءِ پيئڻ ويٺاسين ۽ اتي جمالي صاحب سان ملاقات ٿي ۽ جمالي صاحب بہ اسان سان ويٺو .مون مجرم صاحب کي چيو تہ جيڪا ڳالهہ اوهان چئو پيا اها جمالي صاحب کي ٻڌايو .ههڙو معزز شاهد اسانکي ٻيو ڪٿان ملندو. مجرم صاحب ڳالهہ ٻڌائيندو رهيو ۽ جمالي صاحب مسڪرائيندو ٻڌندو رهيو. هيءَ ڳالهہ هڪ هفتي بعد مون ان صاحب کي ٻڌائي تہ مجرم صاحب هيئن چئي ويو آهي اگر شڪ شبهو هجي تہ ملي وٺ. ڪجهہ ڏينهن جو مون کي مجرم صاحب جو هڪ خط آٽي ڏنائين جيڪو ڪيس مجرم صاحب انهي زماني ۾ لکيو هئو مون وٽ موجود آهي پر ڪنهن بہ طرح مجرم صاحب جي چيل ڳالهہ جي ترديد ان مان نہ پئي ٿئي.

هيءَ ڪچهري ڪافي طويل هئي. مجرم صاحب گفتگو دوران ڪافي فارسي شعر پڙهندو رهيو تہ جمالي صاحب پڇيو تہ توهان ڪٿي پڙهيا آهيو؟ مجرم صاحب ڪنهن مدرسي جو نالو ڪنيو تڏهن سائين جمالي

صاحب مون ڏانهن منهن ڪري چيو تہ ڊاڪٽر صاحب هيءَ آهي مدرسن جي تعليم جنهن جو تاثير گفتگو ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ اسان وٽ جيڪي بہ سنا مقررين آهن اهي بنيادي مدرسن جي تعليم مان فيضياب آهن جتي ماڻهو خطاب ۽ حافظي جي ذات جو اظهار چڱي طرح سکي ٿو.

مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب عالم تہ آهي پر سندس علم جي ڪٿ هن دور جا سڄاڻ ماڻهو بہ اڃان ڪونہ ڪٿي سگهيا آهن. پر اها سڀني کي خبر آهي تہ صرف ونحو هجي يا سراجي، فقهہ هجي يا تقابل اديان، ڪيافہ هجي يا حديث پاڪ ڪيترائي عالم مفتي جمالي صاحب جي رهنمائي لاءِ واجهائين ٿا. انهن علمن جي شاخن ۾ بہ خاص طرح ترڪي جي مسئلن جي ڄاڻ ۾ جمالي هن پٽ ۾ پنهنجو جوڙ ڪو نہ ٿو رکي ديني علمن جون سڀ شاخون نہ صرف سندس مطالعي ۾ رهيون آهن پر سندن انهن تي دسترس بہ رهي آهي ۽ پاڻ ان ۾ قياس ۽ عقلي دليل کي ترجيع ڏين ٿا.

محترم سائين عبدالرحمان جمالي صاحب ناري پٽ ۾ آيو هتي پڙهيو ۽ هتان جي خمير جو حصو ٿي رهيو آهي. ڪيس ناري پٽ جي روايتن جو امين سمجهڻ گهرجي مون وٽائنس ڪيتريون ڳالهيون ۽ واقعا سکيا ۽ انهن واقعن کي جيڪي ٻڌا تہ گهٽا ئي دفعا پر سمجهيا جمالي صاحب کان انهن واقعن ۾ خاص طرح حاجي رحمت الله ڪونجيليءَ واري جي شهادت جو واقعو، صوفي قلندر بخش جي شهادت ۽ لنواري جي حج وارو ستياگرہ خاص آهن انهيءَ ڪانسواءِ پاڻ ٿرپارڪر جي علماء ڪرام تحريڪ آزاديءَ ۾ ٿرپارڪر جي عالمن جو حصو بہ سندن گفتگو جو اهم موضوع رهيو آهي هي سڀ موضوع ڪيئن پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجن اهو مون سائين جمالي صاحب کان خوب سکيو.

هن وقت عمرڪوٽ شهر جي داخلا واري چوڪ تي جيڪي بہ تلوارون نهيل آهن انهن جي تياري وقت محترم ڊپٽي ڪمشنر صاحب عمرڪوٽ هڪ ڪميٽي ٺاهي ۽ ان جو سربراهہ سائين جمالي صاحب کي مقرر

ڪيو. انهيءَ ڪميٽي جي ميمبرن ۾ منهنجو نالو بہ جمالي صاحب ڏنو. فيصلو اهو ٿيو تہ هنن تلوارن تي ناري پٽ جي انهن ماڻهن جا نالا تحرير ڪبا جن جو تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ اهم ڪردار رهيو آهي مون جڏهن جمالي صاحب کي پنهنجي طرفان لسٽ ناهي ڏني تہ جمالي صاحب فرمايو تہ هڪ ٻن نالن جي گهٽ وڌائي سان هيءَ لسٽ مڪمل آهي پر ڇاڪاڻ پلي ذات جا نالا هن لسٽ ۾ گهٽا آهن, باوجود صحيح نالا هجڻ جي بہ پاڻ هن ڪم کي تڪميل تي نہ پهچائي سگهنداسين. پوءِ واقعي ايئن ٿيو مگر سائين جمالي صاحب جي دانشمندي چئجي جو اگر پهرين تجويز تي عمل نہ ٿي سگهيو تہ ٻي تجويز اهڙي منظور ڪرائي ۽ ان تي عمل ڪرايو جيڪا گهڻو اعليٰ افضل ۽ متبرڪ آهي اهي ۽ اهڙا ڪيئن فيصلا جمالي صاحب وقت سر ڪري معاملن کي سلجهائي سگهندو آهي.اسانجي خاندان خواهہ ذات سان سندن خصوصي ۽ بنيادي تعلق ۽ واسطو آهي مگر پوري ناري پٽ جي خاندانن سان سندن نهايت قربائتو واسطو رهيو آهي. پاڻ هر ديني ۽ سماجي ڪم ۾ انساني ڀلائي جا پرچارڪ رهيا آهن. عمرڪوٽ جي شهر ۾ جڏهن بہ بغدادي منافقتن خواه هندو مسلمان نفرتن جو دونهون دکيو تہ انهيءَ باهہ جي ڀڙڪڻ کان اڳ ۾ ئي سائين عبدالرحمان جمالي صاحب جهڙي عالم با عمل ۽ با ڪردار مدبر شخص جي دانائي ان کي ڦلهيار ۾ تبديل ڪري ڏيکاريو.اها حقيقت عمرڪوٽ جا پرامن ماڻهو جيڪي پلي کهڙي بہ مذهب ٻولي ۽ فقهہ سان تعلق رکندا هجن قبول ڪن ٿا ۽ ساڳئي طرح پراڻ جي جهلوري واري ڊوري جي اترين ڪنڌي وارا ماڻهو بہ 78 موري تي اٿاريل اهڙي دونهين کي مانو ٿيندو ڏسن ٿا تہ هيءَ ڳالهہ سورهن آنا ڀير ڪوڙي ٿي تہ:

وڏي وٿ آهين, ٻاروچا ڀنڀور ۾

# مولانا عبدالرحمان جمالي.. اهلِ دل انسان

## نور احمد جنجهي

ناري جي ماڻري، ناري جي نوابن جي ڪري ته هونئن ئي مشهور آهي پر هن پٽ ۾ اهل علم، اهل حلم ۽ اهل دل ماڻهو به پيدا ٿيا آهن ته اهڙا ڪوپا ڪلنگيدار به پيدا ٿيا آهن جن پنهنجي امرويرتا جي ڪري وڏي نامڪارماڻي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو نالو روشن ڪيو. هن پٽ ۾ ڪيئي الله لوڪ فقير تن انسان به پيدا ٿيا جن پنهنجي سڀاجهي سڀاو سان لکين ماڻهن جي دلين کي موهيو. هن پٽ ۾ اقتدار جي اچل به ڪافي اڳري رهي آهي ته ديني اڀياس ۽ علم جو ڪم به معيار وارو رهيو آهي. نارا ماڻري ٿرجي ريت ماڻريءَ سان اڇي ملي ٿي .اهڙو سنگم هن پٽ کي ڀڳڻ بنائي ٿو. اهڙي گُٺي پون ماڳ تي گڏامراڻ به آهي جنهن جي چٽُرائي ، سُندرتا ۽ سورويرتا ملڪان ملڪ مشهوررهي آهي. گڏامراڻ همروٽ، امراڻو ۽ امرڪوٽ جو روپ ڏاري اڳتي هلي عمرڪوٽ ٿيو.هونئن ته عمرڪوٽ سان پراڻو تعلق آهي اسان جا وڏا ڪنهن زماني ۾ ڀڙائي ۽ ڪاروڙي ۾ رهندا هئا. 1997ع ۾ نوڪريءَ سانگي عمرڪوٽ جي داڻي پاڻيءَ تي وري مهرلڳي ۽ اسان اچي عمرڪوٽ جا وڻ وسايا.انهي دوران تمام پلوڙ دوستن ۽ مهربان ماڻهن سان ڏيٺ ويٺ ٿي ۽ انهن جي سنگت صحبت نصيب ٿي. اهڙن مهربانن ۾ مولاناعبدالرحمان جمالي صاحب قابل ذڪر آهي. مولانا جمالي صاحب سان ملاقات هن ريت ٿي . عمرڪوٽ اچڻ سان اتان جي اهل علم ماڻهن کي ڳوليندا رهندا هئاسين ۽ ساڻن ملاقات جو شرف به ملندو رهندو هو. جتي ٻيا پڙهيل لکيل ماڻهو ماڻهن جي توجهه جو مرڪز هوندا هئا اتي مولوي صاحبان به ماڻهن ۾ مقبول هوندا هئا. اهڙي ريت هڪ

ڏينهن ڪنهن مهربان دوست کي ساڻ ڪري آئون مولانا جمالي صاحب سان ملڻ ويس . مولانا صاحب اسان کي جمعي جي نماز تي مليو تہ اسان پنهنجي خواهش جو اظهارڪيو تہ سائين اسين توهان سان ڪچهري ڪرڻ ٿا چاهيون. جمالي صاحب انتهائي خنده پيشانيءَ سان اسان کي مان ڏنو ۽ پنهنجي مدرسي ۾ وٺي آيو. جتي اسان جي ڪافي تفصيلي ڪچهري ٿي ، جنهن ۾ ديني تعليم کان وٺي، روحاني موضوعن، فلسفي، لسانيات ۽ شعرشاعري جهڙاعنوان شامل هئا. سندس گفتگو جي فصاحت ۽ علميت اسان کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. انهي ڪچهريءَ دوران مخدوم سرورنوح پاران قرآن شريف جي تفسيربابت بہ وچورسان ڳالهہ ٻولهہ ٿي ، جنهن مان جمالي صاحب جي علمي اونهائي نظراچي رهي هئي. هن اسان سان هڪ هڪ لفظ ۽ هڪ هڪ علمي نقطي تي تفصيل سان ڳالهايو. انهي ڪچهري تعلق جي ميخ اهڙي هنئي جيڪا ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندي ويئي. ولهيٽ واسي، خوبصورت سفيد ڏاڙهي ۽ سفيد لباس تن تي اوڍيندڙ اڇواجرو شخص مولانا عبدالرحمان جمالي عمرڪوٽ ۽ ان جي آسپاس جي هردلعزيزشخصيت ۽ سنڌ جو ناميارو عالم آهي. ڪيس عمرڪوٽ جو هرماڻهو مولانا جمالي جي نالي سان سڃاڻي ٿو ۽ ساڻس محبت ڪري ٿو ۽ احترام مان هرويل ڪيس جيڪارڏي ٿو. ڇاڪاڻ جو مولانا عبدالرحمان جمالي پنهنجي سمورين وابستگين جي باوجود سنڌ جو هڏڏوڪي ۽ هندومسلم ڀائيچاري جو علمبردارآهي. هي دورانديش عالم سدائين اهڙن موقعن ۽ مجلسن تي پنهنجي بي ريا خيالن جو برملا اظهارڪندو رهيو آهي. ڪالاباغ ڊئم جو چرچو جڏهن چئوڏسا وڌڻ لڳو تہ مولانا خالد محمود سومري جي ڪوشش سان عالمن جي هڪڙي ڪاميٽي بہ تشڪيل ڏني ويئي جنهن پنهنجي عالماڻا راءِ ڏيندي ڪاري ڊئم کي رد ڪيو هو. عمرڪوٽ ۾ جڏهن بہ ڪو اهڙو انتشار پيدا ٿيو آهي جيڪو هندومسلمان ايڪي کي ڇيهو رسائي تہ انهي آڳ کي وسائڻ ۾

مولانا جمالي سيني ڪان اڳيرو نظر آيو آهي ۽ هن دامي درمي سخني قدمي هندو آبادي جي واهرڪئي آهي. سماجي هم آهنگي ۽ اتفاق جو پرچار ڪندڙ مولانا عبدالرحمان جمالي، جيترو عملي زندگيءَ ۾ اورچ ۽ اڻ ٿڪ آهي اوتروئي علمي قدڪاٺ رکي ٿو. مسلسل عملي مصروفيات جي ڪري هو پنهنجي ڪيل علمي ڪم کي اجا ڇپائي به نہ سگهيو آهي نہ تہ هن زيب اا‌لنساء مخفي جي ديوان جو ترجمو بہ ڪيو آهي تہ ان جي شرح بہ لکي اٿس. اهڙي طرح ٻيو بہ ڪافي علمي ڪم آهي جنهن لاءِ الله سائين ڪيس ڊگهي ڄمار ۽ فرصت ڏي تہ هو انهي ڪم کي بہ تڪميل تي پهچائي. دين جي ڪيترن ئي پهلوئن ۽ تصوف متعلق سندس سمجهاڻي نياري ۽ نرالي آهي. انهي سموري علمي پورهئي کي دستاويزبند ٿيڻ گهرجي جيئن ايندڙ نسل انهن علمي موتين ڪان محروم نہ رهجي وڃن. مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب جي سماجي رواداريءَ وارو ڪردار تمام مٿاهون آهي جيڪو موجوده دور ۾ گهٽ لڀ آهي.

الله سائين جمالي صاحب کي درازي عمر ۽ قوي استقامت ۽ صحت سان نوازي جيئن هو پنهنجي سماجي هم آهنگي ۽ رواداري وارو ڪم جاري رکي ۽ پنهنجي علمي ڪم کي سهيڙي سوڌي عام جي ڀلي لاءِ نروار ڪري.

# مون سي ڏٺاماء

زيب صوفي

اڄ جڏهن سموري دنيا انتهاپسندي جي ورچڙهيل آهي، مذهبي ۽ نسلي شدتون انسان کي ٻارڻ ٻڻايو ٻارين پيون ڪيترين غمگين مائرن، ڀينئرن، زالن، پنهنجن ٻچن ڀائرن ۽ ورن جا لاش پنهنجي تڏن تي ڏسي ماتم ڪيو آهي.

تڏهن ڪائنات جي هن گولي تي رهندڙ انسانن جون اکيون پنهنجن تخليق ڪيل نظامن کي وساري آسوندين اکين سان ڪو مسيحا ۽ طبيب نهارين ٿيون.

اهڙي وقت ۾ هڪڙو اهڙو ماڻهو جيڪو موهن ۽ مومن جي نالن کي اهميت نہ ڏيئي انسان جي اندر ۾ ان جي نيتن جو ڳولائو آهي. انهي شخص سان منهنجي ذات جون محبتون ۽ ڪنهن وقت ۾ اختلاف بہ رهيا آهن. پر سندس ذات جو حسن اهو آهي جو ڪڏهن انهن اختلافن جي ڪري مون کي خود کان ڏور ڪرڻ جي بجاءِ ڇڪي ڇاتي سان لاتو آهي. آئون پوري يقين سان چئي سگهان ٿو تہ زمين جي گولي تي شدت پسندي جي شڪار ٿيندڙ ماڻهن جي رهيل پيار ڪندڙ رشتن جون اکيون اڄ بہ دنيا ۾ ڪو مسيحا، ۽ طبيب ڳولي رهيون آهن دنيا جي نهايت ئي ننڍڙي وستي عمرڪوٽ ۾ جنهن شخص هر مذهب، فرقي، نسل ۽ ذات پات جي ماڻهن کي مون وانگر ڇڪي ڇاتي سان لاتو آهي. سو مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب آهي. هتي آئون سندس قربتن، ڪڇهرين ۽ ڪجهہ واقعن جو ذڪر ڪرڻ مناسب سمجهندس، ۽ اهو ضروري سمجهان ٿو تہ ڳالهہ ڪجي اکين ڏٺي، ڪنن ٻڌي ڪرڻ هوا ۾ تير هڻڻ برابر هوندي، ان ڪري

پوري ويساھ ۽ ايمانداري سان ڪجھ واقعا بيان ڪندس. ٿيو ايئن جو جڏهن صوفي سڪندر فقير مرحوم ، صادق فقير جو " درد نامون " جيڪو فارسي ۾ لکيل آهي. ترجمو ڪرڻ لاءِ جمالي صاحب کي ڏنو ۽ پوءِ جڏهن مون کي صوفي سڪندر صاحب ٻڌايو تہ مون " درد نامون " جمالي صاحب کي ترجمو ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي. تہ مون کان بي ساختہ رڙ نڪري ويئي. چيم، يار ظلم ڪري ڇڏيئي ! هو تہ لٺ ملان آهي تو ڪھڙي اميد رکي " درد نامون " ترجمي لاءِ جمالي صاحب کي ڏنو آهي. چيائين تہ اڄ ڪلھ فارسي سمجھڻ وارن جو ڏڪار آهي. جي " درد نامون " فارسي ۾ رهيو تہ انهي جو لاڀ ڪنهن کي ڪونہ ملندو مون سوچيو آهي تہ هي مولوي صرف مولوي ناهي . ان ڪري ڪيس لائق سمجھي ترجمي ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو اٿم بهرحال اڄ ڏينهن تائين مون اهو ترجمو پڙهيو ناهي. هميشہ جمالي صاحب مون کي اهو چيو آهي. تہ مون ترجمو ڪيو آهي. پر منهنجا اکر ڪنهن کي سمجھ ۾ ڪو نہ ايندا. ڪنهن ماڻهو تي ذميواري رکو تہ آئون ڪيس پڙهي ٻڌايان ۽ هو لکي، هي مسودو اوهان جي حوالي ڪري پر منهنجين ڪوتاهين ڪري آئون اڄ ڏينهن تائين ايترو ننڍڙو ڪم بہ نہ ڪري سگهيو آهيان. مون کي ياد آهي تہ جمالي صاحب صوفي سڪندر جي اوطاق تي هڪ دفعو آيا. ۽ اتي ڪچهري ٿي، ان ڪچهري ۾ تصوف ۽ مذهب تي ڳالهائيندي، پهرين سندس اکين جي لالاڻ ۽ پوءِ وهندڙ لڙڪن آخر ۾ جذباتي ٿيندي سندس دستار پنهنجي هٿن سان لاهي پاسي تي رکي ڳالهائيندا رهيا. ان موقعي تي ڪين ٻڌندي منهنجي حيراني جا رنگ اپرندا رهيا. انهي ڏينهن کان منهنجا لٺ ملان کان اختلاف ختم ٿي ويا ۽ منهنجون محبتون ساڻس عشق ۾ تبديل ٿي ويون. منهنجو پاڳ جو ان زماني ۾ آئون پوليس جي نوڪري کان آزاد ٿي عمرڪوٽ ۾ بہ ڪارخانا لڳائي ڪاروبار ڪرڻ لڳس. روز جڏهن صوفي کان عمرڪوٽ ويندو هئس. تہ مولانا ۽ ساڻس گڏ هڪ بہ شاگرد ( جنهن جا نالا مون کان وسرن ٿا

) ولهيٽ واري واٽر تي عمرڪوٽ وڃڻ لاءِ سواري جي انتظار ۾ هوندا هئا. آئون گهران دعا ڪري نڪرندو هئس تہ شال، مولانا سان ملاقات ٿئي ۽ اڪثر منهنجي اها دعا قبول بہ پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ مولانا صاحب نہ ملندا هئا. ۽ جڏهن ملي پوندا هئا تہ آئون گاڏي روڪي مون سان گڏ ڪڻندو هئس. تہ اڪثر منهنجو ٿورو مڃي چوندا هئا. تہ اسين فقير روز لاريءَ ۾ ويندا آهيون. آئون چوندو هئس تہ هن فقير کي اوهان جي ڪجهہ لمحن جي لاءِ قربت جي ضرورت آهي. مهرباني ڪري مون سان ويهو ۽ هلو ۽ پوءِ چاڙٽي واٽي منهنجي ڪارخاني جي آفيس ۾ تصوف جا بخيا اڌيڙي وجهندو هئس. تہ جيئن ڪين ٻڌي سگهان. پوءِ تہ محسوس ڪندو هوس، تہ انتهائي نازڪ ۽ دقيق مسئلن تي جڏهن جمالي صاحب ڳالهائيندو تہ ٻڌندو ۽ سکندو هوس.

هڪڙو وقت آيو جو 1998ع ۾ " صادق شاهہ تحقيقي بورڊ " جي پليٽ فارم تان انٽرينشنل ڪانفرنس سڏائي سون. هندستان ۽ پاڪستان جي بگڙيل حالاتن جي ڪري، هندستان جي سنڌي اديبن کي پاڪستان اچڻ لاءِ ويزا نہ ملي، پر هيري نڪر جو اهو ڏک ڀريو خط جو اڄ بہ مون وٽ محفوظ آهي. ان کي پڙهڻ لاءِ نصير مرزا جي حوالي ڪيم، ۽ ان جي پوپان ان محفل ۾ شفيع فقير جو درد ڀريو ميوزڪ ارينج شامل هو. جڏهن نصير اهو خط پڙهيو سڄي محفل تي ماڪ ڇانئجي ويئي. ۽ پهريون دفعو احساس ٿيو تہ هتي ۽ هتي جي سنڌين ۾ سرحد اچي چڪي آهي. ان محفل ۾ جمالي صاحب جو خطاب جيڪو ويڊيو ۾ اڄ بہ مون وٽ محفوظ آهي. ان جي خوبصورت شروعات ايئن هئي تہ هتان صوفي مان گذرندي ايئن سوچيندا هئاسين تہ انهن ويچارن فقيرن درگاهہ پنهنجي گذر سفر لاءِ رکي آهي. وڏيڪ چيائون تہ جڏهن مون " درد نامون " ترجمو ڪيو، ان ڪان پوءِ جمالي صاحب جو ڪيل خطاب تاريخي آهي.

ان محفل ۾ موجود سنڌي ادب دوستن جمالي صاحب کي ٻڌي سندس خطاب کي ان محفل جو اهم ترين خطاب مڃيو. ڳالهہ کي مختصر ڪجي تہ جڏهن آئون ايس ايچ او عمرڪوٽ هئس، مون کي ڪنهن اردو ڳالهائيندڙ جي فون آئي، تہ توهين رسالت ٿي آهي توهان ستا پيا آهيو مون پڇيو ڪيئن؟ ڪٿي؟ چيائين پراڻي ٿانڪي کان هاءِ اسڪول ڏانهن ويندڙ رستي تي توهان پهچو جڏهن آئون پهتس تہ هتي 13 کان 14 ماڻهون موجود هئا، اها هولي کان هڪ رات اڳ جي ڳالهہ هئي. انهن مون کي چيو تہ عمرڪوٽ جي هندن حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جو نالو رستي تي ان لاءِ لکيو آهي. تہ جيئن ان رستي تان گذرندڙ ماڻهو پنهنجي پاتل جتين سان انهي مقدس نالي کي لتاڙي هلن. انهن کي مون چيو اداهي ڪنهن ٻار رنگ جي ڦوهاري سان موهن لکيو آهي جيئن تہ هي پيين سان لکيل ڪونهي، جو موهن لکندي " و " ۽ " ن " کي جدا ڪري سگهجي ڦوهاري جي ڪري اهو سڄو گڏيل لکيل آهي پر مون تي ڪين اعتبار نہ آيو مون چيو ترسو جمالي صاحب کي گهرايون ٿا جمالي صاحب کي عرض ڪيوسين پاڻ هتي پهتا ۽ غور سان جائزو وٺڻ کانپوءِ جمالي صاحب مخاطب ٿيندي چيائين ( تيستائين وڏيڪ ماڻهون گڏ ٿي ويا هئا ) تہ ڏسو موهن لکيل آهي يا محمد صہ لکيل آهي انهي تي فساد برپا نہ ڪريو ان وقت اهي جذباتي دوست تڪبير جو نعرو هڻي پريس ڪلب ڏانهن احتجاج ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا. ان بعد جڏهن اسين پريس ڪلب پهتاسين تہ سوين ماڻهون احتجاج ڪري رهيا هئا ۽ انهن جو هڪ مطالبو هو تہ فلاڻي معتبر ماڻهو کي گرفتار ڪريو. مون موقف سامهون رکندي ماڻهن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. نيٺ سيني اسلامي فرقي جي تنظيمي ضلعي عهدي دارن کي عرض ڪيم سي سمورا پهتا. انهن سان ويهي ڳالهايو تہ بلڪل ڪيس داخل ڪرايو جي اوهان جي نظر ۾ توهين رسالت ٿي آهي. تہ ڦوهارو هڻندڙ هڪڙو ماڻهون آهي سيني هندن جو ڏوهہ

ناهي جي ثابت ٿيو تہ يا ڪير بہ هجي ان کي آئون گرفتار ڪندس. جنهن تي سيئي عالم سڳورا متفق ٿيا. سيني عالم سڳورن مولانا جمالي صاحب کي چيو تہ انتظاميہ سان ٿيندڙ ڳالهين بابت احتجاج ڪندڙن سان ڳالهايو. اسين اوهان سان گڏ موجود هونداسين.
جڏهن جمالي صاحب جڪرا پمپ جي يونٽ جي دڪي تي چڙهي گڏ ٿيل مجموعي سان مخاطب ٿيندي ٿيل فيصلن بابت آگاهي ڏني، تڏهن بہ ڳالهائيندڙ دوستن جو اهو گروپ اهو ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري مالهي برادرز جي شاهين پيٽرول پمپ تي ڪاهہ ڪئي. انهن ماڻهن مان ڪجهہ ماڻهن جمالي صاحب تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي .مون سيني کان پهرين جمالي صاحب کي جامع مسجد عمرڪوٽ پهچايو .لال مالهي ۽ پراگاڻين جي گهرن تي حملا ٿيڻ لڳا. اتي پوليس جا جوان بيهاري انهن کي محفوظ ڪيو.
جڏهن لال مالهي ۽ چوئٽ جي پمپ تي پهتس تہ ڪجهہ يونٽن جا شيشا ماڻهو ٽوڙي چڪا هئا، احتجاج ڪندڙن ۾ جن کي منهنجي يونيفارم جو خيال هو تن کي پوئتي هٽايم ان دوران ٻارهن هزار ليٽر پريل پيٽرول جو ٽرينڪر موجود هو ان جي پيٽرول ڪيڻ واري پائپ کي کولڻ جي ڪوشش ڪري اخبار جو پنو ٻاري ٽرينڪر کي باهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي، مون پمپ تي موجود باهہ اجهائيندڙ سيلينڊر سان اها باهہ وسائي، ۽ واپس اچي آئسو گئس جا شيل احتجاج ڪندڙن تي فائر ڪرايا، ايتري ۾ ڏنو تہ ٿر بازار کان ڪٽڪ گدام تائين ايندڙ رستي تي 3 کان 4 سئو هندو جنهن جي ڪپڙن تي رنگ هاريل هو سي نڪتا. انهن کي ڏسي احتجاج ڪندڙ مسلمانن جي ماڻهن جو درياءَ رڙيون ڪندي وڙهڻ لاءِ وڌيو تڏهن عمرڪوٽ ۾ جناح پارڪ نہ هو، اتي هئي ڪڏ مون جوانن سميت اندر لهي مسلمانن ۽ هندن تي هڪ جيترا آئسو گئس فائر ڪرايا.

الله جو ڪرم ٿيو جو ان جي نتيجي ۾ ٻئي ٽولا پوئتي هٽي ويا. ان واقعي جي دوران عمرڪوٽ جا صحافي دوست مون کي ڪڏهن نہ وسرندا جن کي هڪ دفعي فون تي اهو چيو هئم تہ جي هڪڙو ٽڪر ڪنهن چئنل تي لڳو تہ پوري سنڌ ۾ هندو مسلم فساد پڙڪي پوندو. انهن دوستن ۾ انهي پريس ڪلب جا ڪجھہ صحافي موجود هئا جن پريس ڪلب تي پٿراءُ ڪرايو ۽ پريس ڪلب جا دروازا ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جن هندو صحافين وٽ سنيون اخبارون ۽ چئنل آهن. انهن تي عمرڪوٽ ۾ هيڏي وڏي ٿيل احتجاج جي خبر نٿي هلي وڏي ڪوشش ڪئي ويئي تہ لجپت مالهي کي ٻاهر ڪڍي ماري سندس لاش کي رستن تي گيلهيو وڃي .الهجڙيو سومرو کان وٺي سيني صحافي دوستن انهي خبر کي سموري سنڌ تائين پهچڻ نہ ڏنو .جمالي صاحب جي ڪردار ۽ سندس تنظيم پاران ڪڍيل ريلي اڄ بہ مون کي ياد آهي. تہ هندو مسلم فساد کي ٽاريو انهي ڪانپوءِ جمالي صاحب انهي واقعي جي نتيجي ۾ اها تحريڪ جاري رکي ڪنهن فرق کي مٽائي محبت جو اهڙو جهان جوڙيو جيڪو اڄ دنيا لاءِ مثال آهي.

مون کي جمالي صاحب صوفي عطاالله ستاري صاحب سان ملائڻ لاءِ چيو اها ملاقات ٿي ان جو اکين ڏٺو شاهد آئون آهيان جڏهن جمالي جا ڏارو قطار لڙڪ وهيا پئي ۽ صوفي عطاالله سائين جا محبت ڀريا ڀاڪر ۽ جمالي صاحب کي چميون ڏنيون پئي. تہ مون کي ڏکر ڏکر کان وٺي صديق فقير جي شاعري تي ڇانيل سموري درد جو فلسغو سمجھہ ۾ آيو ۽ جنيد بغدادي کي اکين ڏٺو محسوس ڪيم. ها ! اها ڳالهہ الڳ آهي تہ جمالي صاحب جي شاگردن کان وٺي ڪافي ماڻهو ساڻس اختلافات رکن ٿا پر جي ڳڻبو تہ وڏيڪ تعداد انهن هندن ۽ مسلمانن جو آهي. جيڪي ساڻس مون وانگر عشق ڪن ٿا.

هڪ دفعي جمالي صاحب کان پڇيم. تہ صوفي عطاالله ستاري صاحب گوبند واڻئي جي جنازي نماز پڙهائي آهي. اوهان جي فتويٰ ڇا آهي، ڇيائين گوبند کي نہ تون سڃاڻين نہ آئون سڃاڻان مريد کي فقط پنهنجو مرشد سڃاڻي ٿو.

تڏهن مونکي مولانا ابوالڪلام آزاد جي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ اهل جهد جي معاملات کي ڇڏي ڏيو هو ڄاڻن هن جو خدا ڄاڻي اوهين پنهنجا مذهبي فرض نڀايو اها ساڳي ڳالهہ تہ آئون گوتم تي ڳالهائي نٿو سگهان جو هو اهل جهد آهي هو ڄاڻي هن جو خدا ڄاڻي آئون ڪم عقل، نافهم ماڻهو آهيان. تصوف جا هي دقيق معاملات، وڻ جو پور، انسان جو اندر، محبوب جي حقيقت ڪنهن ڪنهن ڇاتي، اها ڳالهہ عقل جي احاطي ۾ نٿي اچي سگهي اهڙن ماڻهن کي اندر جي اکين ڏٺو اوهان تائين پهچائڻ لاءِ صديق فقير جي هي صدا سمجهان ٿو تہ ڪافي هوندي.

جو ذڪر ۾ نہ آيو. جو فڪر ۾ نہ آيو

مون تنهن سان چت لايو.

بنا نالي سپرين، ڳالهين ڪنهن نہ ڳايو.

مون تنهن سان چت لايو.

نبي ولي ويهون ٿيا، تان پار نہ ڪنهن پايو

مون تنهن سان چت لايو

سبحان حبڪ معرفت، اهو سور سپ ڪنهن ڇايو

مون تنهن سان چت لايو

صادق انهي سڪ ۾، روئي رت وهايو

مون تنهن سان چت لايو

مولانا صاحب سان ڪچهرين ۾ قربتن جا ڪئين قصا آهن. هتي اختصار ڪندي بيان ڪيا اٿم، ان تي وري ڪڏهن موقعو مليو ته انهن کي اوهان تائين پهچائبو..

# جيئڻ سي سنگهار

سردار پيو

مُلڪ جي وڏين وڏين يونيورسٽين جي ڪوتايل سيمينارن ۾ ناليوارن اسڪالرن، پروفيسرن، محققن ۽ ليکڪن جي آڏو بيهي مذهبي موضوعن ۽ ٻين ڪيترن ئي علمي پهلوئن تي مستند دليلن سان ماکي لار گفتار ذريعي گفتگو ڪندڙ مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب علمي روشني پکيڙيندڙ ڏيئو آهي اهي منظر سندن ڏاهپ، دانائي، علمي قد جا ساکي آهن جڏهن اهلِ علم ۽ اهل دانش وٽن اچي ادب ۽ احترام مان هٿ ملائڻ کي پنهنجي خوشقسمتي سمجهندا آهن. مولانا صاحب جي ديني، علمي، ادبي خدمتن جا متعرف آهيون جو پاڻ گهڻي عرصي کان ڪتابخاني کي هلائيندي درس و تدريس واري عمل ۾ اڳيان ۽ اڳيرو نظر اچي رهيو آهي، جيتوڻيڪ ضعيف العمري ۾ طبيعت جي ناسازي باوجود ديني ۽ انساني خدمت وارن ڪمن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. مولانا صاحب جي شخصيت جي باري ۾ سمورن پهلوئن تي هڪڙي مضمون ۾ لکڻ ناممڪن انهي ڪري ٻه آهي جو سندن خدمتون تمام گهڻيون آهن، ڪيترن ئي شعبن ۾ هن قلندر صفت انسان نيڪ نيتي ۽ خلوص مان پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو آهي. سندن شخصيت جو احاطو ڪرڻ مشڪل آهي جو هو عالم دين هئڻ سان گڏ سماج ۾ هڪ مسيحا جي حيثيت رکندڙ اهو مولانا آهي جنهن وٽ ڪنهن سان ٻه نفرت ڪرڻ جي لاءِ هڪ لمحو ناهي. محبتن جا پاڪر آچيندڙ هي انسان انسانيت سان اُنس ڪري ٿو تنهنڪري هُن وٽ ڀيل، ڪولهي، مينگهواڙ، هڏاوڙي، ريباري ۽ عيسائي جي وڏي عزت آهي. هڪڙو سچو مسلمان، جيد عالم دين، مفڪر هجڻ سان گڏوگڏ اهل قلم، اهل علم ۽ اهل دانش پڻ آهي،

بامقصد عالمانہ گفتگو ڪندڙ امراڻي جو هي عالم سڳورو انهي ڪري بہ منفرد حيثيت رکندڙ غيرروايتي مولوي آهي، جنهن جي مٽي تي ٻڌل اچي پٽڪي جي هر وَر مان انسانيت سان بيپناهہ محبت جي خوشبوءَ ايندي آهي، هُو الله تعاليٰ جي پياري محبوب ۽ آخري پيغمبر اسلام جي قول ۽ فعل جو پيروڪار هڪڙو ادنيٰ فقير آهي، جنهن جي گودڙي ۾ محبت، پيار ۽ پاٻوهہ، قُرب، صلح، ٻاٻپي، رواداري، نرمي، هيئاهين، هيٺائي ۽ حُب ڪانسواءِ ٻيو ڪجھہ بہ ناهي. مولانا صاحب جي دِل ۾ سنڌ ڌڙڪندي آهي، هُو سنڌ سان عشق ڪري ٿو ۽ سنڌي ماڻهن کي پنهنجو محبوب سمجهي ٿو ڌرتي جي مٽيءَ سان اٿاهہ عشق جو مثال اهو آهي تہ مولانا صاحب هن مٽي جي ماڻهن ۾ ميٺ ۽ محبت ورهائڻ کي انساني خدمت سمجهي ٿو. اسان جهڙن ماڻهن کي سندن محبتن جي آغوش ۾ ٽڪل، ٽتل، ساڻو ٿيل دِل کي آسيس ملندو آهي، ڇو جو هُو محبتون ۽ مُرڪون آڇيندڙ انساني مسيحا آهي، هُو ڪنهن سان بہ نفرت نہ ٿو ڪري! سِسڪيون پريندڙ اڄ جي انسانيت مولانا صاحب جي مچايل هن محبتي مچ تي هٿ سيڪيندي سولو ساهہ کڻندي آهي

ٻـني ٽـيون پـڙڪن، ٻاهيون ٻيراگين جـون،
هـلو تہ سيـڪيـون هـٿـڙا، مـٽي تـن مچن.

هو سماجي اداري سامي فائونڊيشن جي منعقد ڪيل وڏي تقريب ۾ اسٽيج تي ٻيهي پيل ، مينگهواڙ ۽ ڪولهي جو اوبر ڀاڻي پيئي مذهبي رواداري جو ثبوت پيش ڪري ٿو! سندن اهڙي عمل سان سماج ۾ وڌندڙ ويڇا گهٽجڻ لڳن ٿا!، بنا مذهبي تفريق جي مولانا صاحب جي انسانيت سان اُنس واري انداز دِلين تي وڏو اثر ڇڏيو آهي جو اڄ هر مذهب جو پيروڪار کين پنهنجي دِل سان عزت ۽ محبت ڏي ٿو. اها محبت هتي هرڪنهن کي نٽي ملي! ماڻهو جي حياتي ۾ سُک جون ساعتون مختصر ٿين ٿيون، ڏُک جا ڏاڍا ڏگها پنڌ ۽ رڻ جون اوکيون راتيون ٿينديون آهن.

هندستان جي مشهور ڏاهي شنڪر آچاريہ چيو " هن جهان ۾ مانيانا ۽ مها سنت آهن ، جيڪي چشمي وانگر، ماٺ ميٺ ۾ ۽ بنا گهرڻ جي، ٻين سان ڀلائي ڪندا آهن، هُو حياتي جو ڀيانڪ سمنڊ اڳئي اُڪري چُڪا آهن ۽ ٻين کي پار پهچائڻ ۾ خود بخود ۽ بنا مطلب جي مدد ڪندا آهن" مولانا صاحب ذاتي طور تي تمام حساس انسان آهي، هر انسان جي درد کي پنهنجو درد سمجهي ٿو، هُو پنهنجي سڄي ڄمار انسانيت جي درد تي لُڇي، پڇي ۽ پڄري گذاريندو رهيو آهي. حقيقي سونهن ٻئي جو ڏُک ڏور ڪرڻ ۾ آهي.

عُمريان لنگهيان پيان پا !

مولانا صاحب کُليل ڪتاب جيان آهي، جنهن جي هر صفحي تي انسانيت جا نقش چٽيل آهن، محبت جون ڳالهيون سهيڙيل آهن، نفرتن ۽ تفاوتن جو نالو و نشان ناهي! هُو ايمان، اتحاد ۽ ايڪي جو قائل ماڻهو آهي، تنهنڪري عمرڪوٽ ضلعي توڙي ٻين هنڌن تي ڪنهن بہ قسم جو ڦڏو، فساد، تڪرار، اها خواهہ سماجي هُجي يا مذهبي، مولانا صاحب نيڪ ارادي سان الله ڪارڻ ٻنهي ڌُرين کي سرچائڻ کي پنهنجو فرض سمجهندو آهي. اهڙا ڪوڙ سارا واقعا موجود آهن، جن ۾ مولانا صاحب جو مثبت ٻي مثال ڪردار نہ صرف ساراهڻ جوڳو آهي پر تاريخ جو حصو پڻ آهي. سماجي تقريبون هجن، مذهبي پروگرام هُجن يا ڪنهن بہ ڪميونٽي جو ڪٺ يا ميڙاڪو هُجي، جيڪڏهن مولانا صاحب کي مدعو ڪيو ويو، تہ پاڻ مقرر وقت تي پهچي شريڪ ٿيڻ کي پنهنجو فرض سمجهندو آهي، ايستائين جو ڪڏهين ڪڏهين طبيعت جي ناچاڪي باوجود بہ پهچيو وڃي. سندن چوڻ هوندو آهي تہ يار! دعوت قبول ڪئي سين تہ شريڪ ٿيڻ بہ ضروري آهي، اڳئين دعوتي کي کهڙي کل تہ آئون بيمار ٿي پيو آهيان يا نٽايان پيو، سو هر حال ۾ شريڪ ٿبو! پريس ڪلب ۾ ميلادالنبي صلي الله عليہ وآليہ وسلم جي

حوالي سان تقريب منعقد ڪيل هُئي، جنهن ۾ واحد مولانا صاحب مقرر هو. مولانا صاحب اچڻ جي پڪ ڏني پر رات جو اوچتو بيمار ٿي پيو. اسان کي ڪا خبر نہ پيئي تہ ڪو مولانا صاحب بيمار ٿي پيو آهي، پروگرام کان ڪجهہ وقت اڳ وٽن وياسون تہ جيئن سائين کي گاڏي ۾ کڻي پريس ڪلب پهچائجي. اُتي مولانا صاحب سان ملاقات ڪئي تہ انتهائي عليل نظر اچي رهيو هو اهڙي حالت ۾ سندن ساڻ هلڻ مناسب نہ هو. تنهنڪري گذارش ڪئي تہ سائين! اوهان جي طبيعت خراب آهي، آرام ڪريو. پر مولانا صاحب اهو چئي ساڻ هليو تہ مون شريڪ ٿيڻ جي هامي ڀري هُئي هاڻي مون کي ضرور هلڻو آهي ڇو جو حضور پاڪ صلي الله عليہ وآليہ وسلم جن جي ميلاد جي سلسلي ۾ پروگرام رکيل آهي، ويهہ پنجويهہ منٽ ڳالهائيندس پوءِ مونکي اجازت ڏجو! انهي تقريب ۾ ويهہ منٽن بدران ڏيڍ ڪلاڪ ميلاد النبي صلي الله عليہ وآليہ وسلم جي حوالي سان بهترين انداز سان ڳالهايو ۽ پوءِ سوالن جا جواب پڻ ڏنائين. ائين لڳي رهيو هو جڻ بيمار ئي نہ هوا پڇاڙي ۾ مون کائن پڇيو تہ سائين! اوهان هيترو وقت ڪيئن ترتيب سان ڳالهايو تنهن تي فقط اهو چيائون تہ جنهن جو پروگرام هو انهي جي برڪت آهي نہ تہ مون فقير ۾ ايتري طاقت ئي ناهي! مولانا صاحب سماجي رواداري جو امين ۽ سمورن مذهبن جي پوئلڳن سان محبت ڪندڙ حقيقي انساني مسيحا آهي جو هُو "ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇِنڻ مُور نہ سِکيا" جو قائل آهي، سمورن مذهبن ۽ عقيدن کي هن خوبصورت ڪائنات جي حُسناڪين جو رنگين گلدستي جا گُل سمجهندڙ هي انسان هر مذهب سان محبت ڪري ٿو ،اهڙن انسانن جي لاءِ جئين سلطان باهو چيو تہ

دِل دريا سمندرون ڏونگهي ڪون دِلان ديان جاڻي هُو
وچئين بيڙي، وِچئين جهيڙي، وِچئين ونجهہ مهاڻي هُو
چوڏنهن طبق دِلان دي اندر، تنبو وانگيان تاڻي هُو

جو ئي دِل دا محرم هووي، سوئي رب پڇاڻي هُو.

مون هن کي محبتون ورهائيندي ڏٺو آهي، جتي هوندو آهي اُنسيت ۽ پاڻ ۾ ڳنڍجڻ جي ڳالهه ڪندو آهي، ڇِنڻ جي ڳالهه ڪرڻ کي ڪفر ٿو سمجهي. مولانا صاحب هن پوئين ۾ هڪڙي انساني مسيحا طور تي عزت ۽ محبت جي لائق اهڙي شخصيت آهي، جنهن جي دِل ۾ انسانيت ڌڙڪندي آهي، هُن وٽ ڳنڍڻ جو فلسفو آهي، ڇنڻ مور نہ سکيو! هر ڪنهن کي جُڙي هلڻ جو چئي ٿو. ڀٽائي گهوٽ ٿو فرمائي:

ڇال مَ ڇِڇي نينهن، پِرت پُراڻي مَ ٿئي،
ڪوءِ رُسڻ ٻَنِ رِيتيون، ڪوءِ ڏولائي ڏينهن ،
سندو محبت مينهُن، وسي تان وَس ٿئي.

مولانا صاحب ڪنهن سان ڏاڍيان ناهي ڳالهائيندو، جڏهن گفتگو ڪندو آهي تڏهن سندن آواز ايترو جهيڻو هوندو آهي جو مشڪل سان ٻيو شخص آواز ٻڌي سگهي. ساڻن ملاقاتي ٿيندڙ هر ماڻهو سان وڏي پيار ۽ پاٻوهہ سان ملندو آهي. محبت جا ٻول ٻوليندڙ هن فقير ماڻهو جي من ۾ ميراڻ ناهي ۽ هر ڪنهن سان چڱائي جا ٻہ پير پرڻ سندن خاصو آهي.

چڱا ڪن چڱايون ، مَنايون مَنن،
جو وَڙ جُڙي جِن سين ، سو وَڙ سيئي ڪن.

مولانا صاحب چوندو آهي تہ هر ڪنهن کي پنهنجي مذهب سان محبت ۽ صدق ڪرڻ جو حق آهي، ڪنهن کي بہ اهو حق حاصل ناهي تہ هوُ ٻئي جي مذهب ۽ عقيدي جي چيڙچار ڪري يا ڪائن نفرت ڪري . مولانا صاحب انسانيت سان پيار ڪندڙ ساڪائتو ڪردار هجڻ ڪري سماج ۾ مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ ڪوشان آهي، انهي جو مثال اهو آهي تہ هُو هر ڪنهن جي سڏ ۾ سڏ ڏي ٿو. هُو هر تڪرار ۽ مامري جي نبيري لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري ٿو. مولانا صاحب معاملہ فهم، بااصول، باڪردار، دورانديش، صبر ۽ شڪر ڪندڙ انسان آهي، جنهن وٽ

معاشري ۾ وڌندڙ مذهبي انتهاپسندي کي ٻنجو ڏيڻ جي لاءِ حوصلي ۽ همٿ سان گڏ نيڪ نيتي ۽ اٽل ارادو پڻ آهي. تنهنڪري مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب عزت ۽ محبت لهڻي.
سامي فائونڊيشن ، سنڌ جو اهو ساڪائتو سماجي ادارو آهي، جنهن ٻن ڏهاڪن کان اسان جي خطي ۾ سماجي رواداري، امن، شانتي ۽ انساني ترقي لاءِ وڏي جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪئي آهي، اهو سلسلو اڄ بہ ماٺو ناهي ٿيو اڃان بہ اڳيان ۽ اڳيرو....، جنهن جو مثال اهو آهي تہ سامي فائونڊيشن هڪڙي روايت کي ٽوڙي نئين روايت جو بنياد وڌو آهي، جو مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب جهڙي عظيم ڪردار کي حياتي ۾ ئي سندن اعليٰ ڪردار ۽ خدمتن تي مڃتا ڏيندي ڪتاب سهيڙي ۽ ترتيب ڏيئي وڏي اهتمام سان شايع ڪيو پيو وڃي. اهڙي مثبت ۽ ساراهہ جوڳي قدم تي سامي فائونڊيشن ۽ سمورو سٿ جس لهي.

## ولهيتي ۽ ولهاري سلسلن جو سالڪ

# مولانا عبدالرحمان جمالي

آزاد سميجو

نما شام جو وقت آهي. ڏينهن جي روشني مُسلسل ڌُنڌلي ٿي رهي آهي. سج اولهه پار ڪان جڻ ڪنهن اُونهي سمنڊ ۾ ٻُڏي رهيو آهي. ڪاغذ ۽ قلم جي رفاقت ۾ رڪاوٽون پئجي رهيون آهن. شهر ڪراچيءَ ۾ سمنڊ ڪناري اهو داستان قلمبند ٿي رهيو آهي. قصو آهي سال اوڻيهه سئو ٿيانوي ڪان اٺانوي جو اڳوڻي امر ڪوٽ ۽ هاڻوڪي عمرڪوٽ شهر جو. جتي جنم ٿيو مُغل شهنشاهه اڪبر اعظم جو راڄ رهيو راڻي مهيندري ۽ همير سومري جو. جِتي ڀالوا جي سُهڻي صُورت مارئي قيد ٿي آئي، ڪاڪ جي شهزادي مُومل ڪنوار بڻجي آئي، جنم ٿيو جتي راجپوتن جي راڻي رتن سنگهه جو ۽ هاڪ ٿي راڻي اَرجن سنگهه جي. اها ڌرتي سڏجي ٿي سنڌ جي اَبُوالڪلام عبدالواحد آريسر جي. ٻُڌجن ٿيون هِتي ٻه قديم وسنديون، جن جا نالا آهن: ولهيٽ ۽ وَلهار. جتي پيدا ٿيا شريعت جا صاحب ۽ طريقت جي سلسلن جا سالِڪ. انهن مان هڪ روشن ستارو، علم جو قطب تارو، راڄ جو راڻو، موتي داڻو، جنهن کي اسين چئون: مولانا عبدالرحمن جمالي. قد وچولو، لال چمڪدار گولائون چهرو، ويڪرو نوراني نرڙ، گول مخروطي نڪ، پورسريون ڪتوريون اکيون، مٿان سُفيد سُونهن سراسر چاپئين سُونهاري، سر تي سُفيد ڇُڳو ڇڏيل سِنڌي پڳ، ڪُلهي تي ٻاڙهي ڇُر واري هالائي اجرڪ، سُفيد پوشاڪ، لاڪيٽي لوڏ، جڻ پيدا نہ ٿيو آهي، آسمان مان لاهي اَمراٽي ۾ آندو ويو آهي. جهڙو اَتس ظاهر ۾ سراپا صاف، سُفيد، اَڇو ۽ اُجرو، تهڙو ئي باطن ۾ پَاڪ ۽ پوِتَر. هيءَ جڻ

فلڪ جو فرشتو آسمان مان اُتري زمين تي لهي آيو آهي. ڪيس وندر ٻيلي ۾ حَب جا پهاڙ راس نہ آيا، اَچي وسايائين وڻ ولهيٽ ۾ ولهار جا. پاڻ هِتي پرديسي مسافر ڪُتابي تي آيو پڙهيو پليو ۾ وڏو ٿيو. راج جو راڻو ٿي اڄ سوڌو رَمندو وتي ٿو.
پاڻ هتي مسافر ٿي آيو ۾ راج جو راڻو ٿي رهيو آهي. سندن جنم وندر ٻيلي ۾ حَب جي پهاڙن ۾ڪنهن گم شده ڳوٺ ۾ ٿيو آهي، جتان جي جبلن ۾ پٿرن ڪان سپ ڪان وڌيڪ شڪايت سنڌ جي سَسئي ڪي رهي آهي. اڄ بہ مائي ڪولاچيءَ جي تڏهوڪي ڳوٺڙي ۾ هاڻوڪي آدم مار شهر ڪراچيءَ ڪان اولهندي پاسي وارن انهن پهاڙن جي پاساڻن، چوٽين ۾ ٻُڪرن ۾ چٽائي ڏسندئو تہ سماٽن، ڇاموٽن ۾ ٻروچن جون گاڏڙ ساڏڙ ننڍيون ننڍيون وستيون ۾ ڳوٺ نظر ايندا. ڪراچيءَ ڪان هنگلاج تائين اهو علائقو اڄ بہ سنڌ جي ثقافتي ۾ تهذيبي سرحدن ۾ شامل آهي. جيتوڻيڪ هِن وقت انتظامي طور الڳ آهي. يٽ ڏٽيءَ جو ڪردار، سخي سردار ڄام سبڙ چوٽاڻيءَ جو تعلق پڻ ساڳئي سرزمين سان آهي. منگهو پير ڪان هنگلاج تائين منزل بہ منزل يٽ ڏٽيءَ جا ٿان، تَڪيا ۾ ٿَلها آهن. مولانا عبدالرحمن جماليءَ جو جنم پڻ انهن جبلن ۾ قائم "زوڙ" قبيلي جي هڪ بَستيءَ ۾ عبدالله زوڙ جي گهر ۾ ٿيو. هتان جي مقامي باشندن جا نقش نگار ۾ قد بُت بہ ڪي ايڏا سُهڻا ڪو نہ آهن. ٻُجر ڏاڙهين سان مٿي تي هلڪي زري ۾ رواجي پشم جون سخت ڪوپن واريون ٽوپيون، پيرن ۾ هٿرادو نموني جوڙيل چمڙي جا اڻ گهڙيا سينڊل ۾ بُت تي ميرانجهڙيون رنگين پهراڻون ۾ گهيردار شلوارون، ڪيهہ پُڪليل ڪُڙيون ۾ پگهر پريل پير، پٽائي چواڻي، "اي وڙ ويڙهيجن، مون لوڏان ئي لکيا". اهي سندن ظاهري خدو خال آهن. ان ٻروچن جي قبيلي ۾ جنم وٺندڙ "عبدالرحمان" ٻين ڪان تمام گهڻو منفرد آهي، سندن سيرت بہ سُهڻي، تہ صورت بہ سبحان الله، اڳتي هلي ڪيس علم جو شوق ستائي ٿو يا حَب ۾ ٻيلي جو ذُڪر ۾ ٻُڪ، آثارن مطابق شڪ

پوئين ڳالهہ جو وڌيڪ ٿو ٿئي، وڌيڪ وضاحت لاءِ پاڻ کان پُڇي سگهو ٿا. بهرحال اهو ننڍڙو عبدالرحمن اچي ولهيٽ جا وڻ وسائي ٿو. جتي پنهنجي ذهانت، فطانت، محنت ۽ مشقت سان نہ رڳو پاڻ پروان چڙهي ٿو. پر پنهنجي ڀائرن سميت سموري خاندان جو پڻ پرجهلو ٿي بيهي ٿو. هو ولهيٽ مدرسي ۾ صرف، نحو منطق، فقهہ، ادب، تفسير، معاني، فلسفي جي فن جي سکيا حاصل ڪري، ساڳئي مڪتب جي ماهر اُستاد طور پڻ خدمتون سرانجام ڏيڻ شروع ڪري ٿو. هِن مڪتب جي مهندار مولانا عزيز الله ساند جو صحيح جانشين ثابت ٿئي ٿو.سندس عِلم جي مهارت کان ولهيٽ ۽ ان جي ذيلي سلسلن؛ ولهار ۽ ناري پَٽ جي مُعلمن جا مُريد، معتقد، طالب توڙي صُحبتي فيض ياب ٿين ٿا. گڏوگڏ هو سرڪاري اسڪول ۾ جديد فنون جي اُستاد طور پڻ خدمتون سرانجام ڏيئي سرخرو ٿئي ٿو. اهڙي ريت ولهيٽ، ولهار ۽ نارا ويليءَ جي ننگرن جا قديم توڙي جديد عُلوم ۽ فنون جا شائق ۽ مشتاق سندس روحاني، ديني ۽ دنياوي مشَرب جي آب حيات مان سيراب ۽ شاداب ٿين ٿا. انڪري اَمراٽي ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ سندس بالواسطہ ۽ بلاواسطہ شاگردن جو جهجهو تعداد قيام پذير آهي. اهوئي سبب آهي، جو سندس هاٽوڪي عمر کوٽ واري مشرب تي هر وقت ملاقاتين جو ميڙو متل رهي ٿو. اهو ميڙو فقط اُن ڪري ناهي جو، هُو مُدرسن جو مُعلم ۽ اسڪولن جو اُستاد رهيو آهي. پر هُن پاڻ سان ٻيون پڻ ڪيتريون ئي شناختون جوڙي پنهنجي شخصيت کي هڪ تناور درخت پڻ بڻائي ورتو آهي. منهنجو ساڻس سَڱ اُستاد ۽ شاگرد وارو آهي، اُن ۾ پدرانہ شفقت جي پڻ آميزش آهي. اهو سَڱ بظاهر سادو پر درحقيقت ٻڙ جي وڻ جيان گهاٽو ۽ نم جي ڇانءِ مِثل ٺڏو نفيس، نازڪ ۽ ناياب پڻ آهي. اُن تعلق جي وضاحت لاءِ مون کي ديوان حافظ جو سهارو وٺڻو ٿو پوي!

فرياد حافظ اين همہ آخر بہ هرزه نيست،

هم قصـۂ عجيب و حديث غريب است.
(حافظ جي فرياد مذڪوره روئداد متعلق ڪا اَجائي ناهي، دراصل اِهو قصو غريب ۽ حديث عجيب آهي)
منهنجو اِن فرشته نما شخصيت سان سال اوڻيهه سئو ٽيانوي عيسويءَ ۾ موسم بهار جي پچاڙڪن ڏينهن ۾ شاگرد جي حيثيت سان سڱ جُڙيو ٿيو ائين جو اُن وقت آئون گورنمنٽ هاءِ اسڪول نمبر"2" عمرڪوٽ ۾ ائين ڪلاس جوطفل مَڪتب هُجان. ٻڪرا پڙي لڳ رهائش هُجي. روزانو ٽر بازار وارو مُکيه رستو ڏئي، موتي چوڪ وٽان شاهي بازار ۾ داخل ٿي، مشهور سونارا گليءَ مان ٿيندو هاءِ اسڪول ايندل ويندل هُجان. سونارا گهٽيءَ جي پُڇڙيءَ وٽ ٻن ڪمرن واري قديم آثار نما مڪان مان ٻارن جي وڏي آواز ۾ پڙهائيءَ جو آواز ٻُڌندو رهان ٿو. سمجهان ٿو ته شايد هيءُ اهو ئي مَڪتب آهي، جتان جي اُستاد جون اوصافِ حميده ۽ خِصال خَليقه منهنجو چاچا ٻُڌائيندو رهي ٿو دل ۾ اچانڪ قربت جو ڪرنٽ لڳڻ شروع ٿئي ٿو. جڏهن جڏهن گذر پيو ٿئي، ته اهو شوق ويتر وڌي پيو وڃ ٿيندو وڃي. نيٺ چاچا کي اُن عالي جاه اُستاد جي خدمت ۾ خاڪ نشيني لاءِ راضي ڪريان ٿو. هڪ ڏينهن اسين ٻئي ڄڻا تيار ٿي، روزانه زيارت جي معمول بڻيل اُنهيءَ ياڳوند مڪتب ۾ داخل ٿيون ٿا. ڪُل ٻه ڪمرا آهن، شروعاتي ڪمري ۾ هڪ الماري پيل آهي. پَٽ تي ميرسري فراشيءَ وڇايل آهي. اُن مٿان سفيد ڇَو واري پٽراٽيءَ تي وِهاٽي کي ٽيڪ ڏئي، سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس هڪ معمر شخص سيني تي هڪ ضخيم ڪتاب جهليو مطالعي ۾ مصروف آهي. پرسان کي ڪتاب ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. ساڄي پاسي سُفيد پڳ جو ويڙهوٽو پيل اٿس، کاٻي طرف ڳاڙهي هالائي اجرڪ ٻه گهنجريل حالت ۾ موجود آهي. اُنهيءَ سُهڻي صورت واري شهنشاهه جو وات بلڪل ڳاڙهو لڳو پيو هُجي، پانيم پان سان پريت جو

پابند آهي، اڳتي هلي پتو پيو ته ناس جي نشي سان پڻ نينهن جو ناتو اٿس.
اسان جي سلام ڪرڻ تي پاڻ سڌو ٿي ويهي رهي ٿو. ڪتاب هڪ پاسي رکي، نظر جي عينڪ ڪاپي هٿ ۾ جهليندي رَسمي حال احوال بعد مون ڏانهن اشارو ڪري ٿو: "هيءُ ڇوڪرو ڪير آهي؟" چاچا سائين وراڻي ٿو: "منهنجو ڀائيٽو آهي، ڪيس اوهان جي شاگرد ٿيڻ جو بي پناه شوق اٿس، اسڪول ۾ به ائين ڪلاس ۾ پڙهائيءَ جاري رکڻ گهري ٿو". پاڻ هلڪي مسڪراهٽ سان گڏ هائوڪار ڪيائون. هڪدم پير واري ڪمري مان مُدرس مولوي سڳوري کي گهُرائي منهنجي پارت به ڪيائون ۽ ڪلاس ۾ ويهارڻ لاءِ پڻ چيائون. اهڙي ريت آئون ڪلاس جي ڪمري ۾ داخل ٿيان ٿو. ڪاٺ جي صندلين تي وڏا وڏا ڪتاب رکيل ڪُتابي با آواز بُلند هڪ ٻئي سان بحث ڪري رهيا آهن. اول ته اجنبي نظرن سان مون کي ڏسڻ لڳن ٿا. بعد ۾ اُستاد جي غير حاضريءَ جو فائدو وٺندي سوالن جوابن ۾ شروع ٿي وڃن ٿا. آئون جڏهن ڪين پنهنجي اسڪولي تعليم ۾ داخلا بابت ٻُڌايان ٿو، ته سڀني جي چهرن تي ناپسنديدگي جا آثار نمايان طور نظر اچڻ لڳن ٿا. ائين اهي پاڻ ۾ سُس ڦُس ۾ شروع ٿي وڃن ٿا. جيئن مُدرس صاحب ڪلاس ۾ داخل ٿئي ٿو سڀني کان وڏي عمر وارو ۽ وڏا ۽ ٿُلها ڪتاب رکندڙ ڪُتابي هوريان هوريان ڪيس ڪجهه ٻُڌائي ٿو. مُدرس صاحب پڻ مون ڏانهن سواليه نظرن سان نهاري ٿو. آئون سمجهي وڃان ٿو ته هتان جي جمله جماعت اسڪولن جي تعليم کي جائز نه پئي سمجهي. جيتوڻيڪ مُدرس صاحب هِڪ مناسب مزاج ۽ سياءُ رکندڙ شخصيت هو. پاڻ نه چاهيندي به مُون کي عربي گرامر جي تعارفي ڪتاب "ڪتاب الصَرف" جي سبق اَول کان شروعات ڪرائي، گڏوگڏ انتباهه به ڪيائين ته درس نظامي جي نصاب مطابق ست مهينا گذري چُڪا آهن. دوران سال ڪنهن به شاگرد کي داخلا ناهي ڏني ويندي، توهان کي سخت محنت

ڪري اهو خال پرڻو آهي، تہ جيئن سالانہ امتحان تي سگهن. مون بسم الله ڪري پنهنجو ڪم جاري رکيو. صبح، منجهند ۽ شام ڪُل تي پيرا سبق ياد ڪري اُستاد صاحب کي ٻُڌائيندو هُئس. ائين ٻن مهينن ۾ اهو خال پري ورتم. سالانہ امتحان ۾ پوري مڪتب ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪيم.

هيءُ بزرگ عالم مُنهنجي محنت ۽ ذهانت مان ڏاڍو خوش هو. جيتوڻيڪ مدرسن جا مولوي حضرات منهنجي اسڪولي تعليم جا مخالف هُئا. اهي روايتي دليلن جي مدد سان منهنجي اسڪولي تعليم ڇڏائڻ لاءِ پيا زور پريندا هئا. ائين ڪڏهن مدرسي جا ڪتابي ساٿي، تہ ڪڏهن وري ايندل ويندل مولوي حضرات مون کي دنياوي تعليم تي پيا تنقيد جو نشانو بڻائيندا هئا. آئون چاهيندي نہ چاهيندي پيو برداشت ڪندو هُئس. صبح جو فجر نماز کانپوءِ هڪ سبق مدرسي جو پڙهي، هلڪو ڦلڪو جهڙو مليو ، تهڙو ناشتو ڪري اسڪول هليو ويندو هُئس. اسڪول جي گيٽ وٽ مَدرسي واري سفيد ٽوپي کيسي ۾ وجهي، سڌو اسيمبليءَ ۾ شريڪ ٿيندو هُئس. منجهند بہ وڳي وري مَدرسي جي گيٽ وٽ کيسي مان اچي ٽوپي ڪڍي پائي ڇڏيندو هُئس. اهڙي ريت پنهنجي پر ۾ پرپور ڪوشش ڪندو هُئس، تہ هاءِ اسڪول ۾ اتان جو شاگرد، تہ مَدرسي ۾ وري مَدرسي جو شاگرد نظر اچان. ان جي باوجود اسڪول جا هم ڪلاس دوست مولوي هُئڻ جا ۽ مَدرسي جا هم جماعت وري انگريزي پڙهڻ جا طعنا پيا هڻندا هئا ۽ اهي نہ چاهندي بہ پيو برداشت ڪندو هُئس. ان سموري ماحول ۾ مُون لاءِ اُتساهہ ۽ اطمينان جو ڪارڻ صرف هڪ ئي شخصيت هُئي. جيڪو اڄ منهنجي موضوع جو مرڪز ۽ هن مجلس جو مُور آهي. اُن جي شفقت جي ڇانءُ مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وڃي.

ان شخصيت کي اسين سڀ "مولانا عبدالرحمان جماليءَ" جي نالي سان ياد ڪريون ٿا. هو پاڻ کي "جمالي" سڏائي ٿو. سندس تعلق "زوڙ" قبيلي سان آهي. گذريل ڇئن سالن کان سنڌ جي "نسليات" منهنجي تحقيق جو

موضوع رهي آهي. لس ٻيلي ۾ حَب توڙي ”هاڙهي“ جبل تي آباد سنڌي قبيلن جو خوب مطالعو ڪيو اٿم. ”زوڙ“ قبيلي جون مٿيون مائٽيون سيٺارن ۾ گونگن قبيلن سان آهن. ٻئي قبيلا سماٽ ۾ ڄاموٽ آهن. هونئن بہ هتي صدين کان ڄام ۾ ڄاموٽ صاحب اقتدار ۾ رهيا آهن. اُن ڪري مُنهنجي تحقيق موجب ”زوڙ“ بہ سنڌ جا سماٽ آهن ۾ انهن تي ٻَروچاڻو رنگ غالب آهي.

جمالي صاحب نہ فقط منهنجي درس نظامي جي تعليم جو خيال رکڻ لڳو سبق ٻُڌڻ لڳو داد ڏيڻ لڳو پر گڏوگڏ عصري تعليم جي مضمونن جي پڻ خبر چار وٺندو هو جتي جتي ضرورت سمجهندو هو اُتي رهنمائي پڻ ڪندو هو. هڪ بہ پيرا هاءِ اسڪول پڻ هليو آيو ۾ متعلقہ اُستادن کي منهنجي پارت پڻ ڪيائين. ان ڏکهي قصي ڪرڻ جو مطلب آهي، تہ هُو قديم علوم جي تحصيل سان گڏوگڏ جديد ۾ عصري علوم جي تعليم کي نہ رڳو جائز پر ضروري پڻ سمجهندو هو. ان ڪري هو مون کي پيءُ ۾ اُستاد واري گڏيل شفقت جو شرف پڻ بخشڻ لڳو هو انين ڪلاس ۾ سج گرهڻ، چنڊ گرهڻ ۾ سائنس جو فلڪيات وارو باب مُون کانئس ئي سکيو. اهڙي ريت درس نظاميءَ ۾ علم الصرف جو مضمون پڻ پڙهيو. جڏهن اسڪول ۾ مدرسي جا امتحان ٿيا، تہ مَدرسي مان فرسٽ پوزيشن ۾ اسڪول مان وري سيڪنڊ پوزيشن حاصل ڪيم. ان مان سندس اعتماد پڻ وڌي ويو ٿيو. هُو مون کي پنهنجي پيءُ جهڙو پيار ڏيڻ لڳو. منهنجي ڪاميابي کي هر مولوي ۾ مِستر سان مثال بڻائي پيش ڪرڻ لڳو. اهڙي ماحول ۾ مون کي هُو سنڌ جو نظام الدين اُولياءُ لڳندو آهي. جنهن وٽ هندوستان جي سَتن بادشاهن جو زمانو ڏسندڙ موسيقي ۾ شاعريءَ جي خرافات جي دلداده ۾ داعي حضرت امير خسرو جڏهن شاگرديءَ جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ پيش پوي ٿو تہ هُو بنا دير کيس پنهنجي بارگاهہ ۾ قبوليت جو شرف بخشي ڇڏي ٿو. کيس بادشاهن جي درباري ۾ غير شرعي اُمور جي عادي هُئڻ جو طعنو هڻي

مُوٽائي نٿو. عزيزان من! آئون يقينن امير خُسرو ته ڇا، پر ان جي پيرن جي پيزار برابر به ناهيان، ليڪن هيءُ بزرگ منهنجي سنڌ جو نظام الدين اولياءُ آهي، اُن ۾ذرا برابر به شڪ ڪندڙ گُمراهن جي جماعت جا غازي آهن.

هُو پنهنجي مزاج ۾ معتدل، صُلح پسند، کُليل ذهن، دل ۽ دماغ وارو انسان آهي. عِلم ۽ ادراڪ جو بُلند قامت پهاڙ آهي. منطق ۽ فلسفو سندس ساڄي هٿ جو کيل آهن. فلسفه فلسفه ۽ منطق منطق جو راڳ ڪنن ٻُڌو توهان ۽ اسان تمام گهڻو آهي، پر اکين ڏٺو گهٽ آهي. اگر اوهان کي صحيح معنيٰ ۾ ڪنهن صاحب فلسفه شخصيت جو ديدار ڪرڻو آهي، ته هليا اچو سندن مُک مهتاب پسي وٺو. اُن جي گفتگو مان فلسفه ۽ منطق جا واهڙ ائين پيا وهندا آهن، جيئن ناگا پربت جي پهاڙن مان پاڻي جا چشما ڦٽي نڪرندا آهن. ڪيس ڪهڙو به تصوراتي موضوع منتخب ڪري ڏيو، پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڏينهن جا ڏينهن، بلڪ مهينن جا مهينا بلا تعطل گفتگو وينا ٻُڌو. پاڻ صرف، نحو، منطق، فقه، اصول فقه، تفسير، طبعيات، فلڪيات، الهيات، ادب، معاني، ميراث ۽ علم اللسان جي قديم علمن ۾ ڪمال جي قدرت رکندڙ عالم آهي.

هن عالم کي جديد علوم سان پڻ ايتري ئي رغبت ۽ راهه رسم آهي، جيتري قديم علوم سان آهي. قديم طبعيات، ڪيميا ۽ فلڪيات کي جديد تحقيق سان جوڙي، اوهان کي اهڙو ته علمي ليڪچر ڏئي ڇڏيندو، جو وڏين وڏين جامعات جي ڊاڪٽريٽ ڊگري يافته پروفيسرن جا پاجاما ۽ پتلون پگهر ۾ پرجيو وڃن. اُن جي زبان ڏاڍي شيرين بيان آهي ۽ مٿان وري لغت ۽ لفظن جي بي پناهه ذخيري سان ڪيس پنهنجي وڏي ۾ وڏي علمي حريف کي مات ڏئي ميجائڻ جو ملڪو پڻ مالڪ پاران مليل اٿس. هُو منطق تي ايتري ته مهارت رکندڙ مَهاساگر آهي، جو سفيد کي سياهه ۽ سياهه کي سفيد ثابت ڪرڻ لاءِ عصاءِ موسيٰ ۽ يد بيضا به رکي ٿو. اُن وٽ استدلال ۽

استعداد جي بيش بها قوت آهي، جنهن سان مُخالف جي مضبوط موقف کي علمي صلاحيت سان ائين پچي پورا پورا ڪري ڇڏيندو آهي، جيئن مئيخانن جا مشتاق پنهنجي پرپور خمار ۽ مَستيءَ جي عالم ۾ جام ٽڪرائي ٽڪرائي ڪرچيون ڪرچيون ڪري ڇڏيندا آهن. اُن وٽ پنهنجي علم، ڏاهپ ۽ حڪمت ذريعي ننيڍڙي موضوع مان هزار داستان ٺاهڻ جو سَليقو ۽ سَنوت پڻ آهي. ڪيس نانگن جهڙن موضوعن مان نوڙيون ۽ نوڙين مثل مسئلن مان پنهنجي ڏاهپ ۽ بصيرت جي توانائيءَ سان نانگ ٺاهڻ جو فن پڻ اچي ٿو.

وڏا وڏا جُبه پوش ۽ عمامه بردار سندن ڏاهپ، ڏات ۽ ڏانءُ کان ائين نٽائيندا آهن ، جيئن گنجا پاڪين کان لهرائيندا آهن. مُون عمر ڪوٽ جي جامع مسجد ۾ ڪيس بسم الله الرحمن الرحيم تي ڇهه مهينا بلا تعطل درس ڏيندي ٻُڌو آهي. ٽنڊي باگي ۾ سنڌي قوم جي عروج ۽ زوال جا اسباب، علم انسان ذات جو اجتماعي ورثو آهي ۽ "انسانن ۾ وڌندڙ حرص دنيا لاءِ تباهه ڪُن ثابت ٿيو آهي" جهڙن موضوعن جي تمام دقيق ۽ عميق مسائل تي حڪيمانه ۽ عالمانه گفتگو ڪندي ڏٺو آهي، هو ڪتابي ڳالهين کي فطرت ۽ ماحول سان ائين جوڙي ويندو آهي ، جيئن لوهار ڪڙو منجهه ڪڙي لپيٽي سنگهر جوڙيندو آهي. هو ٻن قسمن جي مطالعي جو شوقين آهي. رسمي ڪتابن سان پڻ چاهه رکي ٿو ته ڪائنات جي آيات ۽ آفاق ۾ پڻ غور ۽ فڪر جي عادت ۽ اثر پڻ رکي ٿو. هُو جيتوڻيڪ ڪنهن به تصور (concept) جو موضوع ڪتاب مان ڪڍي ٿو پر اُن جي ڦهلاءُ ۽ وسعت لاءِ فطرت جو سهارو پڻ ضرور وٺي ٿو.

حڪيم جالينوس سان جڙي ٻوٽيون فقط بيمارين متعلق گفتگو ڪنديون هيون. پر هيءُ قرآن حڪيم جي زبان ۾"اولوالالباب" جي قافلي جو شايد آخري پانڌيئڙو آهي، جنهن وٽ جيڪڏهن قرآن ڪريم جون "آيتون"

هدايت جو ذريعو آهن. تہ فطرت جي منظر جون "آيتون" پڻ سندن لاءِ رهنمائيءَ ۽ رهبريءَ جي وٿ آهن.
ان في خلق السموت والارضِ واختلاف الليل والنهارلآياتِ لاولي الالباب.
(العمران رڪوع 20)
(بيشڪ زمين ۽ آسمان جي تخليق ۾ ۽ ڏينهن ۽ راتين جي بدلجڻ ۾عقل وارن لاءِ آيتون آهن).
ان مان لڳندو آهي، تہ شايد هو فطرت پسند آهي. سنڌ جو سرسيد احمد خان آهي يا جين پال سارتر (Jean Paul Sartre) آهي. ان جي حتمي وضاحت هُو پاڻ ئي ڪري تہ بهتر! آئون فقط ايترو وثوق سان چئي سگهان ٿو ، تہ هُو بي انتها "فطرت پرست" آهي، متان ڪو اعتراض ڪري، تنهنڪري ڪيس "فطرت پسند" قرار ڏيون ٿا. مُون ٻن قسمن جا "فطرت پسند" ڏٺا آهن. هڪڙا اُهي جيڪي ڪائنات جي منظرن، وڻن ٽڻن، باغن بُستانن، سَبزن ساوڪن، جهنگ جهرن جبلن، دريائن ڍنڍن ڍورن، سمنڊن، پِٽَن بيابانن ۽ سج چنڊ تارن جي سطحي منظرن جا مُتلاشي هوندا آهن. اهي تارن جي تازگين، چنڊ جي چانڊوڪين، سُورج جي شعائن، ڌرتيءَ جي مَهڪ ۽ آسمان جي اهڃاڻن مان فقط اک جي علم ذريعي پيا لطف اندوز ٿيندا آهن. پر هيءُ تہ منهنجي سنڌ جو هڪ حڪيم آهي، جيڪو پنهنجي اک کان "نظر" جو ڪم وٺي ٿو تہ ساڳئي اک جي گهرائيءَ مان "بصيرت" جي جوت پڻ جلائي ٿو. هو انهن مَنظرن کي پنهنجي اک جي نظر سان ڏسي، پوءِ بصيرت جي مانڊاڻيءَ سان ولوڙي ڪائنات جي رازن جو مَکڻ لاهي ٿو. منهنجي ڳالهہ فقط اهي صاحب علم ۽ ادب سمجهي سگهندا، جن کي "نظر" ۽ "بصيرت" جا معنوي مفهوم معلوم هوندا. اهو لقاءُ سندس گفتگوءَ جي سلاست، فصاحت، بلاغت ۽ گهرائيءَ مان پڻ پسي سگهو ٿا. موقعي جي مناسبت سان مون کي انگريز عالم"وليم شيڪسپيئر" جا لفظ ياد اچن ٿا.

"And this our life, exempt from public haunt, finds tongues in trees,
Books in the running brooks, sermons in stones and good in
Everything, if we have penetrating eyes."

(اسان جي ظاهري زندگي کان علاوه بہ ڪائنات جي رازن ۾ گهڻو ڪجهہ سمايل آهي. وڻن کي زبانون آهن، وهندڙ چشما آهن. پٿر وعظ پيا ڪندا آهن ۽ هر شيءِ ۾ سهڻو راز سمايل آهي، جيڪڏهن اسان وٽ بصيرت واريون اکيون هجن.)

هَو جلال الدين رومي، مولانا عبدالرحمن جامي ۽ فريد الدين عطار جهڙن "اولي الابصار" عالمن ۽ اوليائن جي قافلي مان وڇڙي ويل واٽهڙو آهي. هُو علت ۽ معلول ۽ سبب ۽ اثر (cause and effect) جي رواجي ڪج بحثن کان گهڻو مٿانهون آهي. هُو ڪڏهن ڪڏهن پيير علي محمد راشدي چواڻي، سنڌ جي مردم خيز ڌرتي "پاٽ" جي مُعتبر ۽ متبرڪ عالمن جي قافلي جو گم ٿي ويل "ساٿي" بہ لڳندو آهي، تہ ڪڏهن وري ابن عربي جي معتقد مخدوم معين ٺٽوي، سرتاج الشعراءُ شاهہ عبدالطيف ڀٽائي ۽ ميان عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو چوٿون يار پڻ، تہ ڪڏهن وري منهنجي امراڻي جي سرزمين جي ولهيٽي ۽ ولهاري سلسلي جي سالڪن جي آخري نشاني بہ. منهنجي خيال ۾ ڪيس انهيءَ آخري قافلي جو پانڌيئڙو سڏڻ اسان جي دل ۽ دماغ وٽان وڌيڪ بهتر ٿو لڳي. پاڻ هر قسم جي تعصب کان بالاتر آهي، مَسلڪن، فرقن ۽ مذهبن جي رواجي ۽ غير رواجي تعصب کان پاڪ پويتر رُوح جو سهڻو ۽ صاف سانچو ۽ ڍانچو آهي. وڏو فرد شناس آهي. هر ايندڙ ويندڙ مقيم توڙي مسافر کان اُن جي مزاج، مَسلڪ، مذهب، مَطلب ۽ ضرورت مطابق گفتگو ڪري ڪيس پنهنجو گرويده بڻائي ڇڏيندو آهي. هُو سنڌ سونهاري جي قديم اسلامي مَشرب ۽ مَسلڪ جو آخري چوڪيدار

آهي. جنهن وٽ امن ۽ اهنسا واري قديم صوفياڻي سنڌ جي خزانن جون ڪُنجيون آهن. اُن ڪري هُو دورِ حاضر جي ڪج بحثي ديوبنديانہ، بريلويانہ، سُنيانہ توڙي شيعانہ روايتن کان تمام ڏور، اويلي ۽ اَجنبي مسافر جيان بيٺل نظر ايندو آهي. هُو منهنجي سنڌ جي قديم سنڌي اسلامي مشرب ۽ مسلڪ جو امين آهي، جنهن جو پڙاڏو اسان پنهنجي ڀُڏڙن جي ساده لفظن ۾ گُهريل دُعائن ۾ ئي ٻُڌندا آهيون.

اوڙي جو خير، پاڙي جو خير!
نندي جو خير، وڏي جو خير!
مال جو خير، وٿاڻ جو خير!
وڻن جو خير، پکين جو خير!
جيتن جو خير، جناورن جو خير!
هندو جو خير، مسلمان جو خير!
اسان جا اِلاهي سيني جو خير!

پاڻ انهيءَ فڪري ۽ مَسلڪي سلسلي جو آخري داعي آهي، تنهنڪري ئي تہ پاڻ مَسلڪي، مذهبي ۽ قبائلي تعصبات کان تمام گهڻو بيزار لڳندو آهي. هيءُ تعصبات کان پاڪ دور جو هڪ اهڙو جوڳي آهي، جيڪو شايد رستو ڀُلجي پيو آهي ۽ اچي اسان واري جهنجهٽ ۾ ڦاٿو آهي. هُو مون کي مولانا روميءَ جي انهن سٽن جو جيئرو جاڳندو مثال پڻ لڳندو آهي.

درمذهب ما ڪافريست رنجيدن

(اسان جي مذهب ۾ ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ ڪفر جو ڪم آهي.)

هُو هر ڪنهن جي درد جي دوا رکي ٿو اُن ڪري هر تڙپندڙ رُوح سندس تڏي تي اچي سُڪون ۽ سانت حاصل ڪندو آهي، سندس آسپاس هر

وقت ماڻهن جا ميلا متل هُوندا آهن. جيڪي مسلمانانہ، هندوئانہ، ٻروچانہ، سماٽانہ، مَسلڪانہ ۽ فرقيوارانہ چوغا لاهي، هر قسم جا تعصب تياڳ ڪري هِن وٽ فقط انسان ٿي ايندا آهن.

هو هڪ پيرو ٻيهر سين تي شفقت جي نظر وجهندو آهي ۽ ڳالهہ کي جاري رکندو ۽ ارشاد فرمائيندو آهي:

آدميت نہ بہ نطق، نہ بہ جان، نہ بہ ريش،

طوطيان نطق، بُزان ريش، خران جان داردا!

(ماڻهپو نہ ڳالهائڻ تي آهي، نہ ساهہ کڻڻ تي آهي ۽ نہ ڏاڙهي تي آهي، ڇاڪاڻ تہ طوطا ڳالهائيندا آهن، ٻڪرن کي ڏاڙهيون ٿينديون آهن ۽ گڏهہ ساهہ بہ رکندا آهن).

هُو هڪ بي نياز (بي پرواهہ) رُوح رکي ٿو. اُن کي ڪڏهن بہ پنهنجي علمي ۽ حڪيمانہ قدڪاٺ کي ظاهر تہ نهيو پر محسوس ڪندي بہ نہ ڏٺوسين. الٽو ڪيس ٻئي کي وڏو ڪوٺيندي ۽ محسوس ڪرائيندي ڏٺو سين. اُن ڪري هُو پاڻ کي مخاطب جي حيثيت ۽ سطح تي آڻي بيهاريندو آهي ۽ ساڻس ان سطح تي گفتگو ڪندو ۽ ويچار ونڊيندو آهي، اها تمام وڏي منزل آهي. جڏهن توهان ڪنهن نيچ يا نابود کي نامُور بڻايو ٿا يا نيستيءَ ۾ هستيءَ جو جوهر ڇٽيو ٿا. سندس ماڻ ۽ ماپي ۾ پنهنجو وزن وجهي ڪيس دِيو قامت بڻايو ٿا. هڪ پيري گذارش ڪئي هُئم، تہ سائين توهان مولانا جاميءَ جي ديوان تي لکو. جواب مليو "بابا! مون سدائين فرمانبرداريءَ ۾ زندگي گذاري آهي، پنهنجي مزاج ۾ اُستادن جو تابعدار رهيو آهيان، جيڪڏهن تون چوندو رهندين (حڪم ڪندو رهندين) تہ متان فرمانبرداريءَ ۾ اهو ڪم ڪري وجان، نہ تہ مشڪل آهي". جواب ٻُڌي سوچڻ تي مجبور ٿي ويس! هُن جي درٻار هر وقت هر ڪنهن لاءِ کُليل ڏٺي سين، صبح جو ڪو مسلمان، تہ شام جو هندو، منجهند جو مولوي، تہ ٽپهريءَ جو مِسٽر، ڏينهن جو ڇاموٺ تہ رات جو ٻروچ. هُو هر ڪنهن کي

مان ڏيندو آهي. سينيءَ سان سندن ظرف مطابق هلندو آهي. هِن وَٽ جيڪو آيو سو پنهنجو ظرف ڪٽي آيو ۽ پنهنجوئي ظرف ڪٽي ويو. هُو هن ڌرتيءَ تي سَيني جو ٿي آيو ۽ سَيني جو ٿي رهي ٿو. اُن ڪري هن دور جا مسلڪ پرست، مشرب پرست، مذهب جا واپاري ۽ قبيلا ئيت جا قاضي، گوشت خورن جا حامي توڙي سبزي خورن جا صُحبتي ساڻس چڙندي ۽ ساڙ ڪائيندي بہ نظر ايندا آهن، پر هن کي ڪنهن جي بہ پرواهہ ناهي. هُو پنهنجي راهہ تي رمندو رهي ٿو، پنهنجي رُوح کان سوال ڪندو ۽ پاڻ ئي جواب ڏيندو وتي ٿو. ڪير بُرو چوي يا ڀلو چوي، عالم باعمل چوي يا عالم بي عمل، دين‌دار چوي يا دنيا دار، قدامت پسند چوي يا ترقي پسند هن کي ڪنهن جي پرواهہ ناهي، پر جي آهي تہ سڀ ڪنهن جي آهي. هُو هاڻي سان سينو ساهي سگهڻ وارو انسان ڪڏهن ڪڏهن مَڇر کان بہ خوف ڪائي وڃي ٿو. مَڇر کان خوف رکندڙ ڪڏهن ڪڏهن وري هاٿيءَ کي بہ دسي وجهندو آهي. هو تمام سادگي پسند ۽ سباجهڙي شخصيت جو مَالڪ آهي. ڪيس وقت جي اهل اقتدار سان بہ راهہ رسم رکڻ جو خوب ڏانءُ اچي ٿو. مقامي سياست جا وڏا وڏا بُرج ساڻس ويجهڙائيءَ کي پاڻ لاءِ سڀاڳ سمجهن ٿا.

سياست جي سياهہ ڏنڌي جوا سزاوار هجن يا علم ۽ حڪمت جي ڪاروبار جا ڪارڪن. سَندس ڏاهپ، ڏات ۽ ڏانءُ اڳيان سڀئي جامڙا آهن. وڏا وڏا صاحب فتويٰ هجن توڙي اهل فيصلہ پر سندس اڳيان بانبڙا پائيندي نظر ايندا آهن.

اُن جو نياءُ سيني کان نرالو هوندو آهي. اُن ڪري وڏا وڏا مذهبي توڙي سماجي تڪرار ائين حل ڪري ويندا آهن، جيئن سُئي مان ڌاڳو ڪڍيو ويندو آهي. منٽن ۾ ڏريون ڪير ڪنڌ ٿي ويندين آهن. عمرڪوٽ ۽ پس گردائيءَ وارن ماڻهن وٽ اهڙا ڪئي مثال موجود آهن. ان سان مون پنهنجي زندگيءَ جون چار بهارون گذاريون آهن. هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو سندس

مڪتب ۾ آئون اڪيلو شاگرد بچيو هوس ۽ هُو اڪيلو ئي منهنجو اُستاد هو. هُو پڙهائيندڙ هو ۽ آئون پڙهندڙ. هُو ڏيندڙ هو ۽ آئون وٺندڙ. هو مطلوب هو ۽ آئون طالب. گڏ سفر بہ ڪيو سين. گڏجي روزا بہ رکيا سين. نمازون بہ پڙهيو سين. اهڙي ريت ان سان وڏيڪ لهہ وچڙ ۾ رهڻ سبب اسان اُستاد شاگرد گهٽ بہ ساٿي وڌيڪ پيا لڳندا هئا سين. صبح جو سوير فجر جي نماز پڙهي، آئون هڪ پاءُ کير جو ۽ پنج ڪارا بسڪيٽ وٺي ايندو هئس. جيڪي هڪ جماعتي وٽان مقرر ڪيل هوندا هئا. بعد ۾ ان جماعتي صاحب بہ وڃي پنهنجي مَسلڪ ۽ فرقي وارا ماڻهو هٿ ڪيا، اسان شايد ان جي معيار تي پورو نہ لٿا سين. سو روزي بند ڪري ڇڏيائين. مڪتب ۾ اڌ مڻ واري ڪين جي دٻي ۾ هڪ ڇُلهہ نهيل هوندو هو. اڪثر ڪري اُن تي صبح واري چانهہ ٺاهي پيئندا هئاسين. اڌ آلين ڪاٺين سبب باهہ ڪي ڦوڪون ڏئي ڏئي اکيون ڳاڙهيون ٿي وينديون هُيون. ڪڏهن ڪڏهن سُڄي پڻ پونديون هيون. پر جڏهن اندران ڪمري مان هِن جهوني جوڳيءَ کي اورنگزيب جي قيدياڻي ڌي زيب النساءِ ”مخفي“ جا بيت سُر سان جهونگاريندي ٻُڌندو هُئس، تہ سڀ سُور لهي ويندا هئا. ويتر ڪيف ۽ سَرور جي مَستي نوان جذبا جاڳائي وجهندي هُئي. ناشتيءَ کان پوءِ اڪثر آئون اسڪول يا بعد ۾ ڪاليج هليو ويندو هُئس. پاڙ موڪلن جي ڏينهن ۾ صبح جي وقت ۽ پڙهائي وارن ڏينهن ۾ منجهند کان پوءِ مون کي درس نظاميءَ جا سبق پڙهائيندا هُئا. هِتي اگر ڪنهن ڳالهہ جي پرده پوشي نہ ڪجي، تہ سچي ڳالهہ اها آهي، تہ هِن جهونجهار کان شريعت جا صاحب مُلا مولوي ۽ انهن جا طالب علم ڪناره ڪش ٿي هليا ويا هئا. طريقت جي هن طالب تي عجيب عجيب تبصرا پيا ڪندا هُئا. اُن ڪري ئي تہ آئون اڪيلو شاگردن ۾ شاگرد ۽ هُو اڪيلو منهنجو اُستاد ئي بچيو هو. ائين اسان سڄا سارا بہ سال اڪيلي اُستاد ۽ اڪيلي شاگرد طور گذاريا سين.

اڪثر ڪري منجهند جي وقت جڏهن سندس ڪهول وارا، صُحبتي، مُلاقاتي ۽ پسند ڪندڙ اچي مڙندا هُئا، تہ تمام گهڻي رش ٿي ويندي هُئي. اهڙي حالت ۾ هڪ وڏو هِندو ٻوڙ جو ۽ مانين جو مينار هوٽل مان گهرائڻو پوندو هو سو بہ اُوڌر تي. مٿان وري ساڳيو هندو ڏوئي بہ ڪلو ڏونئرو ۽ پاڻي جا جڳ اوتي، پٽڙي لَسي ٺاهي پيئندا هُئا سون.

پاڻ وڏو سخي آهي، بلڪ ڏاتار آهي. پِٺائي زِندهہ هُجي ها، تہ سنڌ جي ڏهہ ڏاتارن ۾ ڪيس ضرور شامل ڪري ها يا وري ڪيس پنهنجي شاعريءَ ۾ وڏيڪ سخاوت ڪندڙن جا ڪردار قلمبند ڪرڻ جي ضرورت پڙ پيش اچي ها ۽ ان ۾ اسان جي ڏاتار جو نام نامي اسم گرامي سيني ڪان سرفهرست هُجي ها. هُو مونکي تمام گهڻو عزيز رکندو هو. قديم توڙي جديد ٻنهيءَ علمن ۾ رهنمائيءَ ڪندو رهيو. اڪثر ڪري عصر جي نماز جي وقت مڪتب مان نڪرندو هو تہ " هنسراج" واڻئي ڪان اوڌر تي ڪٿمٺا وٺي، پهراڻ جا ٻئي ڪيسا ڀري نڪرندو هو. سونارا گليءَ جا ننڍڙا ننڍڙا ٻار اڳيان در جهليو بيٺا انتظار ڪندا هُئا. سونارن جا ٻار، مهاجرن جا ٻار توڙي خاڪروبن جا ٻار، هُو هِڪ هِڪ سان ملندو، پيار ڪندو، ڪٿمٺا کارائيندو، جڏهن مسجد پهچندو هو تہ ڪافي دير ٿي ويندي هُئي. جماعتين جا سُونڊ سُڄيل ۽ تيور بدليل هُوندا هُئا، پر ڪنهن کي بہ مُنهن تي ڪجهہ چوڻ جي همت هرگز نہ ٿيندي هُئي. اُن ڪري سندن ڪُرڪا مونکي ٻڌڻا پوندا هُئا، پر حقيقت جي هِن غازيءَ کي اهڙن مجازي مجاورن جي ڪا پرواهہ بہ نہ هُوندي هُئي. آخرڪار انهن دل جي سوڙهن هِڪ سازش سَٽي ڪيس مسجد جي امامت کان بہ بي دخل ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪيو ويو. ڪِٿي اهي اندر جا ڪارا ڪانءُ، ڪٿي اسان جو "هنج" پکيءَ مثل ماڻهو موتي مٽيادار. "جنهن کي خدا رکي، تنهن کي ڪير چکي"، سيني کي ٻُوٿ جي کائڻي پئي. مايوسيءَ ۽ ندامت نصيب ٿين. تاريخ ۾ اهڙو مثال خليفہ هارون رشيد جي حوالي سان پڻ ملي ٿو. خليفي

صاحب تي هِڪ الزام مشهور ڪرايو ويو هو تہ پاڻ سندس پيءُ جي قتل ۾ ملوث آهن. هِڪ ڀيري پاڻ شهر جي دوري تي نڪتا، تہ هِڪ خاڪروب ٻئي خاڪروب ساٿيءَ کي چيو تہ "هن ماڻهو جڏهن کان پنهنجي پيءُ کي مارايو آهي، تڏهن کان منهنجي نظرن مان ڪِري پيو آهي". خليفي صاحب اُهي لفظ ٻُڌي ورتا ۽ جواب ۾ فقط ايترو چيائون ۽ هلندا ويا تہ (نڪ پاٽي ۾....... آسمان تي). هو بہ اهڙن نادانن کي ڪڏهن پنهنجي زبان جي ذريعي تہ ڪڏهن عمل ۽ ڪردار ذريعي اهڙو ئي جواب پيو ڏيندو آهي. سچ پچ! هُو عشق جي راهہ جو منصور آهي. اسان جي ظاهري ۽ ڏيکاءُ واري شريعت ۾ فِٽ نہ ٿي سگهيو آهي. مونکي شڪ آهي، تہ متان ڪيس منهنجو اهڙو تبصرو نہ بہ وڻي، پر آئون انهيءَ ماجرا جو اکين ڏٺو گواهہ بہ آهيان. ڪڏهن ڪڏهن آئون ڪا شيءَ پَچائڻ لاءِ چُلهہ تي ويهندو هُئس ، تہ هُو پڻ منهنجو مددگار ٿي ويهندو هو. پوءِ منطق جي اصولن جي روشنيءَ ۾ ڪي بہ ٻہ تصوراتي اصول قائم ڪندو هو. اُن جو هڪ مثال ونڊجي ٿو. هڪ ڀيري ٻہ اصول (principle) جوڙيا ويا. (1) گوشت دال کان بهتر آهي ۽ (2) دال گوشت کان بهتر آهي. پهريون اصول منهنجي سُپرد ڪيو ويو ۽ ٻيو پاڻ وٽ رکيائون، اُن تي خوب بحث ڪرڻ جو هُنر بہ سيکارياٿين. علمي زندگيءَ ۾ اڳتي هلي ايشياءَ جي سرزمين جي ٻن وڏن علمي قطب مينارن مير سيد شريف جرجاني ۽ علامہ تفتازانيءَ جي وچ ۾ اهڙو مباحثو ۽ مناظرو ڏسي حيران رهجي ويس. ٻنهي عالمن جو پاڻ ۾ ٻن نظرين (1) غصو انتقام جو سبب آهي (2) انتقام غصي جو سبب آهي. پهريون موقف مير سيد شريف جو هو ۽ ٻيو علامہ تفتازانيءَ جو هو. ٻنهيءَ ۾ ڪئي روز تائين زبردست بحث ۽ مناظرو جاري رهيو. نيٺ علامہ تفتازاني کٽي ويو ۽ مير سيد شريف جُرجاني هارائي ويو. مورخن لکيو آهي، تہ مير صاحب انهيءَ هار جي ڏک ۾ ئي وفات ڪئي.

انهيءَ سموري طويل داستان جو مطلب انهيءَ ديوقامت شخصيت جي وڏائي جا اصل اسباب عوام توڙي خواص اڳيان واضع ڪرڻ آهن. داستان تمام گهڻو ڊگهو آهي. شاعرا خاقاني جي شعر جو سهارو وٺندي ختم ڪجي ٿو.

قصہ هائي بنوشت خاقاني،
قلم اين جا رسيد سر بشڪست.

## سوانح
# حضرت مولانا علامہ سائين عبدالرحمان جمالي صاحب
پروفيسر حافظ نورمحمد نهڙي

سنڌ جو ناميارو عالم دين بهترين فلسلفي حضرت مولانا سائين عبدالرحمان جمالي بن عبدالله بن جيئند بن آچار بن موسيٰ بن عمر بن لونگ بن همرڪ بن مظفر بن ڪريم بن سرمان ذات زوڙ جمالي بلوچ آهي. زوڙ پشتو زبان جو لفظ آهي.

**خانداني پس منظر :**
پراڻي زابل افغانستان جي هلمند نديءَ جي ڪناري تي ( بست ) شهر جي ڀر ۾ جبل زوڙ تي اها قوم رهندي آهي. جبل تي هڪ مندر بہ زوڙ نالي هو جنهن ۾ رکيل بُت جو نالو بہ زوڙ هو جنهن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. ان علائقي کي شاهہ صاحب هاڙهي ڏٽي ڪري لکيو بہ آهي اهو تفصيل تاريخ ابن خلدون ۽ تاريخ خلافت مشرقي ۽ ٻين تاريخي ڪتابن ۾ حضرت عبدالرحمان بن سمره رضہ جي فتوحات ۾ لکيل اچي ٿو.

**پيدائش :**
هاڙهي ۾ پيدائش جو سال 1934.35ع آهي مگر ان کان گهٽ وڌ بہ ٿي سگهي ٿو پر هي ڳالهہ واضح آهي تہ اها انگريزن جي عروج جو دور هو جنگ عظيم دوم جي شروعات هئي امريڪي فوجين جو اچڻ جنهن ۾ گهڻا ڪارا شيدي هئا ڪراچي جي ملير واري ڇانوڻي ان وقت زير تعمير هئي اتي فوجي هوائي جهازن جو اڏو هو.

**لسٻيلي کان هجرت ۽ ميرپورخاص ۾ اچڻ :**
مامي علي جي وفات کانپوءِ بابا سان گڏ لڏي اچي ميرپورخاض ۾ پير غلام رسول شاهہ جيلاني جي ڳوٺ جي ڀر سان ٿوهہ خاصخيلي جي ڳوٺ ۾ رهيا

سندن والد مزدوري ڪندو هو ڪانيون وڪڻي گذرسفر ڪندو هو تڏهن ميرپورخاص ۾ واڻين جو عروج هو اهي مسلمانن کي ڇتُ سڏيندا هئا. ميرپور ۾ لڏي اچڻ جو سال 1945ع آهي.

1946ع ۾ اليڪشن ٿي مسلم ليگ جو اڳواڻ مير الهداد خان لانڊي وارو هو. ڪانگريس جو اڳواڻ غلام مصطفيٰ خان ٻُرگڙي ۽ هندو سيٺ هئا. اليڪشن جي ماحول ۾ ئي 1947ع ۾ پاڪستان آزاد ٿي ويو.

**تعليم:**

1947ع ۾ ڪاماري شريف جي پرسان غلام حيدر سريوال جي ڳوٺ ۾ رهائش ٿي. اتي ڪمدار در محمد بروهي پنهنجي پٽ کي پڙهائڻ لاءِ اسڪول ۾ ان جو ساٿي ڪري ڇڏيو. پهريون پرائمري استاد هڪ ميگهواڙ هو جيڪو بعد ۾ مسلمان ٿي ويو ۽ ان جو نالو پير بخش پرديسي هو ان ايتري تہ محنت سان پڙهايو جو اٽپور بہ سيڪاري ڇڏيائين ۽ ٽنڊي الهيار جي زميندار حافظ عبدالعزيز پاتولي جو منشي پڻ ٿيو. 1950ع ۾ ڳوٺ ولهيٽ وايا عمرڪوٽ ضلع عمرڪوٽ لڏي آيا. ولهيٽ اَٽڻ ۾ مولوي محمد عيسيٰ اڳاريو ۽ مولوي عبدالڪريم خاصخيلي جو هٽ هو. ولهيٽ جي مدرسي ۾ پرائمري مسلم اسڪول بہ هو جنهن جو هيڊ ماستر شيخ حضرت مولانا عبدالسميع ساند رح هو. اهو اسڪول خانگي هو جنهن ۾ بہ استاد مولوي محمد طلحہ پلي ۽ محمد الياس ملاح پڙهائيندا هئا. هوشيار ۽ ذهين هجڻ سان گڏوگڏ پير بخش پرديسي جي محنت ڪم ڏنو ۽ ولهيٽ جي اسڪول ۾ 1953ع ۾ پنجون درجو پاس ٿيو ۽ 12 فيبروري 1953ع ۾ ئي پرائمري استاد مقرر ٿيڻ جو آرڊر مليو.

پرائمري اسڪول ۾ پڙهائڻ دوران ئي1372هجري ۾ عربي جي تعليم جي باقائده شروعات ٿي جنهن ۾ ميزان الصرف جيڪو محمد عثمان مروندي لعل شعباز قلندر جو لکيل ڪتاب آهي عربي جو پهريون ڪتاب هو ٻي سال 1373هجري ۾ نحومير شرح مائتہ هدايتہ النحو روضتہ الادب ۽ نور

الا يضاع هو. ٽيئن سال فقہ جو ڪتاب ڪنزالدقائق چوٿين سال شرح وقايہ اول دوم، جامي، مقامات حريري، پنجين سال هدايہ آخرين، عبدالغفور، مسلم، جلالين، هماسو ڇهين سال تفسير بيضاوي، مشڪوات شريف، مسند امام محمد، مسند امام ابو حنيفہ ستين سال مسلم شريف، بخاري شريف، ترمذي شريف، نسائي ۽ ابن ماجہ پڙهي، 14 شعبان 1377هجري مطابق 1957ع ۾ دستار بندي ٿي .هي سڀ ڪتاب مولانا عبدالسميع ساند رح کان پڙهندا رهيا ۽ شيخ هٿان دستار ٿين...

**درس وتدريس ۽ سندن شاگرد:**

ديني تعليم مڪمل ڪري 1958ع ۾ ڪاليج ۾ داخلا ورتائون 1961ع تائين مختلف فنون ۾ سنڌ ۾ نمبر کڻندا رهيا ۽ غلام مرتضيٰ ٽِيُچر ٽريننگ ڪاليج ۾ ليڪچرار جي لاءِ 17 گريڊ واري پوسٽ ڏني .جنهن ليٽر تي ڊائريڪٽر غلام حسين جعفري جي صحيح هئي دنيوي علم بہ سائين عبدالسميع کان پڙهيا. انهيءَ ئي وقت سندن استاد مولانا عزيز الله ساند مولانا عبدالسميع ساند ۽ دوست عبدالڪريم خاصخيلي ۽ دوست حاجي محمد ساند سندن ڳوٺ آيا ۽ چيائون تہ اسان جو مدرسو ڦٽي پيو اوهان هلي پڙهايو. تڏهن هُتان جواب ڏيئي استادن جي حڪم مطابق 1 مئي 1960ع ۾ مدرسہ مظهرالعلوم ولهيٽ ۾ مدرس جي حيثيت ۾ پڙهائڻ شروع ٿيا. سنڌي تعليم لاءِ مولانا محمد طلحہ پلي کي رکرايائون .عربي پڙهڻ لاءِ شروع ۾ 7 شاگرد هئا جنهن ۾ مولانا محمد طلحہ پلي صاحب هو جيڪو اسڪول ۾ استاد بہ هيو.

دستار بند عالمن جي پهرين کيپ 1967ع ۾ نڪتي جنهن ۾ مولانا محمد طلحہ پلي مولانا عبدالڪريم نهڙي، مولانا گل محمد ساند ٻي جماعت 1972ع ۾ نڪتي جنهن ۾ مولوي محمد عباس گوگاسر، مولوي تاج محمد بن مولوي عبدالعفور راهمون ۽ مولوي عبدالحئي ساند ( موجوده مهتمم

مدرسہ مظهر العلوم ولهيٹ ) تئين کيپ 1974ع ۾ نڪتي جنهن ۾ مولوي محمد زمان ساند مولوي مقصود احمد مڪراني هئا ان کان پوءِ اختلاف ٿي ويا.
سائين جي جاءِ تي مولانا غلام رسول کي نامزد ڪيو ويو جنهن چيو تہ اوهان نہ پڙهايو ان جي هدايت تي پڙهائڻ 1973ع ۾ بند ٿي ويو.

**مدرسہ ولهيٹ ۽ رسالو قراني :**

ميان نصير جيڪو ميان عبدالڪريم جو ڏاڏو هو شاهہ محمد اسماعيل شهيد ۽ سيد احمد شهيد جو لشڪر جڏهن سنڌ واري رستي پشاور ڏانهن ويو پئي. تڏهن ان وقت ميان نصير مدرسو هلائي رهيو هو .ان جي سيد احمد شهيد جي قافلي وارن سان ملاقات جو ثبوت تہ نہ ٿو ملي پر ان وقت 1265هجري ۾ ڪبيري جي حاشيي تي ميان نصير جي مولودن جي جوازلاءِ فتويٰ لکيل آهي.
ميان نصير فتويٰ ۾ لکيو آهي تہ مولود ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي تعريف آهي ان ڪري جائز آهن جڏهن ميلاد ۾ ساز ۽ وڄت آهي ان ڪري حرام آهي سنڌ ۾ مولود جو رواج سنڌي مزاج مطابق بغير ساز ۽ وڄت جي آهي جڏهن تہ هندوستانين جي مزاج ۾ ميلاد ۾ ساز وڄت شامل آهي .ان ڪري اهو ناجائز آهي .مدرسو گهٽي عرصي کان هلي رهيو آهي .مولانا عبدالسميع سال 1949ع ۾ پڳ ٻڌي ۽ مولانا عزيز الله ساند جي چوڻ مطابق مدرسي جي تعليم جو ڪم جاري رکيو هو.
1936ع ۾ رسالو “قراني” ولهيٹ جاري ٿيڻ ڪري مدرسي جي تعليم ۾ ڪجهہ رڪاوٽون پيش آيون. ان ڪري مجبورن رسالو قراني ولهيٹ 1938ع ۾ مولانا عزيز الله ساند کي بند ڪرڻو پيو .جنهن جو ايڊيٽر بہ مولانا عزيز الله پاڻ هيو.
مدرسہ مظهر العلوم ولهيٹ 1184هجري کان اڄ تائين پنهنجي سنڌي مزاج جي شناخت ۽ عربي، ناظره ۽ حفظ جي تعليم جاري رکيو اچي راقم

الحروف پڻ هن مدرسي ۾ سال کن پڙهيو آهي. مولانا عزيز الله ساند جمعيت علماءِ هند ٿر پارڪر جو جنرل سيڪريٽري هو نهايت عقلمند انسان هو. گهڻا ماڻهو پنهنجا فيصلا ان کان ڪرائڻ ايندا هئا.
ان وقت تي ڏاها ماڻهو مشهور هئا 1 شاهه مراد شاهه ڪاروڙي وارو 2 سخي محمد پلي ڳوٺ محمد عالم پلي وارو 3 مولانا عزيز الله ساند ولهيٺ وارو.
رسالو قراني ولهيٺ مدرسه ولهيٺ کان جاري ٿي رهيو هو .رسالي جي ورڪنگ ڪميٽي جي ممبرن ۾ صدر مولانا محمد علي جوڻيجو ايڊيٽر مولوي عزيز الله ساند سب ايڊيٽر ميان احمد هو ۽ مفتي عبدالڪريم ساند هو. بهترين مضمون نگار مولوي مبارڪ پلي. هو جنهن جي وفات 1939ع ۾ ٿي رسالي ۾ حق ۽ سچ بيان ٿيڻ ڪري مولوي عزيز الله ساند ۽ مولوي محمد علي جوڻيجو تي وقت جي وڏيرن ڪيس ڪيو ته ان ڪري سياسي هلچل کي محدود ڪيو ويو ۽ رسالي کي 1938ع ۾ بند ڪيو ويو.

**جمعيت علماءِ اسلام جي امارت :**

جمعيت علماءِ اسلام جي پليٽ فارم تان جڏهن ڊاڪٽر خالد محمود سومرو شهيد جي ڪوشش سان ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو اٿاريو ويو تڏهن ان ۾ سائين جن خصوصي ڪميٽي جا ممبر رهيا ۽ فتويٰ جي لکڻ ۽ عام ڪرڻ ۾ وڏيون ڪوششون ڪيائون. شريعت مطابق فتويٰ ۾ هي ثابت ڪيو ويو ته ڪالاباغ ڊيم نا جائز آهي. پهرين سنڌو درياءُ جي پاڻيءَ تي پڇڙي وارن جو حق آهي. اها فتويٰ ماهوار رسالي شريعت ۾ پڻ شايع ٿي جنهن تي سنڌ جي اڪابر علماءِ کان سواءِ ڪراچي جي علماءِ جون به صحيحون موجود آهن.
هن وقت به سائين جمعيت علماءِ اسلام پاڪستان جا مرڪزي رڪن آهن ۽ پيرا نه سالي ۾ پڻ مرڪزي اجلاسن ۾ شرڪت لاءِ ويندا آهن ۽ سڄي پاڪستان جا عالم سڳورا سائين جي وڏي عزت ۽ احترام ڪندا

آهن.1995ع کان 2002ع تائين سائين جن جي يو آءِ ضلع عمرڪوٽ جا امير رهيا.

**سائين جن جي علمي قابليت :**

سائين جن جي علمي قابليت جي باري ۾ جيڪڏهن ڪماحقہ لکيو وڃي تہ هن ڳالهہ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ پاڻ ديني علم سان گڏوگڏ دنياوي ليڪن کي بہ سُٺي نموني پڙهيو آهي .تاريخ اسلام ,تقابل اديان پر برصغير جي تاريخ ۽ جغرافيائي سياسي لحاظ کان بہ پنهنجي هم عصر عالمن کان گوءِ کٽي ويا آهن. مون جڏهن بہ سائين جن کان ڪو مسئلو پڇيو تہ پاڻ بروقت نہ صرف مطمئن ڪيو پر ڪتابن جي حوالن سان ثابت ڪيو. جڏهن تہ ٻين مفتيان ڪرام کان پڇيو تہ انهن چيو تہ ڪتاب ڏسي پوءِ ٻڌائيندا سين جڏهن تہ سائين ٻڌائيندا آهن تہ هي فلاڻي فتو ۾ مسئلو موجود آهي وڃي تصديق ڪر.

سائين جن جو مئوقف آهي تہ فتويٰ اهڙي ڏجي جنهن ۾ پوري مسلمان امت جي ڀلائي هجي ۽ عوام توڙي خواص انکي قبول ڪن ۽ فتويٰ جنهن تي مڪمل عمل درآمد ٿئي ٻئي ڏريون فيصلي تي عمل ڪن مولانا ٿانوي کي حڪيم الامت ان ڪري سڏيو ويو جو اهي مسئلن ۾ فتويٰ سان گڏوگڏ حڪمت بصيرت کان ڪم وٺندو هو.

**خلافت ۽ بيعت :**

سائين جن جو سال 1958ع سيد جلال الدين شاهہ منياڻي واري جي معرفت حضرت حماد الله هاليجويءَ سان بيعت جي ارادي سان وڃڻ جو پروگرام ٿيو .خيرپور شهر ۾ سرڪاري طرح تعليمي ڪانفرنس هئي حيدرآباد کان ان ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ نامزد ڪيو ويو اتان کان هاليجي ويجهو هو. سائين جن جا ڀاڻيجا سندس دوست هئا انهن رهنمائي ڪئي انهيءَ پروگرام ۾ ميرپورخاص کان مولانا عبدالحق رباني آيو جنهن

سان مشورو ڪيائون. مولانا چيو مشورو امانت آهي .مولانا هاليجوي بهترين عالم ۽ سٺو انسان آهي تون بہ سٺو ماڻهو آهين پر پيري بادشاهي جي شاخ آهي ان ۾ پيءُ کان پوءِ پٽ گادي نشين ٿيندو آهي سڀ برصغير جون گاديون انهي اصول تي قائم آهن جنهن ڪري قرآن مجيد جي قانون مطابق **خلف من بعد خلف اضا عوالصلواه** جي اصول تي عامل ٿيا ۽ قوم جي تباهي ڪري ڇڏيائون نہ تون مولانا جي پوئين کي چئي سگهين ٿو تہ هو مولانا جي تابع رهندا ۽ نہ تون سندس پوئين لاءِ چئي سگهين ٿو تہ هوتو جهڙا صحيح دينداررهندا ان ڪري آئون بيعت جي حق ۾ مشورو نہ ڏينديس .ان کان پوءِ مون بيعت نہ ڪئي ۽ ان جو افسوس سڄي عمر آهي ۽ رهندو حاجي حسين شجاع آباد وارو مولانا عبدالله بهلوي جو خليفو هو انهن سائين جن کي چئني طريقن ۾ اجازت ڏنائون ۽ اڳتي ذڪر ڏسڻ جو بہ حڪم فرمايائون انهيءَ ڪري سڀ کان پهرين جنهن کي ذڪر ڏنائون اهو شاهہ مراد شاهہ ڪاروڙي وارو هو جنهن کي ستن لطيفن جي سائين جن اجازت ڏني جنهن جي الله کان سواءِ ڪنهن کي بہ خبر ناهي مولانا .ٿانوي جو ڪتاب نوادر وبوادر مطالع ڪيائون جنهن ۾ لکيل هو تہ مرشد لاءِ شرط آهي تہ عالم هجي اها ڳالهہ سائين جن حاجي حسين رح سان ڪئي. ۽ اجازت ورتائون تہ آئون ڪنهن عالم سان بيعت ڪريان پاڻ اجازت ڏنائون سائين جن مولانا محمد حسن عباسي رح ( جيڪو لاهوري جو خليفو ) هو ان سان قادري طريقي ۾ بيعت ڪيائون جيڪو بيعت کان پوءِ جلد وصال ڪري ويو.

**جامع مسجد عمرڪوٽ جي نگراني** :

جامع مسجد عمرڪوٽ جو پلاٽ 1930ع کان ورتل هو جيڪو قاضي نورمحمد پلي رح ورتو هو. هن وقت بہ جامع مسجد جي خطبي واري لٺ جيڪا بهڻ جي نهيل آهي. ۽ هالامان نهي آئي آهي. ان جو رنگ بہ ان وقت جو آهي جيڪو نہ لٿو آهي. مولانا قاضي نورمحمدپلي حضرت قراني رح

جو شاگرد هو .جامع مسجد جا پيش امام مولانا عبدالحڪيم چيل وارو، مولانا عبدالخالق پلي، مولانا محمد مبارڪ پلي ۽ ٻيا علماءَ قراني جماعت جا هئا. 1964ع کان جڏهن هن مسجد جي تعمير ڊاڪٽر بنگالي ۽ سول جج محمد دائود جي نگراني ۾ ٿي. ان تعمير ۾ چندي ۾ حصو وٺندڙ **رئيس غلام محمد ڪوسو** فقير محمد خان چانگ، محمد بچل ڪنڀار، سائين عبدالسميع ساند مولانا عزيز الله ساند محمد حسين ناگوري ياسين خان اڏيپوري هئا. اها مسجد 1964ع ۾ ٺهي جنهن جو پهريون صدر غلام محمد ٻيو فقير محمد خان چانگ، ٽيون ياسين خان اڏيپوري، چوٿون **حاجي الهداد خان ڪوسو** ۽ سائين جن بہ هن نيڪ ڪم ۾ مشورا ڏيندا رهيا. ۽ تعاون ڪندا رهيا. آخر ۾ صدر حاجي غلام مصطفيٰ ناگوري ۽ حاجي سراج الدين سومرو رهيا. 1990ع کان اڄ تائين مسجد جو مڪمل نظام سائين جن هلائي رهيا آهن.

سائين جن جي سنڀال کان پوءِ مظهر العلوم شاخ ولهيٺ جو بہ بنياد رکيو ويو. جيڪو وفاق سان ملحق آهي. ۽ ( شهادت العالميہ) جي سند ايم اي عربي، ايم اي اسلاميات، ايم اي اسلامڪ ڪلچر جي برابر آهي. جنهن ۾ دوره حديث سائين پاڻ پڙهائيندا اچن پيا ۽ مدرسو بنات پڻ هلي رهيو آهي اڄ تائين ڪئي علماءَ ۽ عالمات پڙهي فارغ ٿيا آهن. سائين جن وٽ سند حديث حضرت علامہ مخدوم هاشم ٺٽوي رح جي بہ آهي جيڪا گهٽ ۾ گهٽ واسطن سان امام بخاري رح تائين پهچي ٿي. اها سند سائين جن کان مُلڪي توڙي غير ملڪي علماءَ برڪت لاءِ حاصل ڪندا رهن پيا. هن وقت تائين ڪافي تعداد ۾ علماءِ هن سند سان مستفيض ٿي چڪا آهن. مولانا محمد هاشم ٺٽوي رح اتحاف الاڪابر ۾ لکن ٿا تہ اها سند قريب ترين آهي. جنهن کي دنيا جي سمورن علمي مرڪزن قريب ترين سند طور منظور بہ ڪيو آهي. مولانا محمد تقي عثماني مفتي اعظم مولانا محمد رفيع عثماني رح مولانا عبدالحليم چشتي استاذ تخصص في

الحديث مدرسہ اسلاميہ نيوٽائون، مسجد نبوي، مسجد حرام ۽ پوري دنيا جا عالم سڳورا هن سند جي اجازت حاصل ڪري چڪا آهن ۽ ٻيا ڪوڙ سارا علماءِ اجازت حاصل ڪري رهيا آهن.

**سند حديث سائين جن کان 19 واسطن سان امام بخاري رح تائين :**

1 عبدالرحمان جمالي
2 محمود احمداني
3 لعل محمد
4 حافظ عبدالولي
5 آخوند محمد هارون
6 محمد عثمان
7 نور محمد نصرپوري
8 محمد هاشم ٺٽوي
9 مخدوم عبدالقادر
10 محمد ابراهيم
11 عبدالله لاهوري
12 قطر الدين
13 احمد نهروالي
14 محمد بن عبدالله
15 معمر بابا يوسف
16 محمد بن شادبخت
17 مقبل بن شاهان الختلالي
18 محمد بن يوسف
19 محمد بن اسماعيل بخاري رح

( هن حديث جي سند کي جن جن ملڪي توڙي غيرملڪي عالمن حاصل ڪئي آهي انهن جي نالن جو رڪارڊ مدرسہ مظهر العلوم شاخ ولهيٺ

گولي مار نزد ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ ۾ موجود آهي. ان ڪان تصديق ڪري سگهجي ٿي. )

**سائين جن جو سياسي ۽ سماجي ڪردار :**

سائين جن بلاتفريق خلق جي خدمت سياسي توڙي سماجي طور تي ڪندا رهيا آهن. هندو توڙي مسلمان پنهنجا سماجي فيصلا سائين جن کان ڪرائيندا رهيا آهن. عمرڪوٽ ۽ پوري علائقي واسي سندس خدمتن کان مستفيض ٿيندا رهيا آهن.

پاڻ اهڙا اهڙا فيصلا ڪيا جن ۾ اتحاد, اتفاق ۽ محبت جو سبق ملي ٿو. ڪئي قومن جا تنازعات ۽ ڪئي قومن جا فيصلا سائين جن ڪري انهن کي ڪنڌ کير ڪري ڇڏيائون. سياسي لحاظ سان بہ سائين جن جي پهچ وقت جي ايم پي اي ايم اين اي تائين رهي آهي ۽ سائين جي وڏي عزت ڪن ٿا. سائين جن جا فيصلا ۽ فتوائون پوري علائقي واسين لاءِ رحمت جو سبب بڻيا. 1970 ع ۾ سائين شاهمراد شاہ, مولوي ڪريمڏنو عرف مولوي اصغر شاہ ۽ سندن پائر وچ ۾ بني جي ورهاست لاءِ جيڪا عالمن جي جماعت معاون ۾ مددگار هئي. مونالا عبدالرحمان جمالي بہ انهن عالمن ۾ شامل هو.( واضح رهي تہ شاهہ مراد شاهہ موجوده صوبائي وزير ثقافت , سياحت ۽ آثار قديمہ ۽ ناليواري اديب سيد سردار شاهہ صاحب جو ڏاڏو هو. )

**سائين جن بهترين مناظر :**

سائين جن علمي لحاظ سان بهترين مناظر هئا. ڪيترائي مناظرا ڪيائون .جن ۾ وڏو مناظرو بُلبل پاڪستان مولانا محمد شفيع اوڪاڙوي سان ٿيو. جڏهن هو جامع مسجد عمرڪوٽ ۾ ڪن دوستن جي چوڻ تي تقرير ڪرڻ لاءِ آيو. اها تقرير سائين جن ٻُڌي رهيا هئا. ان ڪان پوءِ سائين جن

**رئيس الهداد کوسو** جي بنگلي تي اوڪاڙوي سان مناظرو ڪيو. جنهن ۾ اوڪاڙوي کي هارائون تنهن کان پوءِ جامع مسجد جي ڪميٽي فيصلو ڪيو تہ اها مسجد هاڻي سائين جن جي حوالي ڪري ڇڏ جي. ان کان بعد اج تائين جامع مسجد سائين جن جي حوالي آهي. ان کان پوءِ اج تائين ڪو بہ مولوي سائين جن سان مناظري جي جرات نہ ڪري سگهيو آهي ۽ نہ ئي ڪري سگهندو. الله سائين جن جو سايو هميشہ لاءِ اسان تي قائم رکي. آمين

**سائين جن جا اخلاق :**

سائين جن انتهائي نرم دل، ملنسار ۽ اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جا مالڪ آهن. مهمانن کي هميشہ خوش اخلاقي سان ملندا آهن ۽ سندن خدمت کان سواءِ ڇڏيندا ڪو نہ آهن.

دوستن کان سواءِ جيڪي سائين جن جا مخالف ساڻن ملڻ لاءِ ايندا آهن تہ پاڻ انهن سان اهڙي طريقي سان ملندا آهن جو انهن کي محسوس بہ نہ ٿيندو آهي. جڏهن ڪائنس ڪو گلا ڪندو آهي تہ پاڻ روڪيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان جي سامهون ڪنهن جي گلا نہ ڪريو ۽ هر ماڻهوءَ سان ڀلائي ڪريو. ڀلائي نہ ٿا ڪري سگهو تہ ان جي لاءِ برائي جو نہ سوچيو سندن خدمت ۾ هميشہ ويندو رهندو آهيان پر سائين جن کان ڪڏهن بہ ڪنهن مخالف جي گلا نہ ٻڌم . پيرا نہ سالي جي باوجود اٿي ملڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ خدمت کان سواءِ ڪو نہ ڇڏيندا آهن. سائين جن عمرڪوٽ نہ پر پوري سنڌ جي عالمن ۽ عوام لاءِ الله جي طرفان عظيم نعمت آهن.

**حُليو مبارڪ :**

پاڻ انتهائي سادي مزاج جا آهن پٽڪو ۽ ڪلهي تي اجرڪ سُفيد چمڪندڙ ڏاڙهي، وچولو قد، ڪڻڪو رنگ، نرم نازڪ هٿ، اڇا ڪپڙا

شلوار قميص هميشہ زيب تن هوندي آهي. پاڻ چوندا آهن تہ منهنجو شيخ سائين عبدالسميع ساند بہ هميشہ ڪُلهن تي اجرڪ رکندو هو ان ڪري آئون اجرڪ ڪلهن تي رکندو آهيان.

**سائين جن جو پيغام سنڌي عوام لاءِ :**

آئون سائين جن جي آتم ڪٿا لکي رهيو آهيان اهو سائين جن جي زباني لکايل ڪتاب انشاء الله جلد منظر عام تي ايندو. جنهن ۾ انتهائي اهم انڪشافات. تاريخي ڳالهيون اهم فتوائون ۽ فيصلا لکيل آهن هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ سائين جن جي شخصيت اجاگر ٿيندي. الله تعاليٰ تاچمار سائين جن جو سايو اسان تي قائم و دائم رکي ( آمين ) سائين جن جو سنڌي عوام لاءِ پيغام هي آهي تہ پنهنجي سنڌي قوم جي بلا تفريق خدمت ڪريو. اها خدمت علمي هجي يا اخلاقي هجي يا ديني ـ شرعي فتويٰ جي صورت ۾ هجي. پاڻ فرمايائون تہ هن وقت سڀ مسلم امت پريشاني ۾ آهي خاص طور تي عالمن تي اهو فرض آهي تہ هو اسلام جا علمي اخلاقي ۽ سماجي اقدار پيش ڪري اسلام جي حقيقي روح کان قوم کي روشناس ڪن تہ جيئن ڀٽائي رح جي هن شعر جا مصداق ٿي سگهن.

**سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار**
**دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.**

**( سائين جمالي صاحب جن جي زباني لکايل آتم ڪٿان تان ورتل )**

# علم ۽ عرفان جي مجسم شڪل مولانا عبدالرحمان جمالي

## عبدالحليم سومرو

تعصب ۽ تنگدلي جي دڪندڙ ڏيهر تي آباد عمرڪوٽ جو شهر تڏهن آگم آگم بڻجي آيل هڪڙي مهربان ڪڪر جو آسِيس محسوس ڪندو آهي جڏهن سفيد لباس تي سنڌي پيهر واري اڇي پٽڪي ۽ ڀيڙي اجرڪ سان هن دور جو بيمثال عالم ۽ اسڪالر مولانا مفتي حاجي عبدالرحمان جمالي صاحب پنهنجي صوفياڻي حجري مان نڪري شهر جي ڪنهن رستي تي ايندو آهي.

عمرڪوٽ شهر جي هر هندو، مسلمان، سک، عيسائي ۽ ڪميونسٽ جون اکيون ساڳئي ۽ هڪجهڙي احترام سان سندس آڏر ڀاءُ رڳو انڪري ڪنديون آهن جو هو سيني جو سڄڻ آهي.

آگم ڪيو اچن ، سڄڻ سانوڻ مينهن جيئن
پاسي تن وسن، جي سپ ڄماندر سڪيا.

هو سنڌ جي انهن ديني عالم سڳورن جو تسلسل آهي جن جي دليلن ۾ ڪنهن جي لاءِ به ڪڏهن دوئي نه رهي آهي.

مولانا محمد هاشم ٺٽوي رح کان مولانا عبدالرحمان جمالي تائين سنڌ ۾ عالم سڳورن جي هڪ اهڙي تسبيح موجود رهي آهي جنهنجو هر مڻيون ڪنهن اهڙي موتي مثل آهي جنهنجي قيمت ڪنهن به دور جو ڪو به سڪو ڳڻي ناهي سگهيو. فضول قسم جي فتوائن جون فيڪٽريون کولڻ بدران هنن سنڌي عالمن ڪڏهن مولانا تاج محمود امروٽي ڪڏهن عبيدالله سنڌي ڪڏهن عبدالڪريم بير واري ڪڏهن محمد صادق کَڏي واري ڪڏهن عبدالڪريم مسڻ واري ڪڏهن محمد عثمان قراني ڪڏهن

خالد محمود سومري تہ ڪڏهن مولانا عبدالرحمان جمالي جي روپ ۾ هيٺن جي همراهي ڏاڍن کان بغاوت، وطن، دوستي، قومي ننگ ۽ ناموس جي حفاظت، غيرت ۽ مڙسي جا اهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن جو مٿن سنڌ صدين تائين ناز ڪندي رهندي.

سنڌي عالم سڳورن جي تسبيح جو هي امُلھ داڻو 1934ع ڌاري مرحوم عبدالله زوڙ جمالي جي گهر پيدا ٿيو سنڌ ۽ بلوچستان جي ثقافتي سنگم واري شهر لسٻيلي ۾ جنم وٺندڙ مولانا جمالي اجا ٻالڪپڻ ۾ ئي هو تہ سندس ڪٽنب تعلقي ٽنڊي الهيار جي ڳوٺ غلام حيدر لغاري ۾ اچي آباد ٿيو جتي هن پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي.

ننڍپڻ کان ئي سندس ذهني لاڙو ديني تعليم ڏانهن وڌيڪ هو تنهنڪري کيس تعلقي عمرڪوٽ جي قديم ديني درسگاهہ " ولهيٺ" ۾ داخل ڪرايو ويو جتان 1957ع ۾ فارغ التحصيل جي سَند حاصل ڪندي دستاربندي ڪئي. جمالي صاحب کي علم جي تلاش مدرسي واري تعليم جي تڪميل تي بہ اڪتفا ڪرڻ نہ ڏنو تنهنڪري پاڻ وڌيڪ عربي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان 1959ع ۾ مولوي عربي، 1960ع ۾ عالم عربي ۽ 1961ع ۾ فاضل عربي جا امتحان امتيازي نمبرن سان پاس ڪيا.

1990ع کان جامع مسجد عمرڪوٽ جي خطيب ۽ ٻن ديني مدرسن جي مهتمم جي حيثيت ۾ سائين جمالي صاحب هر وقت شهر ۽ پسگردائي جي امن ۽ ڀائيچاري لاءِ رواجي ملن ۽ وڏيرن جون الزام بازيون سهندي بہ انسان دوستي وارو هر اهو عمل جاري رکندو آيو آهي جيڪو سندس سلسلي جي بزرگن کان هڪڙي مقدس امانت جي طور تي ڏانهس منتقل ٿيو آهي.

چار پنج سال اڳ هولي جي موقعي تي شهر ۾ مذهبي تفرقي بازي جي پڙڪيل باهہ سڀ ڪجهہ رک جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏي ها. جيڪڏهن مولانا جمالي صاحب اڳواٽي وارو ڪردار ادا نہ ڪري ها .هن جي

عمرڪوٽ ۾ مذهبي ڀائيچارو قائم ڪرائڻ جا ڪيترائي مثال آهن ان ۾ هڪڙو بي مثال ڪارنامون هي بہ آهي تہ هن هڪ پروگرام ۾ هڪ پيپل سان گڏ اڏ اوبر پاڻي پيي مذهبي رواداري جو ثبوت ڏنو. جيڪو هڪ مذهبي عالم هئڻ ناتي غير روايتي عمل آهي. مولانا جمالي صاحب ڪي وطن دوستي بہ ڇاڪاڻ تہ ورثي ۾ ملي آهي تنهنڪري ملڪ جي حڪمرانن جڏهن سنڌ ڌرتي جي ساهہ پساهہ جهڙي درياء تي بند ٻڌڻ جو نا پاڪ اعلان ڪيو تڏهن سنڌ جي وطن دوست باغي شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومري ٽن عالم سڳورن تي هڪڙي ڪميٽي تشڪيل ڏني جن شرعي طرح ڪالاباغ ڊئم کي ناجائز قرار ڏيندي عالما نہ فتوا جاري ڪئي انهن ٽن عالمن مان هڪڙو عالم سڳورو اسانجو هي ڇپر ڇانو مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب آهي.

جڪرا ! جيئين شال، تنهنجو مَدو ڪنين مَرسُٽان

ڪيترن ئي تحقيقي مضمونن ۽ مقالن سان گڏ فارسي جي خوبصورت شاعره زيب النساء مخفي جي ديوان جو سنڌي ۾ ترجمون ڪندڙ سڄي دنيا جي سوين طالبعلمن کي سنڌي عالمن جي سَند سان نوازيندڙ مذهبي تعصب جي هر طوفان اڳيان ڪير ٽر جبل وانگر ڪڙو ٿي بيهي ڏاڍ ۽ جبر جي قوتن لاءِ للڪار بڻجندڙ عالم محقق مترجم اديب ۽ اسڪالر مولانا عبدالرحمان جمالي کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ سنڌ جي عظيم باغي ۽ انقلابي مولانا عبيدالله سنڌي سان گڏ ڪابل کان ماسڪو تائين اڙانگا پنڌ ڪندڙ ۽ سر گشت ڪابل جهڙو ڪتاب لکندڙ سنڌ جي محبوب انقلابي مولاناعبدالله لغاري رح جي جنازي نماز بہ مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب پڙهائي هئي.

مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏنو پرين کي
تنين سنڌي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي

سائين عبدالرحمان جمالي صاحب پنهنجي ڪردار جدوجهد ۽ ايپروچ سان پنهنجي عظمت ۽ مقام کي بلنديت تائين پهچايو آهي جيڪا صوبي سنڌ سميت پاڪستان ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيتري مولوين جي حصي ۾ آئي آهي. سائين هڪ غير معمولي ۽ غير روايتي مولوي آهي. جنهن ديني ڪتابن سان گڏوگڏ دنيوي ڪتابن کي ڦلهوريو آهي ۽ پنهنجي اجتماعي سوچ ۽ علم وسيلي هن خطي جي ماڻهن سميت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وينل ماڻهن کي روشناس ڪيو آهي. هن شخص عمرڪوٽ جي متنازعہ ماحول ۾ رهندي محبت امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي ۽ انهي جو ئي پانڌئيڙو رهيو آهي. جيڪا پڻ سندس هڪ سڃاڻپ آهي. سائين پنهنجي علم ۽ عمل ۽ ڪردار وسيلي پنهنجا مختلف فڪر سان تعلق رکندڙ ڪيترائي مداح پيدا ڪيا آهن ۽ آئون سندس مداح هجڻ کي پنهنجي خوشنصيبي بہ سمجهان ٿو ۽ دعويدار پڻ آهيان.

اسان کي گهرجي تہ اهڙي املهہ ڪردار ۽ عظمت جي مالڪ هن شخص جي پيغام کي عام ڪيون تہ جيئن بهترين مثال قائم ٿئي ۽ سماج ۾ اجتماعيت کي فروغ ملي. يقينن اهو پيغام اسان عام ڪنداسين تہ باهہ ۾ پڙڪندڙ سماج کي سڪون جون چند گهڙيون ميسر ٿي سگهن ٿيون.

## سچڻ سانوڻ مينهن جيئن
# مولانا عبدالرحمان جمالي سماجي رواداري جو ڪردار
## پريتم پياسي

ڪنهن بہ زندهہ شخص جي فڪر، فن ڪارنامن ۽ ڪاوشن بلڪہ ان جي زندگي جي ڪنهن پهلو تي لکڻ ڪٺي ناممڪن نہ بہ هجي تہ بہ بيحد ڪٺن ڪم ضرور آهي. اهو بہ تڏهن جڏهن هڪ شخص معتبر ۽ عالم هجي.
مجنون ڪوسي کي تہ خبر ناهي ڪيئن خيال آيو ۽ ڪئين نج ڳوناٺا لفظ ۽ محاورا يا د پيا جو هن مسڪين جهان خان ڪوسي جي حياتي ۾ ئي هڪ قابل داد ڪتاب لکي ورتو. مگر اهڙا خيال عمرڪوٽ جهڙي پسمانده علائقي ۾ سامي فائونڊيشن وارن کي اچن ٿا تہ اهو هڪ معجزو چئبو ۽ سندس پلا پاڳ پڻ چئبا. ڪنهن شخص کي ان جي حياتي ۾ ئي اهڙي ميٽا ملي تہ اها ان شخص جي خوشنصيبي تہ چئبي ئي پر ان اداري جي بہ وڏائي، وڏ ماڻهپو ۽ عزت چئبي ،جنهن اهڙو مان ۽ مرتبو بخشيو نہ تہ عموما اهڙا ڪتاب ۽ سيمينار مئي پڇاڻا ملهائبا آهن . عمرڪوٽ ضلعي ۾ سامي فائونڊيشن وارا ڪيرون لهڻن جن هي غيرروايتي ڪم سرانجام ڏنو آهي.
محترم مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب تي لکڻ مون لاءِ بہ هڪ وڏي سعادت جو ڪم آهي .مگر اهو اعزاز ڏيڻ بہ ان ئي اداري جي مرهون منت آهي .مولوي صاحب تي لکڻ لاءِ اچ جئين ئي ڪاغذ ۽ قلم کڻي لکڻ وٺيس تہ منهنجي لاءِ شعور ۾ جمع ٿيل ڪن منظرن مان هڪ منظر ذهن تي تري آيو منظر ۾ " معمور صاحب " ۽ مولوي عبدالرحمان جمالي صاحب کي ڪنهن هنڌ بيٺل محو گفتگو ڏسان پيو. جيڪي بنهہ بي تڪلف ڳالهيون ڪري رهيا آهن. سوچيم ! معمور صاحب سان مولوي صاحب جا تمام

گهرا تعلقات رهيا هوندا جن کي ڪيترائي ڀيرا مختلف هنڌن تي گڏوگڏ ڏٺم مگر انهن جي ڪچهرين ۾ موضوع گفتگو جي اج ذري جيتري بہ ڄاڻ ناهي ۽ اها بہ ڄاڻ ناهي تہ انهن جا تعلقات ڪهڙن بنيادن تي رهيا مگر جمالي صاحب سان ڪيل مختصر گفتگو کان پوءِ خبر پئي تہ انهن ڪافي عرصو گڏ گذاريو ۽ هڪ استاد وٽ پڙهيا . منهنجو استاد سائين الهبچايو مشتاق آريسر صاحب ڪتاب بيباڪ شخصيت ۾ رقم طراز آهي تہ.

مولوي عبدالرحمان جمالي جو اصل تعلق بلوچستان جي علائقي سان آهي پاڻ جيئن مولانا عزيز الله ساند وٽ پڙهڻ آيو تہ اتي ئي ولهيٺ ۾ رهي پيو. جمالي صاحب ٽريننگ ڪاليج ۾ معمور صاحب سان گڏ هئا ۽ هڪ سال سينيئر هئا پاڻ هن وقت بہ اها ڳالهہ وڏي فخر سان چوندا آهن تہ معمور صاحب اسان ڏاڙهي وارن عالمن کان وڌيڪ ديني محاذ تي ڪم ڪيو آهي..

هائي پڪ ڄاتم تہ مولوي صاحب جا معمور صاحب سان تمام گهرا تعلقات هڪ طويل عرصي تي محيط هئا. ان جو علم تڏهن ٿيو جڏن آئون شعوري طور ڪجهہ سمجهڻ جي لائق ٿيس ۽ وڌيڪ تڏهن جڏهن جمالي صاحب جون علمي ۽ ديني خدمتن کي هڪ پاسي تي رکندي خالص انسانيت جي بنياد تي اقليتن جي حقوق لاءِ جاکوڙيندي ۽ انهن جي دل رکڻ ۽ دل کٽڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندي ڏٺم. تڏهن سورنهن آنا پڪ ٿي تہ مولوي صاحب ۽ معمور صاحب جدا محاذن تي ڪم ڪرڻ باوجود هڪ ئي فڪر ۽ سوچ جا مالڪ هئا. بلڪہ هڪ جان بہ قالب .هئا اهو سڀ ڪجهہ جمالي صاحب جي ڪردارن مان بہ روشن سج جيان عيان لڳي پيو. منهنجن انهن وهمن ۽ خيالن تي جمالي صاحب هڪ ملاقات ۾ چٽو اظهار ڪري حقيقي اظهار جو ٺپو ثبت ڪري ڇڏيو .مولوي صاحب جي چوڻ موجب تہ معمور صاحب سان فڪري هم آهنگي هئڻ جي باوجود نهايت

ئي برادرانه تعلقات هئا. ٻئي عالم هڪڙي ئي استاد جا شاگرد هئا ٻئي ڄڻا والدين جي همت افرائي ڪانسواءِ پنهنجي همت ۽ بل بوتي تي پڙهيا ۽ عالم بنيا  ٻنهي جو هڪ ٻيو استاد معمور صاحب جو وڏو ڀاءُ مولانا عبدالخالق جن به هئا. 1952ع ڌاري فائينل جي امتحان ۾ معمور صاحب پهريون نمبر حاصل ڪيو ته جمالي ٻيو. ٻنهي گڏ جي اديب عالم ۽ اديب فاضل جا امتحان ڏنا. معمور صاحب فارسي جا پيپر ڏيندو هو ته مولوي صاحب عربي ۾. ٻنهي ۾ خودي ساڳي هئي ۽ آهي نه ڪنهن جي ڪڏهن خوشحامند ڪئي نه ڪنهن اڳيان جهڪيا. مولا جيڪو ڏنو اهو گنج ۽ ان تي راضي.

معمور صاحب جنهن سان ماضي جون انيڪ يادون سلهاڙيل آهن. جڏهن به ڪا ياد هنيين تي هرندي  آهي ته اکيون نم ٿي وينديون آهن .معمور صاحب جيڪو پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن ته هو ئي پر سچ پڇو ته هو انيڪ محبتن جو هڪ خوبصورت مجموعو به هو اجان به وڏيڪ ائين ڪٿي چئجي ته هو محبتن جو ديوتا هو. بي سهارن ۽ لاچارن جو پرجهلو هو. مسيحا هو. معزز. معتبر. قداور ۽ سمنڊ ڪان به گهري دل رکندڙ انسان. ڪائنات ڪان به وسيع سوچ. پالڻهار ڪيس هر خوبي عطا ڪري موڪليو هو. ڇا ته مرد متير. دلبر شخص هو ڪلين شيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن زيرلب ته ڪڏهن زيرلب. نڪ جي هيٺيان نمودار ٿيندڙ مڇن جو مجموعو ڪپڙا هميشه سفيد ۽ سادا مگر هردم صاف ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪارو ڪوٽ زيب تن ڪندا هئا ته شخصيت ۾ ٻيڻو نکار پيدا ٿي پوندو هو. ڪشادي دل جيان ڪشادي دسترخوان تي به گڏ ويهي جڏهن شڪم پوجا ٿيندي هئي ته محبتن ۽ سخاوتن جو هڪ باوقار  امتزاج پيدا ٿي پوندو هو نه رنگ نه نسل. نه ذات نه پات. نه عربي نه عجمي. نه هندو نه مسلمان نه ڪارو نه گورو. اصل جبل عرفات تي نبي پاڪ صلم جي ڪيل آخري خطاب جو

هڪ چٽو عڪس ڪاري ۽ گوري جي فرق متاثڙ وارن لفظن جو حسين نمونو. جڙ تہ ان خطاب جي لفظ بہ لفظ پيروي ٿي رهي هجي.
انهن ڏينهن ۾ جڏهن اهڙا موقعا ڏيندا هئاسين تہ عجب ۾ پئجي ويندا هئاسين تہ نفرتن جي جهان ۾ هي محبتن جو سفر الله تعاليٰ ڪٿان نازل فرمايو آهي، انهن ڏينهن ۾ پيد پائو ۽ اوچ نيچ عروج تي هو پيل ۽ ميگهواڙ جهڙين جاتين کي گڏ ويهي هڪ ٿانو ۾ ماني کارائڻ تہ بنهہ وڏي ڳالهہ آهي، پر پاڻ کي اعليٰ ۽ خانداني مسلمان سڏائيندڙ جن تي اوچ راجپوت سڏائيندڙن جو گهرو اثر هو.
جيڪي راجپوتي وهنوار ۾هلڻ پنهنجو شان سمجهندا هئا سي اسان جهڙن کي هٿ ڏيڻ بہ گوارا نہ سمجهندا هئا اهڙي ماحول ۾ معمور جي محبت ۽ پنهنجائپ ڪيترو گرويده ڪندي هئي، اهو ئي سمجهي سگهي ٿو جيڪو ان ڪرب مان گذريو هجي .بهرحال انهن ڏينهن ۾ معمور يوسفاڻي مولوي عبدالرحمان جمالي، ڊاڪٽر هرچند راءِ سونهڙ ۽ سيٺ مگهن مل واڌيون. اهڙا ماڻهو ميدان ۾ آيا جن صاحبن هزارين سالن جي نفرتن جي خلاف جيڪو ٻج ڇٽيو ان جو سلو اڄ اسين عزت ۽ وقار سان کائي رهيا آهيون. معمور صاحب اهو پهريون مدبر شخص هو جنهن پنهنجي گورنمنٽ مڊل اسڪول صوفي فقير ۾ نوڪري دوران، ٻارن جي پيئڻ جي پاڻي جي مٽن جي پرسان، کوڙيل ڪلين ۾ مختلف ذاتين جن ۾ پيل، ڪولهي، مگهواڙ اوڏ ۽ مسلمان لاءِ ڌار ڌار ابتا تنگيل گلاس ميڙي گڏ ڪري پاسيرا ڪيا ۽ سيني شاگردن لاءِ هڪ ئي گلاس جي استعمال جو رواج وڌو ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ نفرتون محبتن اڳيان دم ٽوڙي ويون .اهو معمور صاحب جو هڪ وڏو ڪارنامون هو خاص طور تي تڏهن جڏهن اسڪولي شاگرد سيد بہ هجن، صوفي بہ هجن، ٻروچ بہ هجن تہ ڪولهي بہ هجن تہ پيل بہ.

مون کي ياد ٿو اچي تہ پاڻ پنهنجي وڏي فرزند محترم سائين حزب الله پلي صاحب جي شادي ۾ دسترخوان تي مهمانن کي ماني کارائڻ تي خاص طور اسان ميگهواڙن کي مامور ڪرڻ فرمايو اسان کي ڏسي ڪيترائي “ معزز مهمان پنهنجي گئون مئون ” ڪندا ۽ وقلندا ماني کائيندا ويا پر مجال آهي جو انهن جو وات معمور صاحب اڳيان ڪجهہ کُلي، اهڙو هڪڙو واقعو مولوي عبدالرحمان جمالي سان پيش آيو جنهن جو ذڪر اڳتي هلي ڪبو.

ايئن عمرڪوٽ ۾ سيٺ سرگواسي مگهن مل واٽيو جنهن جو هڪ مويي پٽ سيٺ کيمن واٽيو پڻ سرگواسي ٿي ويو آهي ۽ هڪ پٽ اشوڪ ڪمار حال حيات آهي خدا کيس ججهي عمر ڏي سيٺ صاحب هميشہ بورچي توڙي گهرو نوڪر ڀيل رکندو هو هڪ دفعي سيٺ صاحب هڪ هوٽل جي بيري کي چيو تہ هي جيڪو شخص مون سان گڏ ماني کائي وينو سو ڀيل آهي هن چيو تہ تنهنجا ٿانو بہ وڃائي ڇڏيا آهن ڀلا ڀري ڏيان ڇا؟ تڏهن بيرو ڏند ٽيڙيندي چوڻ لڳو نڪو! هي ڀيل نڪو آهي بهرحال اهڙي طرح ڊاڪٽر هرچند راءِ وٽ بہ گهر ۾ ڪم ڪار خاص طور ميگهواڙ ڇوڪرن حوالي هوندو هو جن ۾ هڪ ڊاڪٽر ليڪو مل اڄان بہ نيهن جا ناتا نڀاهندو اچي!

انهن ڏينهن جو هڪ واقعو بہ ذهن جي ڪينواس تي تري آيو آهي موقعي مناسبت سان ان جو بہ ذڪر خير ٿي وڃي. ٿيو ائين جو 1991ع ڏاري آرٽ ٽيچر جي حيثيت سان منهنجي پوسٽنگ هاءِ اسڪول ترڪو مگهريو ۾ ٿي جتي ٿي - چار سال ڊيوٽي ڪيم ڊيوٽي دوران شماريات کاتي، مون کي آدم شماري جي سلسلي ۾ انهي ئي ديهہ ۾ گهر شماري لاءِ مقرر ڪيو. ان سلسلي ۾ آئون ڏنل لسٽ موجب مختلف ڳوٺن ۾ سائيڪل تي چڙهي گهر شماري جي ڪم ۾ لڳي ويس لسٽ ۾ هڪ ڳوٺ “ منو راڄڙ ” بہ هو جڏهن آئون ڳوٺ “ منو راڄڙ ” پهتس تہ هڪ وڏي اوطاق جي اڳيان

سائيڪل ٿانيڪي ڪيم، ياد ٿو اچي ته اوطاق جي صحن ۾ وڏن ڪتولن تي وڏي سفيد وهاڻن جي ٽيڪ سان براجمان پنج ـ ست سفيد پوش ۽ سفيد باريش بزرگ ويٺل هئا جن سان هٿ ملائي پاسي ۾ رکيل هڪ ٽتل ڪرسي تي ويهي رهيس خير عافيت ڪان پوءِ هڪ بزرگ مون کان پنهنجي باري ۾ ۽ هتي اچڻ جو ڪارڻ پڇيو مون ڪيس چيو ته " منهنجو نالو پريتم آهي ميگهواڙ ڪميونٽي سان تعلق رکان ٿو ۽ هاءِ اسڪول ترڪو مگريو ۾ استاد آهيان منهنجي آدم شماري ۾ ڊيوٽي لڳي آهي هتي پهرئين مرحلي ۾ گهرشماري ڪرڻ آيو آهيان " ايترو چئي آئون خاموشي ٿيس ته جڻ اچانڪ سڄي نگري کي نانگ سواڀي ويو هجي .ڪجهه گهڙين لاءِ ماحول ۾ ماٺار ۽ هر ڪنهن تي جڻ سڪتو طاري ٿي ويو هجي .مون ترڇي نگاهن سان ڏٺو ته سيئي بزرگن خاموش نگاهن سان هڪ ٻئي سان جڻ گونگي گفتگو پيا ڪن .ڪجهه دير ڪان پوءِ هڪ بزرگ اٿيو ڪٽن جي پرسان پيل ڪرو ڪٽي پنهنجا هٿڙا لڪس صابڻ سان ڌوئي پاڪ ڪيا جيڪي صرف چند گهڙيون پهرين هڪ ميگهواڙ جي هٿ ڏيڻ سان ناپاڪ ٿي چڪا هئا. وڏيڪ پليتي جي خوف ڪان بچڻ لاءِ هٿن تي ڪجهه ورد وظيفا پڙهي ته تي گرم گرم شوڪارا به هنيا پوءِ ته سيني باريشن بزرگن واري واري سان ائين هٿ به ڌوئيندا ويا ته شوڪارا به هڻندا ويا ان وچ ۾ ڪنهن به ڪنهن سان ڳالهايو ڪونه جڏهن سيئي پاڪ صاف ٿي ڪٽن تي رونق افراز ٿيا ته هڪ باريش بزرگ جو آواز بيحد ڏکويل مگر ڪروڌ ڀريل لهجي سان فضا ۾ بلند ٿيو ته اوطاق تي ويٺل سامعين جا پڻ ڪن ڪيتا ٿيا منهنجي دل ۾ هڪ اڻجاتل خوف ۽ عجيب هلچل پيدا ٿي وئي بزرگ جو آواز هوا جي لهرن جي دوش گرجيو! تو به ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي جو هڪ هندو ماٺهو سڌو اچي مسلمانن کي ائين هٿ پيو ڏي جڻ .....؟ ان جا لفظ ڪاٽيندي ته هڪ ٻئي بزرگ سُر ملايو نه پڇا نه ڳاڇا، اڙي، فلاڻا ! ڪهڙي ٿو ڳالهه ڪرين، اڄڪلهه جا جاهل مسلمان ته هندن سان

گڏ ڪائن بہ پيا هي ڪاري قيامت جا آثار آهن پيو چا آهي.. ان ڪانپوءِ هڪ بزرگ مون ڏانهن متوجہ ٿيو ۽ طنزيہ انداز مان ڦهري نگاهن سان نهاريندي مخاطب ٿيو ماستر صاحب تو پهرين چو نہ ٻڌايو تہ آئون هندوڙو آهيان.؟ مون عرض ڪيو تہ جڏهن توهان پڇيو ئي ڪو نہ تہ آئون ڇا ٻڌايان تہ آئون ڪير آهيان ۽ هت ڇو آيو آهيان. ڳالهہ شروع ئي مس ٿي هئي تہ ماستر سنگهار راڄڙ ايچ ايس ٽي اچي ويو جيڪو اسان کي اتان اٿاري پرائمري اسڪول ۾ اچي ويهاريو مون ڏانهن نهاريندي سنگهار پڇيو ادا توکي ڪنهن ڪجهہ چيو تہ ڪونہ؟ چيم نہ ادا مون کي ڇا چوندا آئون اجهو هنيئر ئي وينو هئس اجان وينس ئي مس تہ توهان اچي ويا ۽ پوءِ سڏا هيڏانهن هليا آياسين .مون پنهنجو ۽ دوست جو پرم رکندي چيو سنگهار اسان کي چانهہ پياري ۽ گهر شماري ڪري فارغ ڪيو.

آئون تعجب ۾ هئس اهڙن ڪنور ڏهاڙن ۾ معمور صاحب جي محبت، شفقت، آٿت ۽ همت اسان کي اهڙي راهہ تي اچي ويهاريو جو اسين اهو ٺيڪ نموني محسوس ڪرڻ لڳاسين نہ اسين بہ بہ ٽنگيا،خدا جا پيدا ڪيل انسان آهيون اهو شعور اسان کي معمور صاحب جي طفيل عطا ٿيو.

مون مئٽرڪ ۽ انٽر ۾ اسلاميات جا پيپر ڏنا هئا ۽ هن ملڪ ۾ رهڻ، ماستري جهڙي نوڪري ڪرڻ، معمور صاحب جي ذاتي لئبرري جا ڪتاب ذيروزبر ڪرڻ ڪجهہ ڪتابن جي ورق گرداني ڪرڻ، ۽ انهن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين محترم محمد موسيٰ ڀٽي طرفان هر ماهہ بنان ناغي جي مفت ۾ ملندڙ ماهوار بيداري جا صفحا جا نجڻ ۽ وڏي ڳالهہ تہ معمور صاحب جي سنگ ۾ رهڻ سبب اسلامي تعليمات ۽ اسلام متعلق ٿوري گهڻي پروڙ آهي .بهرحال اهو واقعو اهڙو هو جو مون کي سڄي رات تڙپائيندو رهيو، سوچيندو هئس تہ هڪ طرف ڪلين شيو، سفيد سادا ڪپڙا زيب تن، نہ هٿ ۾ تسبيح نہ ٽلهو متارو، ڏنڊڻ قميض جي کسي جو پيلهہ، اسلامي فقہ جو وڏو عالم ۽ ڄاڻو، باڪمال اسڪالر، دانشور، عظيم

مدبر ۽ مفڪر جيڪو اسان جهڙن جيتامڙن کي هڪ ٿانو ۾ گڏ ويهي کارائي ۽ پيئاري، والدين جهڙي شفقت ۽ محبت ڏي ته ٻئي طرف وڏي ڪشادي پهراڻ سان باريش بزرگ پيشاني تي با شرعي نمازي به داعي داغ مرين کان مٿي سٽيون پاتل، هٿن ۾ تسبيح جنهن جا مڻيا انوئي پهر پيا ڪڙڪڙ ڪن ،مٿي تي رومالي ٽوپي يا سفيد پڳ ڪرو سدائين هڪيو تڪيو حاضر مسجد جي درتان اصل ذرو به نه چري ڪنهن ڪُتي ڪافر جو منهن ڏسڻ به معيوب ۽ هٿ لڳس ته سڄو نوراني سرير ئي ناپاڪ..

خدا جي هن عجيب دنيا ۾ بيحد منجهي پيس، شايد سچل سرمست کي به اهڙا عالم گڏيا هوندا ۽ پوءِ پاڻ مذهبن جي ملڪ منجهائڻ واري سٽ سرجي هوندي، سڄي رات تڙپي لڇي گذاريم ذهن تي خيالن جي اصل هلر هجي، دنيا چاهي خدا کي هي جهان خلقڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي ! ۽ پوءِ وري اهو ته مسلمان ڪنهن کي چئبو آهي، مسلمان اعمالن سان ٿيبو آهي يا رڳو پنهنجو آبائي مذهب مٽائڻ سان، مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي ڌرين جا اعمال ڪهڙن مسلمانن جا آهن؟ معمور يوسفائي جهڙن مدبر عالمن يا باريش اڇا جهڙا ٻگلا بزرگن جا ؟ ڪڏهن ڪڏهن اسلامي تاريخون پڙهندو آهيان ته خيال ايندا آهن ته مسلمان ٿيڻ بيحد ڏکيو آهي.

بهرحال ٻئي ڏينهن جڏهن مون معمور صاحب سان هي سموري روئداد بيان ڪئي ته منهنجي اکين ۾ هلڪڙ ا ڳوڙها ٿمي پيا، پاڻ مون کي يڪدم ڳراٽڙي پائي ورتي، پاڪر چا پاتائين سڄو پيار ئي نڇاور ڪري ڇڏيو پريل پاڪر ۾ هن سموري ڪائنات جو پيار اوتي ڇڏيو مون پاڪر ۾ اهڙي ته پناهه محسوس ڪئي جو سمورا درد ئي لهي ويا .

وساريو جنين سي وري ياد آيا
اڙي دل ڇو توکي چري ياد آيا
هئي ڙي " پريتم " اهي ڏينهن راتيو،
هئي تنهنجا پاڪر، پري ياد آيا.

معمور صاحب تمام نفيس ونرم دل جا انسان هئا. آخري ايامن ۾ اهڙي ٿورڙي بہ رنج وانگر حالت وارد ٿيندي ئي اکيون پرجي ايندیون هيون. ڳراٽڙي ڪجهہ ڍري ٿي تہ پاڻ کي بيحد ملول ڏٺم ڪاٺ جي بينچ تي ويهندي چيائين " پريتم " مسلماني وڏي ڏاڙهي جُبي ۽ تسبيح جي ٽڪ ٽڪ جو نالو ناهي، مسلماني انسانن جي اعمالن مان لکندي آهي، تون دل نہ لاهہ.

اهڙو هو منهنجو معمور جنهن جي محبت ۽ شفقت اسان کي بنهہ پاگل ڪري ڇڏيا هئا سچ پڇو تہ بہ مسلمان خلد برين ڏي پرواز ڪري ويا آهن ۽ هڪڙو اجان حال حيات آهي خدا کيس عمر خضري عطا فرمائي جهان ڇڏيندڙن مان الله کيس جنت ۾ جايون ڏي. هڪ هو معمور يوسفائي ۽ ٻيو هو عبدالستار ايڌي.

پلا عبدالستار ايڌي چا تہ غضب جو مسلمان هو انهي جا ڪارناما ڏسي منهنجين اکين اڳيان خلفاءِ راشدين جي تاريخ جا ورق رقص ڪندا آهن ۽ لفظ لفظ ناز ڪندو آهي اڙي يار هن ڪل جڳ ۾ ڪو عبدالستار ايڌي ٿي نہ ڏيکاري. جيڪو هڪ معصوم گونگي هندو نياڻي گيتا کي پيءُ جيان پالي ٿو نپائي ٿو اجان سمجهہ لائق مس ٿئي ٿي تہ ان جي پوجا واسطي پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري ڪرشن ڀڳوان ۽ ٻين ديوتائن جون مورتيون خريد ڪري آڻي ڏي ٿو تہ جيئن هو پنهنجي عقيدي مطابق پوڄا ڪري سگهي ۽ پوءِ مائيٽن جي ڳولا ڪندي وڃي هندستان نڪري ٿو آهي ڪو اهڙو مسلمان....! هيڏي وڏي مملڪت خدا داد مان ڪنهن هڪ جو تہ نالو کڻو. الا الا هن جڳهہ تي ٻيو ڪو جنت جو آرزو مند هجي ها تہ گيتا هن وقت پنهنجي مرضي جي خلاف هڪ برقہ پوش خاتون بڻجي ڪنهن مسلمان پاءُ جي زوجہ ٿيڻ جا حق ادا ڪري رهي هجي ها. معمور، ايڌي ۽ جمالي ٿيڻ بيحد ڏکيو آهي بيحد مشڪل آهي چاڪاڻ تہ مسلمان ٿيڻ بہ ڏاڍو ڏکيو آهي. اڄ جڏهن محترم مولوي عبدالرحمان

جمالي تي بہ اکر لکي رهيو آهيان تہ سچ پڇو تہ منهنجو بہ ادبي قد وڏي ويو آهي. ڀڳت ڪبير چيو آهي تہ.

“ ذات نہ پوڇو ساڌ ڪي، پوڇ ليجي گيان ”

يعنيٰ بزرگن ۽ عالمن جي ذات نہ پڇو ذات جو پڇي توهان کي ڇاڪرڻو آهي، ان جو علم ڏسو ان جي ڏاهپ ڏسو ۽ قدر ڪريو.

بيشڪ عبدالرحمان جمالي صاحب دور حاضر جو هڪ عظيم انسان، معمر، معتبر خطيب ۽ هاڪارو روادار عالم آهي .مولوي صاحب جا اعمال ۽ ڪردار تہ اهڙا آهن جيڪي هڪ باوقار روادار عالم هجڻ تي شاهد آهن .

نالو عبدالرحمان تہ ٺيڪ آهي ڪنهن مسلمان دوست جو نالو ٿي سگهي ٿو پر جڏهن هو جمالي جهڙي اسم سان جڙي ٿو تہ ذهن تي هڪ دم بلوچن جي ارڏي دلير ۽ اصل پوڙهو نہ ٿيڻ جي ضدي طبيعت ۽ شڪل شبيهہ ڏي خيال هليا ويندا آهن. جيڪي تمام وڏي گهيردار ڳري سٿڻ سان بہ وڏن پائچن سان مٿي اهڙي ئي ڳري وڏي ٻن وڏن کيسن واري قميض ننڍڙي ڪاري چانپوئي سونهاري ۽ مٿان وري وچون جي ڏنگ جهڙيون نوڪدار مڇون، ڪاٻي هٿ ۾ چلڪٽي ڪهاڙي يا پيتلي ۽ لوهي ٻٽن سان سجايل لٺ ۽ ساڄو هٿ صرف ڪٻي مڇ وٽڻ تي مامور سرڪشي ضدپڻو ۽ ڏاڍائي اصل طبيعت ۾ ٻوهيل سڄي گهر ۾ پيل بہ رليون پلي ڪونتي تي ٽنگيل هجن پر ٻاهر همراهہ اهڙو جهڙو مير آڇن پر اسان جو هي محترم مولوي عبدالرحمان جمالي ٻروچ هوندي بہ اهڙو حليم ۽ سادو جو هر وقت پيو نوڙت ۽ نياز مندي ڪري، منڙو اهڙو جڻ سنگهاڻ مصري ۽ پتاشا.خدا پاڪ ٻروچن جي ٺاهڻ مهل مٿي بہ هٿ واري هٿ ڪندو آهي پر محترم عبدالرحمان جمالي جو وجود گهڙڻ لاءِ اهڙي تہ حليميت واري مٽي هٿ ڪئي جو همراهہ سڄي جو سڄو حليم الله سائين عمرڪوٽ واسين لاءِ ڪيس مسيحا مهربان ۽ هڪ آسماني تحفو ناهي ڪيئن خوبصورت

خصلتون عطا ڪري موڪليو. رواداري جو عنصر ته مالڪ هر خليي ۾ پنهان رکي ڇڏيو جڏهن مولوي صاحب جي طبيعت ۾ اهڙا لاڙا ڪٿان آيا؟ ان لاءِ ساڻس ملاقات ڪيم ۽ رواداري زندگي جي باري ۾ دريافت ڪيم ته پاڻ چيو ته.

آئون ڳوٺ غلام حيدر سريوال، جيڪو ڪاماري شريف جي پرسان آهي ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ اچي ٿو. اتي منهنجو استاد پير بخش پرديسي هوندو هو، جيڪو پهريان ميگهواڙ هو ۽ پوءِ مسلمان ٿيو. انهي انسان مون ۾ ڪوٽ ڪوٽ ڪري علم پريو علمي ترقي ۽ روادار زندگي جو وڏو ڪارڻ اهو استاد هو. مون کي ٻئي ڪنهن به استاد ايتري تعليم ڪونه ڏني .اها ڳالهه آئون دعوا سان چوان ٿو ته ان جيڪا محبت ڏني اها ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. منهنجو سمورو علم ان جو مرهون منت آهي. مون اٽپور به ان کان سکيو ته ميٺ محبت ۽ رواداري جا سبق به پرايم.

مون عرض ڪيو ته اهڙي رواداري جو ڪو واقعو جيڪو توهان کي ياد هجي ته پاڻ چيو ته.

1953ع ڪانپوءِ پرائمري ماستري جي نوڪري دوران مون ڪنهن به انسان سان مت پيد وارو رويو ڪونه رکيو ڇاڪاڻ ته مذهبي لحاظ سان هڪ غيرمسلم سان گڏ کائڻ بلڪه ان جي اوبر کائڻ به حلال آهي جائز آهي. ان جي ڪٿي به منع ٿيل ناهي. گڏ کائڻ سان انسان انسان کان مذهبي لحاظ کان نکري ڪونه ٿو بلڪه ويجهو ٿين ٿا سو آئون به نوڪري دوران ڪنهن سان به ذرو برابر به تفاوت ڪونه ڪندو هئس .پنهنجي ڳوٺ ولهيت ۾ هڪ دفعو ڳوٺ ۾ مليريا وارا مڇر پڇائڻ ۽ مارڻ لاءِ پنج ماڻهو اسپري ڪرڻ آيا جيڪي پنج ئي ميگهواڙ هئا ۽ قاضي نور محمد پلي ديبو جا رهاڪو هئا انهن مان هڪ سپر وائسزر هو( جنهن جو نالو بير چند هو) ۽ چار هيلپر هئا جڏهن اهي مون وٽ آيا ته مون کيس عزت سان سامهون کٽ تي ويهاري پنهنجي ئي استعمال جي برتنن ڪوپن ۾ چانهه ناهي

پياري ۾ انهن ئي ڪوپن ۾ مون به پيتي ايتري ۾ مولوي حاجي الهبخش ساند ڪتان گهمندي ڦرندي اچي سهيڙيو مولوي صاحب مليريا وارن کان پڇيو ته توهان ڪير آهيو؟ تڏهن انهن وراڻيو ته اسين ميگهواڙ آهيون! اهو ٻڌي مولوي صاحب تپي باهه ٿي ويو ۽ ڪاوڙ مان چيائون ته اٿو اٿو ڏوم ڪٿي جا اوهان اسان جي ڪٽن تي ويٺا آهيون ۽ نڪر به وڃائي ڇڏيا آهن. مولوي صاحب جو اهو رويو مون کي ڏاڍو ڏکيو لڳو مون مولوي صاحب کي چيو ته " مولوي صاحب! توهان مسلمان ٿي ڳالهه ڪريو ٿا يا نڪر، برهمڻ ٿي، اسلام ۾ ڪٿي لکيل آهي ته ميگهواڙ سان گڏ نه کايو ۽ نڪر سان گڏ پلي کائو آئون چڱي طرح ڄاڻان ٿو ته اسلام ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه لکيل ناهي، مذهبي لحاظ کان اسان لاءِ هڪ نڪر ۽ هڪ ميگهواڙ ۾ ڪو به فرق ڪونهي .منهنجي ڳالهه مولوي صاحب کي ڪجهه ڏکي لڳي پر هو سمهجي ويو ته جمالي صحيح ٿو چوي.

رواداري، پائيچاري ۽ محبت جا ڪيترائي ڪردار مولوي صاحب ادا ڪيا، جنهن جي ڪري ڪيترين ئي تڪليفون پڻ برداشت ڪرڻيون پيون، ايتري قدر جو ڪن ماڻهن موبائيل فون تي گارگند به ڪئي پر پاڻ صبر جو دامن ڪڏهن به داغدار نه ڪيو هڪڙو اهڙو موقعو آيو جڏهن حضور صلم جن جو يوم ولادت 12 ربيع الاول ۽ هولي جا تهوار ٻئي گڏ اچي ويا ان موقعي تي ڪن شرپسندن عمرڪوٽ جو امن ۽ پائيچارو خراب ڪرڻ لاءِ هندو ـ مسلم فساد ڪرائڻ پئي چاهيو. مولوي صاحب کي هڪ شخص مسجد ۾ اچي اطلاع ڏنو ته ڪن ماڻهن هولي جي ڏينهن رستي تي نبي پاڪ صلم جو نالو لکي ڇڏيو آهي ۽ وڏو فساد ٿيڻ جو امڪان آهي .توهان هلي پنهنجو ڪردار ادا ڪريو. هن قضيي ۾ مولوي صاحب پير ڪوڙي حق ۽ سچ جو ساٿ ڏنو ۽ شرپسند پنهنجي گهٽيا حرڪت کي عملي جامون پهرائي نه سگهيا. مولوي صاحب روبرو حرڪت واري هنڌ جو جائزو ورتو ۽ پوءِ ڊي سي وٽ ٿيل جرڳو جنهن ۾ سيد علي مردان شاهه، محمد يوسف

ٽالپر، راٺو همير سنگهه ،لال مالهي ۽ ٻين معزز شهرين شرڪت ڪئي.
جتي مولوي صاحب جي عادلانه ڪردار سبب الله سائين هي فساد ختم
ڪيو. مولوي صاحب هميشه حق ۽ سچ جو ساٿ ڏنو جنهن سبب ڪافي
تڪليفون به برداشت ڪرڻيون پيون.
مولوي عبدالرحمان جمالي صاحب هميشه محبتون ئي ونڊيون آهن ـ نه رڳو
ان موضوع تي پاڻ تقريرون ڪيون بلڪه علمي طور به ڪري ڏيکاريو.
عمرڪوٽ ۾ هڪ سيمينار ٿيو ان سيمينار جو موضوع " امن هو " هن
سيمينار ۾ ٽن ماڻهن تقريرون ڪيون جن مان هڪ هندو، هڪ عيسائي ۽
هڪ مسلمان هو. هندو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته هندو ڌرم قديم آهي، انادي
آهي انڪري ان کي تسليم ڪرڻ گهرجي. عيسائي چيو ته منهنجي
مذهب محبت جو مذهب آهي انجيل شريف ۾ حضرت عيسىٰ چوي ٿو ته
جيڪڏهن توهان کي ڪو هڪ چماٽ هڻي ته وڏائي ٻيو ڳل ڏيو. ان بعد
مسلمان عالم مولوي عبدالرحمان جمالي چيو ته هندو ڌرم واقعي قديم
آهي ان کان انڪار آهي ئي ڪونه پر اهو به محبت سمجهائي ڪونه
سگهيو. عيسائي دوست سان مخاطب ٿيندي چيو ته تنهنجو مذهب محبت
جو مذهب آهي ان کان ذرو به انڪار ڪونهي، پر انساني حقن جي حقداري
۽ ان جو ثبوت جهڙو اسلام ۾ آهي اهو ٻين مذهبن وٽ ناهي ائين پاڻ پنڊال
۾ ويٺل سامعين سان مخاطب ٿيندي چيو ته پلا اوهان مان ڪو ڀيل
ڪولهي يا ميگهواڙ ويٺل آهي ته هڪ شخص هٿ مٿي ڪيو ۽ چيو ته
آئون ڀيل آهيان. پاڻ ان کي مٿي اسٽيج تي گهرايو ۽ ان سان گڏ گلاس
پاڻي جو به طلب ڪيو پاڻ ڀيل کي چيو ته ان گلاس جو اڌ پاڻي پيءُ جڏهن
ڀيل اڌ پاڻي پيتو ته باقي بچيل اڌ پاڻي پاڻ پي چيو ته " هاڻي ٻڌايو ته اسان
کان وڌو ڪو روادار ۽ محبتي آهي؟ پلا برهمڻ ـ نکر يا پادري جوٺو پاڻي
پيئندا ـ سيئي ماٺ رهيا. مولوي صاحب جي هن عملي ڪردار ڪيترن ئي
ماڻهن کي حيران ۽ تعجب ۾ وجهي ڇڏيا ته ڪيترائي پريشان به ٿيا پر

مولوي صاحب پنهنجن محبتن جو پيغام سرعام ڏئي انسانيت جو ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو ۽ بدخواهن جا سر هميشہ لاءِ جهڪائي ڇڏيا. الله سائين ڪيس ججهي عمر ڏي آئون تہ سرڪار پٽ ڏٽي جي واتان صرف ايترو ئي چئي سگهان ٿو تہ..

جڪرا جيئن شال، تنهنجو ڪنن مدو مَ سٽان،
جيئن تو اچي ڪالهہ، نالائق نوازيا.

.

# محبت ۽ پائيچاري جي علامت ـ مولانا عبدالرحمان جمالي

بنسي مالهي

عمرڪوٽ ضلعو يا امراڻو برصفير جو اهو خطو آهي، جتي هزارين سالن کان ماڻهو ثقافتي طور تي اهڙي نموني گنڍيل رهيا آهن، جنهن ۾ ذات پات، رنگ نسل ۽ مذهب جي فرق کي ڪڏهن محسوس ئي نه ڪرايو ويو هو نه رڳو ايترو پر پراڻو ٿرپارڪر مذهبي رواداري ۽ هم آهنگي جو هڪ نادر نمونو رهيو آهي. دنيا جا ماڻهو اهڙي مذهبي پائيچاري جا مثال ڏيندا هئا. پر گذريل ڪجهه سالن کان مذهبي تنگ نظري هن خطي ۾ به پنهنجا پير کوڙي ماڻهن جي اندر جي انسان کي هيٺو ڪري، مذهبي رنگن ۽ تفرقن ۾ ڦاسائي ڇڏيو. ڪجهه ماڻهو مذهبي لٺ جو سهارو وٺي پنهنجي انائن جي تسڪين ڪرڻ لاءِ ڪونه ڪو معاملو اٿاري بيهي رهڻ لڳا.
ڪجهه مذهبي ته ڪجهه سياسي مقصدن لاءِ انهي محبت جي خطي کي مذهبي نفرتن جي باهه ۾ ڌڪڻ جي ڪوشش کي جنهن انسان هڪ سوچ بڻجي ناڪام بڻايو اهو شخص آهي مولانا عبدالرحمان جمالي. آئون ذاتي طور تي اڪثريت ۽ اقليت واري فلسفي کي نه مڃيندڙ ۽ انسانيت جو پرچارڪ آهيان، پر جڏهن عمرڪوٽ ۽ پرپاسي ۾ مذهبي جنونيت سبب ٿيندڙ انيڪ معامرن ۾ سائين جمالي صاحب جو ڪردار هڪ اهڙي انسانيت جي رهنما جهڙو ڏٺو. جيڪو هڪ مذهبي عالم ۽ مسجد جو پيش امام هوندي به انسانيت جي پرچار ڪندي سوين الزامن جا تير به سهي ٿو. ڏٺو وڃي ته هڪ مذهبي سياسي تنظيم جي ذميوار عهدي تي رهندڙ

مختلف مدرسن ۽ مسجدن جي نگراني ڪندڙ مولوي صاحب جي باري ۾ ڪو بئي مذهب جو ماڻهو سوچي ته هن وٽان به ڪو انصاف ملندو..؟؟
پر مولانا عبدالرحمان جمالي جي سوچ ۽ ڪردار عمرڪوٽ جي ماڻهن لاءِ پرئي پاڪر وانگر رهيو آهي، جنهن ڪڏهن به وٽس دانهن کڻي ايندڙ جو مذهب يا ذات نه پڇي هوندي پر حق ۽ انصاف جو وهنوار ڪندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ عمرڪوٽ جي آبادي ۾ غير مسلمانن جي اڪثريت تي ڪجهه مذهبي ڌريون موقعي جي تاڙ ۾ به رهن ٿيو ته ڪيئن به ڪري هتي نفرتون ڦهلائجن پر مولانا جمالي جي موجودگي اهڙين سازشن خلاف هڪ مظبوط بند آهي.
ملڪي حالتن ۽ مذهبي جنونيت سبب ملڪ جي ٻين شهرن ۾ جتي خاص طور تي هندو برادري پنهنجو پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهندي لڏپلاڻ ڪئي آهي ته اتي عمرڪوٽ واري علائقي ۾ مولانا عبدالرحمان جمالي جي موجودگي تحفظ ۽ چانوري جو احساس ڏياري ٿو اهو ئي سبب آهي جو ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ عمرڪوٽ مان لڏپلاڻ گهٽ ٿي آهي.
مولاناجمالي جڏهن امن ڪانفرنس ۾ هڪ ڀيل برادري جي همراهه جو جوتو پاٽي پي دنيا کي هڪ پيغام ڏنو ته سنڌ اهڙي محبت ۽ ڀائيچاري جي امين ڌرتي آهي.
مولانا عبدالرحمان جمالي سنڌ ۾ هڪ ڪردار آهي جيڪو پيغام ڏيئي ٿو، ته مذهب ماڻهو جو پنهنجو عقيدو آهي پر ڀائيچارو ۽ محبت انسانيت جي اوليت آهي.
پالهڻار مولانا عبدالرحمان جمالي کي اجا به ڊگهي ڄمار ڏي ۽ هو هن ڌرتي جي ماڻهن لاءِ امن ۽ محبت جو پيغام ورهائيندو رهي......

# هوامن ۽ پائيچاري جوامين آهي.

ممتاز آريسر

عشق، ايمان ۽ عقيدو انسان کي ان حد تائين جذباتي ڪري ڇڏيندو آهي جو سندس ڪنهن بہ عمل ۽ فيصلي ۾ علم، عقل ۽ فهم جو عمل دخل انتهائي گهٽجي ويندو آهي. پر هزارن ۾ ڪو هڪ اهڙو شخص هوندو آهي جنهن جو عشق ايمان ۽ عقيدو، علم، عقل ۽ فهم کان خالي ناهي هوندو. اهڙن ماڻهن جي کوٽ جي ڪري ئي مذهب ۽ عقيدي جي تشريح غلط طريقي سان ٿيندي رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مذهبي انتها پسندي ۽ نفرتن جون پاڙون مضبوط ٿينديون رهيون آهن. جيتوڻيڪ سنڌ اهڙو خطو آهي جنهن ماضيءَ ۾ بہ اهڙا ڪردار پيدا ڪيا آهن جن مذهبي رواداريءَ جا اعليٰ مثال قائم ڪيا. پر گذريل ٻن ٽئن ڏهاڪن کان جڏهن کان هڪ طرف طالبان فيڪٽر مضبوط ٿيو آهي توڙي مذهب کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي تڏهن کان سنڌ ۾ نفرت ۽ عدم برداشت جي رجحان ۾ واضع اضافو ٿيندي نظر آيو آهي. اڄ کان ڪجھ سال اڳ ۾ جڏهن عمرڪوٽ شهر ۾ هندو برادري جي مذهبي ڏهاڙي هولي تي مذهبي نفرت ۽ فساد پکيڙڻ جي سازش ڪئي وئي تڏهن هڪڙي شخص سڀ کان اڳڀرو رهي ان سازش کي ناڪام بڻايو ۽ سڄي سنڌ جي هر مذهب ۽ مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي دلين ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪري ورتو. سيني کان منفرد طبيعت ۽ مزاج رکندڙ ان انسان دوست شخص کي ماڻهو مولانا عبدالرحمان جمالي جي نالي سان سڃاڻن ٿا. مولانا عبدالرحمان جمالي ايئن تہ خطي ۾ مذهبي رواداريءَ ۽ نفرتن جي خاتمي لاءِ تمام گهڻو متحرڪ رهيو آهي پر هڪ

تقريب ۾ هينيئن درجي جي هڪ هندو شخص جي اوبر ٽيل پاٽي پيئڻ واري عمل سان سموري دنيا جي ساجھوند ڌرين وٽ تمام گھڻو مقبول ٿيو ۽ سندس تمام گھڻي عزت افزائي پڻ ٿي. مولانا جمالي جي ان عمل تي تمام گھڻ ماڻهن کي تعجب ٿيو جيڪي اسلام جي ان مذهبي رواداريءَ واري نظريي کان واقف هئا. پر بدقسمتي سان اسلامي نظريي کي سمجھندڙ انهن ماڻهن مذهبي رواداريءَ جي ان نظريي کي عام ماڻهن تائين نہ پهچايو جنهن جي نتيجي ۾ اسين مذهبي انتهاپسندي جي. وڏي ڏيڻ ۾ ڏينهون ڏينهن ڦاسندا وڃون ٿا.

خوشقسمتي سان منهنجو تعلق پڻ مذهبي خاندان سان آهي. منهنجو نانو ۽ ضلعي جي اهم سياسي اڳواڻ حاجي عبدالحق آريسر جو والد مولوي محمد امين آريسر پنهنجي دور جو وڏو عالم ٿي گُذريو آهي. ريشمي رومال تحريڪ ۾ هن احمد آباد جيل ياترا پڻ ڪئي, پاڻ مذهبي عالم هُئڻ جي باوجود پنهنجي ڳوٺ ۾ قُرباني واري عيد تي ڍڳي جي قُرباني جي منع ڪري ڇڏي ڇاڪاڻ جو سندس ڳوٺ ۽ پر پاسي جي علائقي ۾ رهندڙ هندو برادري سان تعلق رکندڙ غريب ماڻهو قُرباني جو گوشت استعمال ڪري سگھن. جيڪا روايت اسان جي خاندان ۾ اڄ تائين موجود آهي پر ڳوٺ ۾ ناهي رهي. هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو فقط هن هڪ شخص جي مثبت سوچ ۽ ڪردار سان اسان جي سول سوسائٽي پڻ مذهبي رواداري جي حوالي سان متحرڪ نظر اچي رهي آهي. ان سلسلي ۾ سامي فائونڊيشن سميت مختلف ادارن اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ علائقي سان تعلق رکندڙ مختلف مذهب ۽ مسلڪ سان لاڳاپو رکندڙ ڌرين ۾ ويجهڙائپ پيدا ٿي آهي پر سوال اهو پيدا ٿو ٿئي تہ اسلام جو اهو نظريو جيڪو اسان مولانا جمالي صاحب کان سکيو آهي سو اسان جي ديني درسگاهن ۾ موجود آهي يا نہ؟ تہ اسان کي ان جو جواب هاڪار ۾ نہ ملندو جڏهن تہ اسان جي علائقي ۾ ولهيٺ ۽ مدرسہ قراني جي صورت ۾ قديمي

درسگاهون موجود آهن جن مولانا جمالي سميت تمام وڏا عالم پيدا ڪيا آهن، منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ انهن درسگاهن ۾ پڻ عام درسگاهن جيئن اسلامي نظريو سيڪارڻ بجاءِ فقط عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏني وڃي ٿي ، خُدا نہ ڪري پر ايندڙ وقت ۾ اسان کي وڏو نقصان ان صورت ۾ برداشت ڪرڻو پوندو جو اهي ڏريون ۽ ماڻهو اسان تي قابض ٿي ويندا جيڪي ماڻهن جي علم جي گهٽ هُئڻ ۽ عشق جي انتها جو فائدو وٺندي پنهنجو روزگار قائم ڪندا اچن پيا. مولانا جمالي عمر جي ان حصي ۾ پُهتل آهي جتي فقط آرام جي ضرورت هوندي آهي پر ڪيس بيماري وڏيڪ هيڻو ڪري ڇڏيو آهي ۽ آئون نٿو سمجهان تہ هو ڏر تتي جو شهر جي ڪنهن چوڪ تي بيهي ماڻهن کي مذهبي رواداري، امن ۽ ڀائيچاري سان رهڻ جو درس ڏئي سگهي. ان ڪري سندس ان مشن کي ساڻس محبت ڪندڙ سمورين ڏرين کي اڳتي وڌائڻو آهي، ايئن نہ ٿئي جو علم ۽ عقل جي ڏڳ تان شروع ٿيل انسانن سان عشق جي انتها جو هي سفر اسان جي لاعلمي جي چوواٽي تي رستو ڀلجي وڃي

# سنڌ جو عالم مولانا عبدالرحمان جمالي

## الياس ٽري

هي 90ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن ڏينهن جون ڳالهيون آهن جڏهن اجان امراٽو سياسي سماجي ۽ علمي ادبي توڙي مذهبي سرگرمين جي حوالي سان ڪو گهڻو ڪليل دل وارو ۽ زرخيز خطو نہ بڻيو هو. عوامي سطح تي سماجي پلائي ۽ خدائي خدمتگار وارو لاڙو ضرور موجود هو .سامي فائونڊيشن تن ڏينهن ۾ اجان سامي سماج سڄاڳ سنگت طور موجوده سٽي هارٽ هوٽل لڳ سامهون واري هڪ ڪمري ۾ موجود هئي .آهستي آهستي اسان صحافتي دنيا ۾ پير رکيا سرڳواسي پيرڏانسنگ سوڍو، مرحوم محمد ابراهيم آريسر، حاجي گل حسن آريسر، جمن جيساڻي، محمد صديق درس، آغا عبدالغفور ڪاڪڙ ،مرحوم عبدالمجيد حسيني ۽ ٻيا دوست توڙي سينئر صحافي عمرڪوٽ ۾ صحافت ڪندڙ هئا تن ڏينهن ۾ الهوسايو هاليپوٽو عباس ڪوسو ۽ مون سميت موجوده ايم اين اي لال مالهي ۽ ٻين صحافت ۾ نئين نئين شروعات ڪئي هئي. حاجي گل حسن آريسر جي موجوده آفيس وارو ڪمرو تڏهن پريس ڪلب هو صبح جي پهرين پهر ۾ جڏهن ڀراڙي مان سفر ڪري اچي ڪلب تي پهچندا هئاسين. تہ ڪلب جي ٿلهي سان ٿانيڪو ٿي ڪرسي تي ويٺل اڪثر هڪ شخص اچي سونهاري مبارڪ سان هميشہ جنگ اخبار پڙهندي نظر ايندو هو اڪثر سندس پٽڪو جهولي ۾ پيل هوندو هو ۽ وارن جي چيڙي تي عالماڻو ڪٽ سندس اخبار پڙهڻ جو اسٽائيل پڻ عالماڻو ۽ مدبراڻو

ٻاسندو هيو هڪ ڏينهن معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته اهو شخص مولانا عبدالرحمان جمالي آهي .جيڪو مُک جامع مسجد عمرڪوٽ جو خطيب هئڻ سان گڏ هڪ مدرسي جو مهتمم پڻ آهي ايئن سلام دعا سان مولانا صاحب سان ڳاله ٻوله ۽ ڪچهري ٿيندي رهندي هئي .جيڪا هيل تائين انتهائي پيار ۽ پاٻوهه سان جاري ۽ ساري آهي .گذريل ٻن ڏهاڪن کان پاڻ عمرڪوٽ جي سياسي علمي ادبي مذهبي ۽ سماجي پروگرامن کي رپورٽ ڪندا اچون پر زندگي ۾ اهڙو مستقل مزاج شخص پاڻ ڪٿي ڪو نه ڏٺو اصل منطق جي بنياد تي معاملن جو تز تجزيو رڳو جمالي صاحب ئي ڪري سگهي. پاڻ هن کي بابري مسجد وارن وڳوڙن بعد نڪتل ريلي کان وٺي ڳوڏيار ويجهيار مسجد واقعي توڙي اسلام ڪوٽ واقعي کان وٺي هاڻوڪي عمرڪوٽ ۾ هولي ڏڻ تي ٿيل اشو دوران سندس عالماڻو تدبر موقف ۽ ثالثي وارو بهادراڻو ڪردار انتهائي ويجهي کان ڏٺو ۽ پرکيو آهي .منهنجي راء سان ضروري ڪونهي ته ڪو متفق هُجي پر اها تاريخ جي اٽل حقيقت آهي ته گذريل ٻن ڏهاڪن کان مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب جهڙن مدلل قسم جي عالمن جي ڪري ئي عمرڪوٽ اڄ به سنڌ جي ٻين علائقن کان قدر بهتر حالت ۾ آهي بهتر مان منهنجي مراد مذهبي هم آهنگي آهي جو اڄ به هتان جو عوام هڪ ٻئي جي مذهبي ۽ سماجي خوشين ۾ ڀائيوار ٿيندو پيو اچي .پر هاڻ اهو خوبصورت پسمنظر اجڙڻ پُرڻ شروع ٿيو آهي. جنهن کي ترت بچائڻ جي ضرورت آهي. مولانا عبدالرحمان جمالي ئي هو جنهن عمرڪوٽ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جي هڪ وڏي ميڙاڪي ۾ هڪ ڀيل ڀڳت کي اسٽيج تي سڏي عوام آڏو ڪيس چيو ته هي گلاس وارو اڌ پاڻي پيئو ۽ بچيل اڌ پاڻي مولانا جمالي صاحب مجموعي سامهون پاڻ پي ويو ۽ چيو هئائين ته هي آهي منهنجي اصل سنڌ. دنيا دنگ رهجي ويئي سڀ حدون بند ۽ هٿ ڪڙول ٽٽي چڪناچور ٿي ويا ۽ سنڌ هڪ ٿي وئي هئي.

عمرڪوٽ ۾ هڪ وڏي امن ريلي جي سرواڻي پڻ جمالي صاحب ڪئي .سنڌ جي تصوف سميت عالمي حالتن جو وڏو ادراڪ رکندڙ هن عالم ۽ مفڪر کي مالڪ سائين وڏي ڄمار ۽ صحت عطا ڪري ته جيئن جمالي صاحب اڃان وڏيڪ پرامن امراڻي جي خوشحالي ۽ ترقي لاء ڪردار ادا ڪندو رهي.

# ڪرڪڻا لاهي ويئا نہ وريام

**خطائي ٽيبو**

سنڌ جي مٽيءَ جي اها مهانتا آهي جو هن عالمن، مفڪرن، شاعرن ۽ دانشورن کي جنم ڏنو آهي. عمرڪوٽ جي بہ اها خوش بختي آهي جو هتي ڪيترن ئي مهان ماڻهن جنم ورتو آهي. جن پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو آهي. انتهاپسندي جي پاڪرن ۾ ساهہ ڪٽندڙ جڳت ۾ مولانا مفتي عبدالرحمن جماليءَ جهڙا بہ ماڻهو آهن جن هميشہ تنهنجو دين توسان منهنجو دين مونسان" جي مصداق پاڻ پتوڙيو آهي. سائين جمالي صاحب انتهائي گهڻ پڙهيو عالم ۽ اسڪالر آهي. سندس من ۾ فلسفي ۽ مفسر بہ ويٺل آهن. جنهن جي جهلڪ سندس خطاب مان ئي معلوم ٿيندي آهي. منهنجو سائين سان نياز مندي جو رشتو آهي.

مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرين کي
تنين سندي ڪا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

مخدوم محمد زمان لنواري واري لاءِ لطيف سائين جي چيل هن بيت وانگر منهنجو استاد مرحوم عبدالرحمن ڪاڇيلو صاحب اڪثر ڪري جمالي صاحب جي علمي ۽ فڪري رمزن تي راءِ ڏيندو هو جڏهن سائين ڪاڇيلو صاحب ترقي پسند سوچ جو قائل هو. پر مولانا جي تعريف مان نہ ڍاپندو هو.

اهي تہ اسان جي اسڪول جا ڏينهن هئا. ڪاڇيلي صاحب ۽ جمالي صاحب ولهيٽ ۾ ڪافي سال گڏ نوڪري ڪئي هئي. نيٺ اهي بہ ڏينهن

آيا جو جمالي صاحب سان رهاڻن جا موقعا مليا، سندس پهريون خطاب صوفي صادق شاهہ بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ ٻڌڻ جو موقعو مليو.
سائين زيب صوفي، جلال ڪوري، ميرحسن آريسر ۽ جي ايم پڳت. ان ڪانفرنس جا سينگاريندڙ هئا.
جمالي صاحب اسلامي تصوف کان ويندي فلسفي جي تاريخ تي جيڪو ڳالهايو ان کي رسول بخش پليجي ۽ عبدالواحد آريسر جهڙا ترقي پسند اسڪالر بہ ساراهيندا رهيا.
سائين جمالي صاحب عمرڪوٽ جي انسائيڪلوپيڊيا آهي جنهن هن خطي جي ماڻهن جي وک وک تي خدمت ڪئي آهي ۽ رواداري جي راهہ ڏيکاري آهي.
عمرڪوٽ مختلف مذهبن جي ماڻهن جو گلدستو آهي دنيا جي ٻين مذهبن سان گڏ اسلام جي مختلف سلسلن جا بہ هتي سڀ سلسلا موجود آهن.

اهڙي ماحول ۾ لطيف چواڻي.
مون کي مون پرين، ٻڌي وڏو ٻار ۾
ايا ايئن چون، متان پاند پسائيين.

هن ماڻهو پنهنجو دامن ۽ پاند پسائڻ کان بچايو آهي. سڀني کي گڏ ڪٽي هلڻ جا جتن ڪيا آهن. سائين جمالي صاحب وڏو عالم ۽ مفتي هجڻ سان گڏ هڪ وطن پرست انسان بہ آهي جنهن جي من ۾ هميشہ وطن جي لاءِ حب رهي آهي.

منجهان منهنجي روح
جي وڃي ساجن وسري
تہ مر لڳي لوءِ ٽر ٻاٻيهو ٿي مران.

سائين جمالي محبتن جو سفير ۽ رواداريءَ جو علمبردار آهي،
الله تعاليٰ کيس تندرستي عطا ڪري هو سدائين حق ۽ سچ جي پيرَ وڪاري ڪندو رهي. آمين.

ڪرڪٽا لاهي ويٺا نہ وريام،
صبح توڙي شام، پنڌ پريان جي پارجا
..

# سنڌ جو هڪ عالم، اديب ۽ مفڪر

**حافظ اياز آريسر**

سنڌ جي ڌرتي هر دور ۾ اهڙا ماڻهو ڄڻيندي رهي آهي جيڪي عالمي سطح تي علم ۽ عرفان جا مرڪز مڃيا ويا آهن. ٺٽي شهر ۾ واقع دبگير جي جهوني مسجد پڻ انهن جي علمي ڪاريگري جي اکين ڏٺي شاهد آهي. مڪلي جو پيٽل قبرستان پنهنجي ڇاتي ۾ الائي ڪيترا علم ۽ ادب جا پهاڙ لڪائي ويٺو آهي. ديني درسگاهن ۾ پڙهايا ويندڙ ڪيترن ئي ڪتابن تي علامه ابو الحسن سنڌي جو لکيل حاشيو "حاشيته السندي" جي نالي سان مشهور و معروف آهي. حضرت مولانا حسين احمد مدني رحه پنهنجي شهر آفاق ڪتاب "نقش حيات" ۾ لکن ٿا ته "علماءِ عرب اسان برصغير جي علماء جي عزت انهي ڪري به ڪندا هئا جو اهي علماءِ هند جي ڪجه عالمن سميت علامه عابد سنڌي جي علمي صلاحيتن کا پڻ متاثر هئا". شيخ الاسلام علامه محمد هاشم ٺٽوي صاحب رحه پنهنجي دور جا ايڏا ته وڏا عالم هئا جو سندس علمي سڪو عرب توڙي عجم تي اهڙو ته ويٺل هو جو اڄ به پوري دنيا ۾ ٺٽوي صاحب رحه جا ڪتاب ڪتب خانن جا زيور بڻيل آهن. علامه محمد هاشم ٺٽوي صاحب رحه جي شاگردن واري سلسلي جي ڪڙي هن وقت جي هڪ جهوني عالم، مفڪر ۽ اديب تائين اچي پهچي ٿي، جيڪو عمرڪوٽ جي هن تاريخي قلعي جي مک دروازي جي دامن ۾ اڏيل هڪ پراڻي مسجد ۾ سالن کان پيش امامت وارو فريضو سرانجام ڏيئي رهيو آهي، جنهن کي پوري سنڌ ۾ "جمالي صاحب" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. سندس پورو نالو عبدالرحمن، سن 1934ع ۾ جاوا ۽ ولهيٽ جي مدرسي ۾ تعليم پرايائون. پاڻ جمالي ذات جي "زوڙ"

نالي نک سان واسطو رکن ٿا. انهي ڪري پنهنجي پاڻ کي عبدالرحمن زوڙ جمالي لکڻ پسند ڪندا آهن. پاڻ علم فقہ اصول فقہ علم فلسفو ۽ منطق سان گڏو گڏ حديث جي هڪ اهڙي منفرد سند رکن ٿا جيڪا کين واسطي در واسطي وچي علامہ محمد هاشم صاحب رحہ سان جوڙي ٿي. انهي سند جي اعلي حيثيت هئڻ ڪري نہ صرف پاڪستان بلڪہ هندستان، بنگلاديش ۽ عرب ملڪن کان ايندڙ لڳ ڀڳ چار هزار (4000) عالم ۽ طالب علم اها سند حاصل ڪري چڪا آهن. جمالي صاحب جو علم ادب سان چولي دامن وارو رشتو هئڻ ڪري "سنڌ جي سطح جو اسڪالر" وارو مرتبو پڻ رکن ٿا. پوري سنڌ ۾ بخاري جو آخري درس هجي يا حافظن جي دستار، صادق فقير جو سيمينار هجي يا منٺار فقير جو مشاعرو، پي ٽي الف جي گڏجاڻي هجي يا عمرڪوٽ ۾ هندو مسلم فساد جو نبيرو، هر موڙ تي ڪليدي ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن. جمالي صاحب جو ڳاڻيٽو سنڌ جي انهن جهونن اديبن مان صف اول جي طور تي ٿيندو آهي. جيڪي تاريخ جا ماهر، زبان ۽ بيان جا بي تاج بادشاهہ چئجن تہ بہ مبالغو نہ ٿيندو. هڪ دفعي اديبن ڪو ميڙاڪو ڪوٺرايو جنهن ۾ موضوع بحث حضرت انسان هو، انهي پروگرام ۾ جمالي صاحب کي بہ مدعو ڪيو ويو. (حالانڪہ اڄ ڪلهہ جي پروگرامن ۾ نوان اديب پنهنجو قد ڪاٺ گهٽجڻ جو خدشو محسوس ڪندي اهڙن ڏاهن جو اچڻ پسند ڪونہ ڪندا آهن. ) جمالي صاحب ان موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ اسٽيج تي ايندي ئي سامهون ويٺلن کان سوال ڪندي پڇو تہ انسان جو ضد ڇا آهي؟ پوءِ جواب ۾ اتي ويٺلن منجهان ڪن لاعلمي اختيار ڪئي تہ ڪن انسان جو ضد جانور تہ ڪن حيوان چيو. جمالي صاحب نفي ۾ ڪنڌ هلائيندي وراڻيو تہ ضد ان کي چئبو آهي جنهن ۾ سامهون واري جي ڪا بہ صفت نہ لڌي وڃي. جڏهن تہ انسان ۽ جانور  کائڻ ، پيئڻ، اکيون، نڪ ،ڪن، ڏند ۽ ٻين ڪيترن ئي ڳالهين ۾ مشترڪ آهن. پوءِ پاڻ جواب ڏيندي فرمايو تہ انسان جو ضد

“شيطان” آهي. ان کان بعد ۾ جمالي صاحب انسان جي موضوع تي اهڙو تہ شاندار بحث ڪيو جو وچي ٿيا خير....!

حيدرآباد ۾ ايران جي سفيرن هڪ پروگرام ڪرايو جنهن ۾ جمالي صاحب کي بہ دعوت ڏني وئي، جمالي صاحب اُتي ويٺل فارسي زبان ڳالهائيندڙ سفيرن جو لحاظ ڪندي فارسي ۾ پڻ تقرير ڪئي جنهن ڪري اُتي ويٺلن کي سائين جن جي فارسي داني تي عبور هئڻ جو بہ پتو پيو.

هونئن بہ جمالي صاحب جي عام گفتگو ۾ فلسفو ۽ منطق ائين پيو ترندي نظر ايندو آهي جيئن مولانا آزاد رحہ جي زبان تي بنا ڪنهن سوچڻ جي ادبي الفاظ جاري ٿي پوندا هئا. اج ڪلهہ سائينجن بيماري سبب گهٽو هلڻ ڦرڻ کان وڌيڪ بستر کي پسند ڪندا آهن. الله تعالي کيس صحت عطا فرمائي ۽ تادير سائينجن جو سايو اسان جي مٿان قائم رکي. آمين.

# مولانا عبدالرحمان جمالي علم جو انسائيڪلوپيڊيا

عبدالرئوف سومرو

دنيا ۾ ڪي انسان اهڙي املي ۽ عاليشان ڪردار جي روپ ۾ جنم وٺي حد آهن پنهنجو اعلي مقام جوڙي وٺندا آهن تہ سمورو سماج سندن نہ صرف انهن خطتبن جي ڪري مداح بڻجي پوندو آهي بلڪ جيءُ ۾ جايون ڏيڻ شروع ڪندو آهي پر جي اهڙن انسانن جو تعلق مذهبي رشتن سان ڳنڊيل هجي تہ اهي مزيد محترم ۽ مبترڪ بڻجي پوندا آهن. آئون سمجهان ٿو تہ اها اسانجي ضلعي عمرڪوٽ جي خوشقسمتي آهي جو اهڙن شخصن جي مذهبي، علمي تدريسي ۽ انساني قدرن علائقي واسين کان وٺي ڪري سموري سنڌ کي متفيق پئي ڪيو آهي انهن اڎول ۽ املھ ڪردارن مان حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي جو نالو ڪنهن کان بہ ڳجهو ناهي هن ماٺهو جي جنم جي مٽيءَ جو مرڪز لسٻيلي بلوچستان آهي پر قدرت واري پڙهائي جو انتظام ضلعي ميرپورخاص جي ڪاماري شريف ويجهو غلام حيدر سريوال ۾ ڪرايو اتي نومسلم استاد جي پيشوارانہ صلاحيتن ۽ درس وتدريس جي طور طريقن مولانا کي موهي وڌو بنيادي تعليم ۾ پير پختا ڪرڻ ڪري پاڻ سنڌيءَ تي عبور حاصل ڪيائون پر والدين جي وري لڏپلاڻ سبب ڪاماري شريف کان کهي اچي ولهيٽ جا وڻ وسايائون جتي جي ديني ۽ دنيوي تعليم اڳئي عروج تي هئي تہ مٿان وري مولانا جمالي جهڙو پاڙهو ماڻهو سو ان علمي ماحول جو ڀرپور فائدو وٺندي ديني توڙي دنيوي تعليم اعلي پوزيشن سان پاس ڪيائون، حضرت مولانا

عبدالسميع ساند رح جي زير تعليم پاڻ سنڌي توڙي عربي ٻنهي شعبن ۾ دسترس حاصل ڪري ورتائون ياد رهي ته حضرت مولانا عبدالسميع ساند رح پاڻ سنڌي جا ته بهترين آخوند هئا پر ان سان گڏوگڏ عربيءَ ۽ فارسي ۾ اعلي پايي جا عالم هئا ته عبدالسميع جهڙي استاد جي شفقت هيٺ مولانا عبدالرحمان جمالي کي پنهنجا جوهر ڏيکارڻ جو شاندار موقعو مليو. پاڻ پنهنجي استاد جي نقش قدم تي هلندي نه صرف پرائمري جا عظيم استاد بڻيا بلڪ ديني ڪتابن تي دسترس حاصل ڪري سنڌ جا مذهبي اسڪالر ٿي اڀري آيا. سندس تحرير توڙي تقرير ڪان ويندي درس وتدريسي جهڙي گورک ڌنڌي ۾ به ڪو ثاني ناهي جيئن شيخ اياز چيو ته.

ڪوڪو ماڻهو مون ڏٺو جهڙو چوڏهين چنڊ
هرڪا مندن منڊ، هرڪا اک نه آئڙي.

هن چيز کي اول حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي جي جمعي جي واعظ ۾ علمي ۽ فلسفي بيانن بيحد متاثر ڪيو اهڙي ريت باقاعدگيءَ سان جامع مسجد عمرڪوٽ ۾ هر جمعي جي ڏينهن وڃڻ ٿيندو هو ۽ اتي مولانا جي ڪيل بيان ڇا علم جو ڀنڊار محسوس ٿيندو هو پاڻ عربي،فارسي ۽ سادي سولي سنڌي ۾ جڏهن تقرير ۾ شعلبر بياني ڪندا هئا ۽ ( هاڻي صنحيف هئڻ ڪري پاڻ اهو ڪم سرانجام نٿا ڏيئي سگهن. ) ته سچ پڇو ته علم سطحي علم وارو ماڻهو ته ڪٿي پتو بحر ۾ غوطا کائيندو هو پر نيڪ ناڪ علم جا پارکو پڻ انهي علم جي ساگر ۾ ٽٻيون هڻي وڃي بهشڪل گهرائيءَ ۾ وڃي ڪو موتي ميڙي اچن ته ڪٿي به علم جو انت نه ايندو جيئن سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح فرمايو ته.

سيوا ڪر سمنڊ جي جت جر وهي ٿو جال
سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال
جي ماسو جڙيئي مال ته پوڄارا پر ٿيئن

اهوئي سبب آهي جو جيترو وقت سنڌ جا ناليوارا اديب، ليڪڪ ۽ محقق ڊاڪٽر مظهرالحق صديقي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانيسلر رهيا، پاڻ سنڌ يونيورسٽي جي هر انهي ايونٽ ۾ جتي تصوف جي پرچار ڪانوٽي " مذهب اسلام ۾ انسانيت جا حق جهڙن اهم موضوعن تي مولانا ڪان نہ صرف مقالا لکرائي محفوظ ڪيائون بلڪ سدائين يونيورسٽي جي پروگرام ۾ مدعو ڪري مهمان خاص طور وڏي چاهہ سان جماليءَ صاحب جا دانشمنديءَ سان لبريز ليڪچر ٻڌندا هئا، وري مظهرالحق صديقي صاحب پاڻ موڪلائڻ مهل آفيس مان ٻاهر اچي سائين کي سي آف ڪري دعائن جي درخواست ڪندا هئا مونکي ياد ٿو پوي تہ صوفي فقير ۾ " تصوف " جي عنوان سان ڪا عاليشان تقريب جو انعقاد هيو ۽ آئون بہ سهيڙ جي وچي پهتس تہ ڏنم سنڌ جا نامور اسڪالر اسٽيج تي جلوه افروز هئا ۽ صدارت محترم رسول بخش پليجو صاحب پئي ڪئي تہ اچانڪ اناؤسنر تصوف تي روشنيءَ وجهڻ لاءِ مولانا جمالي صاحب کي جسارت ڏني صوفي صادق فقير جو فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب " درد نامہ " جو سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ جو اعزاز پڻ جمالي صاحب کي حاصل آهي سو جيئن ٿي پاڻ " درد نامہ " جي داستان کي " تصوف " جي تاجي پيٽي ۾ توري تڪي پيش ڪرڻ واري عمل جتي عام ٻڌندڙن کي تہ متاثر ڪيو ئي پر اسٽيج تي براجمان اسڪالرن کي بہ ڏندين آگريون اچي ويون پاڻ پنهنجي بيان کي اڌ ۾ روڪي چيائون تہ آئون هڪ ادني انسان توهان اعلي پايي جي عالمن جي وچ ۾ شايدئي اهو علم جو وکر ورهائي نہ سگهان سو بهتر ٿيندو ئي مس ڪيائين تہ سمورن اسٽيج تي اهل قلم سنڌي ٻوليءَ جي اديبن اهو اسرار ڪيو تہ سائين توهان تصوف تي ڳالهائڻ جو حقيقي حق رکو ٿا توهان پنهنجي تقرير کي جاري وساري رکو تہ جيئن اسان توهانجي ناياب نڪتن کي نوٽ ڪري تصوف جي چاهہ پري چاشني چکي سگهون ان وچ ۾ سنڌ جو نامور اديب محترم حميد سنڌي صاحب تہ اٿي بيهي مولانا کي

ڳراڻڙي پائي بار بار اسرار ڪرڻ لڳو تہ سائين توهان جهڙا املهہ انسان ۽ ڪاهوڙي پٽائي جي سٽن جيان تہ

ايا ڪي آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي واري ڪار

سنڌ جي ڪنهن ڪوني ۾ لڪيا پيا آهن توهان جنهن انداز سان تصوف جي تاڪين کي کوليو آهي ۽ عام فهم ۾ آڻي سولي سنڌي ۾ سرور پريئي سليقي سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مٿان وري هن علائقي جي صوفي بزرگ صوفي صادق فقير جي ڪتاب " درد نامہ " جي داستان کي تصوف ۾ صوفي جي شناخت سان متعارف ڪرايو آهي.

صوفي صاف ڪيو ڏوئي ورق وجود جو

تيهان پوءِ ٿيو سڄڻ ساهہ پساهہ ۾

درحقيقت اسان ماڻهن وٽ تصوف جي تهہ تائين تہ ڇا بلڪہ سطحي ليول جي ڄاڻ بہ پلئہ پئچي ناهي سگهي اهڙي ريت مولانا جمالي کي تقرير جاري رکڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو تہ هو " تصوف " تي حقيقي معني ۾ روشني وجهي ان جو حق ادا ڪري سگهي ٿو. هن ماڻهو وٽ جيترو الله پاڪ علم ۽ حلم سان نوازيو آهي تہ اوترو ئي عملي زندگي ۾ عاجزيءَ سادگي ۽ انسان دوستي جا عنصر اندر ۾ ڏٺا ويا آهن مذهبي شدت پسندي ۽ ڪٽر پڻي کان ڪوهين ڏور هي سڀا جهو عالم هر ماڻهو کي پيار ۽ پايوهہ سا پيش ايندو آهي ويندي غيرمسلم ماڻهن سان ويجهڙائپ پڻ ورثي ۾ مليل رهي آهي هميشہ ثالثي ۽ سهب واري ڪردار عمرڪوٽ ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ بيناهہ الفت ۽ عقيدت مولانا جمالي لاءِ اپري آهي مذهبي تعليم جي تہ پرچار درس وتدريس ۽ مختلف سيمينارن ۾ خصوصي ليڪچر تہ هونئن ئي بيحد مقبول آهن پر سنڌ جي حقن لاءِ قلم توڙي زبان هميشہ حرڪت ۾ رهيا آهن پاڻ جميعت علماءَ اسلام جي يو آءِ ساڻ منسلڪ هئڻ ڪري سنڌ جي اهم اشوز تي جمالي صاحب جرئت سان جرح ڪئي آهي هڪ پروگرام ۾ جڏهن شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي المناڪ شهادت

تي تعزيتي ميڙاڪو سورهيہ بادشاهہ ڪامپليڪس ۾ ڪوٺايو ويو جنهن جي صدارت حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب پئي ڪئي ۽ مهمان خاص صوبائي وزير ثقافت و سياحت سائين سردار شاهہ صاحب جن هئا. ان پروگرام ۾ جمالي صاحب اهو انڪشاف ڪيو تہ جڏهن شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومري ڪالاباغ ڊيم جي خلاف فتوي لاءِ سنڌ جا مذهبي عالم گهرايا تہ اتي هي ( مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب ) پڻ اڳيان اڳيان هو فرمائي ٿو تہ اسان قرآن پاڪ ۽ حديث مبارڪ جي روشنيءَ ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف فتوي جاري ڪئي هئي ان فتوي ۾ منهنجي صلاح لاءِ صحيح شامل هئي هن عظيم اسڪالر هڙ ان توڙي وڙان ماڻهو پنهنجي خانقاهہ تي آيل مهمان کي مان مرتبو ڏيڻ سان گڏ حال آهر خاطر تواضح پڻ ڪندو اچي. جيڪا سنڌ جي ورهين کان شناخت رهي آهي ديني مدرسن ۾ تعليم ڏيڻ هر ماڻهو سان خوش اخلاقي سان پيش اچي تعلقاتن کي نڀاهڻ ۽ هر شادي غمي ۾ شامل ٿي ميل ميلاپ کي قائم رکڻ پڻ هن جي مزاج جو حصو رهيو آهي حالانڪہ هن وقت پاڻ صنعيف آهن پر پوءِ علمي ڪتابن سان زوق ۽ هرمسئلي کي کولي سمجهائڻ وارو فن ڪو هن کان سکي بقازوئي پروفيسر حافظ نورمحمد نهڙي صاحب جيڪو سائين جمالي صاحب جي زندگي تي بايوگرافي سهيڙڻ ۾ مصروف عمل آهي سان گڏجي مولانا صاحب جي زيارت ٿي اتي مون ڪجهہ مسئلا پڇيا پر هڪ عالم مولانا صاحب جيڪو حيدرآباد کان ڪهي اچي ايم فل جي ٿيسز تي معلومات مان مستفيد ٿيڻ لاءِ آيو هو پاڻ بہ موج ۾ هئا ۽ علم جا واهڙ پئي واهيائون تہ سچ پچو ڏاڍو لطف اندرز ٿياسون. مولانا انهي عالم اڳيان سموري سنڌ جي تاريخي ثقافتي سياسي ۽ مذهبي موضوعن تي لب ڪشائي پئي ڪيائون تہ اسان پارا همراهہ تہ دنگ رهجي ويا تہ هي رڳو مذهبي عالم جي تائين محمود ڪونهي پر مختلف تاريخي سياسي سماجي ۽ جاگرافيائي حدن ۽ حوالن سان سرشار هي انسائيڪلوپيڊيا

نظر آيو ۽ اسان آخر ۾ پروفيسر نورمحمد صاحب کي عرض ڪيوسون تہ سائين جي حياتي ۾ علم جي گوهر انشانيءَ کي قلم بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو تہ جيئن ايندڙ نسل سندن علمي تحريرن بتحرين ۽ واقعن کان نہ صرف فيضياب ٿئي پر گڏوگڏ ٻيا عالم سگهورا پڻ شال انهي واٽ تي هلڻ ۽ عمل ڪرڻ جي همت ڪن اهڙا ماڻهو دنيا ۾ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن شال الله پاڪ سندن زندگيءَ ۾ برڪت وجهي ۽ پاڻ پنهنجي صلاحتين کي نروار ڪندا رهن.

- علامہ جمالي عمرڪوٽ ۾ مذهبي رواداري جو هڪ آدرش آهي............

پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري

- اسين ڪيترا ڪم عقل جو هن علم جي درياءَ جي ڪپ تي ويٺا اڄ ا ڄ ڪريون

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

- مولانا عبدالرحمان جمالي جي سماجي رواداري وارو ڪردار تمام مثاهون آهي

پروفيسر نور احمد جنجهي

- عمرڪوٽ ۾ جنهن شخص هر مذهب، فرقي، نسل ۽ ذات پات جي ماڻهن کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لاتو آهي سو مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب آهي.......... زيب صوفي
- پاڻ هر قسم جي تعصب کان بالاتر آهي ........................................ آزاد سميجو
- سائين جا فيصلا ۽ فتوائون پوري علائقي واسين لاءِ رحمت جو سبب بڻيل آهن.....

پروفيسر حافظ نورمحمد نهڙي

- عمرڪوٽ شهر جي هر هندو، مسلمان، سک، عيسائي ۽ ڪميونسٽ جون اڪيون ساڳئي ۽ هڪجهڙي احترام سان سندس آڏرياءُ رڳو انڪري ڪنديون آهن جو هو سيني جو ”سچڻ“ آهي. ........................................عبدالحليم سومرو
- عبدالرحمان جمالي صاحب دور حاضر جو معتبر خطيب ۽ هاڪارو عالم آهي

پريتم پياسي

- هو ڪليل ڪتاب جيان آهي جنهنجي هر صفحي تي انسانيت جا نقش چٽيل آهن....

سردار پيو

- هن جي سوچ ۽ ڪردار عمرڪوٽ جي ماڻهن لاءِ پرئي پاڪر وانگر رهيو آهي

بنسي مالهي

- هن هر مذهب ۽ مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي دلين ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪري ورتو آهي............................................................. ممتاز آريسر
- منطق جي بنياد تي معاملن جو تز تجزيو رڳو جمالي صاحب ئي ڪري سگهي ٿو.

الياس ٿري

- جمالي صاحب جيڪو ڳالهايو انکي رسول بخش پليجي صاحب ۽ عبدالواحد آريسر صاحب جهڙا ترقي پسند اسڪالر بہ ساراهيندا رهيا................ خطائي ٽيبو